عليه وسلم جو بهترين نمونو ۽ اتم مظهر هئي. هونئن به اولياءَ الله کي سنت پاڪ کان وڌيڪ پيارو ٻيو ڪوبه عمل نه هوندو آهي. ليڪن حضرت پير سائين جن کي خدا پاڪ سنت رسول سان اهڙو ته پيار ۽ محبت جو جذبو عطا فرمايو جو زبان بيان ڪرڻ ۽ قلم لکڻ کان قاصر آهي، جيڪو سنت پاڪ تي استقامت ۽ پيار جو جذبو کين ورثي ۾ مليو، سو سندن زندگيءَ جي هر شعبي ۽ حصي تي اهڙو ته حاوي رهيو، جو ان جو اثر سندن معتقدن ۾ به نمايان ڏسڻ ۾ آيو.

سندن ملفوظات شريف ۽ مڪتوبات جي مطالعي سان اها ڳالهه چگيءَ ريت معلوم ٿي آهي ته سنت پاڪ تي خبرداريءَ ۽ هوشياريءَ سان عمل ڪرڻ، سندن زندگي مبارڪ جو اهم شيوو رهيو آهي. هڪ دفعي جو واقعو آهي ته ميان عبد الجليل شاهه صاحب (جيڪو لنواري واري بزرگ حضرت مخدوم محمد زمان رحمة الله تعالىٰ عليه جومريد هيو) عرض ڪيو ته حضرتا! سائين جن جي جماعت جا ماڻهو مٿي جا وار ڪونه ٿا ڪوڙائين، تنهن جو سبب ڇا آهي؟ تڏهن پاڻ نقل بيان ڪندي فرمايائون ته هڪڙو مسخرو شخص فرعون وٽ رهندو هيو. ان مسخري شخص جي عادت هوندي هئي ته هو پنهنجي شڪل حضرت موسي عليه السلام جهڙي ناهي مٽن ٽوڪون ۽ مسخري ڪندو هيو ۽ ماڻهن کي حضرت موسىٰ عليه السلام جون نقليون ڪري ٻڌائيندو هيو. آخر جڏهن فرعون غضب الهٰي سبب پنهنجي سيني سائين سميت نيل درياءَ ۾ ٻڏي ويو. تڏهن اهومسخرو خدا پاڪ جي قدرت سان درياءَ ۾ ٻڏڻ کان بچي ويو. پوءِ جڏهن موسىٰ عليه السلام ان مسخري کي صحيح سلامت درياءَ جي ڪناري تي ڏٺو ته خدا پاڪ جي درگاهه ۾ عرض ڪيائين ته اي الله پاڪ! مون کي جيڪو ايذاءَ ۽ تڪليف هن مسخري کان پهتي آهي ايتري فرعون کان به ڪانه پهتي اٿم. تڏهن به هي مسخرو ٻڏڻ کان صحيح سلامت بچي ويو آهي، ان جو سبب ڪهڙو آهي؟ تڏهن حضرت موسىٰ عليه السلام کي غيبي الهام ٿيو ته اي موسىٰ! اهو شخص (مسخرو) توڙي جو توتي ٽوڪون، نقليون ۽ مسخريون ڪندو هيو، پر تو جهڙي شڪل ۽ صورت ناهيندو هيو ۽ تون منهنجو دوست آهين پوءِ جيڪو شخص توجهڙي شڪل ناهيندوهو، هاڻي ان کي ڪيئن ٻوڙيان!!

حضرت جن اهو نقل بيان فرمائيندي ميان عبد الجليل شاهه کي فرمايو ته "جڏهن اهڙو مسخرو به جيڪو حضرت موسىٰ عليه السلام جي ظاهري متابعت ڪري ٻڏڻ کان بچي ويو ته پوءِ حضرت سيد المرسلين صلي الله عليه وسلم جي متابعت ڪندڙ کي ڪهڙو نه ذوق شوق جو انعام عطا فرمايو ويندو." (۱)

(۱) ملفوظات (مترجم) جلد -۱- ص ۸۳

www.maktabah.org

سندن ان فرمودي جو مطلب اهو هيو ته اسان جا مريد سنت پاڪ جي متابعت ڪندي وار نه ڪوڙائيندا آهن،پوءِ خدا پاڪ کين متابعت سببان ضرور اجر بخشيندو.

حضرت پير سائين جن اٺ، ويهڻ، هلڻ، ڦرڻ، ڪائڻ،پيئڻ، ڳالهائڻ بولهائڻ، غرض هر هڪ ديني تورِّي دنياوي معاملي ۾ سنت نبوي ۽ مسنون طريقي کي هٿان نه ڇڏيو، بلڪ جڏهن به کين ڪو اهڙو وقت ميسر ٿيندو هيو ته ان کي غنيمت سمجهندي عمل فرمائيندا هيا ۽ نندڙي کان نندڙي سنت نبوي تي عمل ڪندي خوشي محسوس ڪندا هيا ۽ پنهنجي پالٽهار جا شڪرانا بجا آڻيندي فرمائيندا هيا ته "اي پالٽهار! تنهنجا لکين احسان جو سنت پاڪ تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمايئي. ۽ پڻ اهو به فرمائيندا هيا ته بنهي جهانن ۾ ڪاميابي ۽ بهبودي حاصل ٿيڻ سنت پاڪ جي متابعت کان سواءِ محال آهي.

خليفي محمود نظاماڻي رحمةَ الله تعاليٰ عليه کان منقول آهي ته پاڻ جڏهن پوڻين بي خوشائيءَ ۾ تمام گهڻو بيمار هئا، تڏهن خميس جي ڏهاڙي منجهند جي وقت هڪڙي فقير سندن هٿن مبارڪن جي اڳرن جا ننهن پي ورتا. پاڻ اهو ڏينهن گذرڻ بعد جمع رات وصال فرمايائون. انهيءَ وقت بيماريءَ جي گهٽائيءَ سبب کين دنيا جي ڪنهن به ڪم ڪار جي سڌ ڪانه هين.بلڪ اکيون مبارڪ بند ڪيو ۽ آرام ۾ ستل هيا. پوءِ جڏهن فقير پهريائين چيڇ کان ننهن ونڻ لڳو(جيڪو مسنون ترتيب جي خلاف آهي) تڏهن پاڻ هڪدم فقير کان چيڇ ڇڏائي اشهد اگر ڪيس اڳتي ڪري ڏنائون. پوءِ سيئي اگريون مبارڪ مسنون طريقي موجب ڏينداويا.حالانڪ سندن اکيون مبارڪ انهيءَ طرح پوريل هيون ۽ پاڻ استغراق ۾ هئا (۱)

خليفي صاحب تڏهن تعجب مان فرمايو آهي ته حضرت جن جي آخري وقت ۾ سنت نبوي عليه الصلواة والسلام تي خبرداريءَ سان استقامت جو اهوحال هيو جوعقل دنگ رهجيو وڃي ،۽ اهڙي وقت ۾ سنت پاڪ جو يادگيرو سندن علو مرتبت ۽ شان جو واضح ثبوت آهي.

حضرت شبلي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي خادم کان ڪنهن شخص پڇيو ته ڇا تون شيخ صاحب جي وفات وقت موجود هئين؟ خادم جواب ڏنو ته جڏهن شيخ صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي وفات جو وقت ويجهو ٿيوتڏهن سندن زبان مبارڪ بند ٿي وئي ۽ منهن تي موت جو پگهر ظاهر ٿيو ته پاڻ مون کي اشارو فرمايائون ته مون

(۱) ملفوظات (مترجم) جلد -۱- ص۹۰

www.maktabah.org

کي وضو ڪراءِ. پوءِ مون کين وضو ڪرايو. ليڪن مون کان سندن ڏاڙهيءَ جو خلال ڪرڻ وسري ويو ته ان وقت هڪدم شيخ صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه منهنجو هٿ وڻي منهنجي آڱرين سان پنهنجي ڏاڙهيءَ جو خلال ڪرڻ جو اشارو فرمايو (۱)

سبحان الله! الله پاڪ جي پيارن جو ڇا شان آهي جو وفات جي وقت به سنت نبوي عليه الصلواة والسلام جو خيال دامن گير رهين ٿو.

الله پاڪ جي دين ۽ سنت نبوي عليه الصلواة والسلام کي جيارڻ لاءِ حضرت روضي ڏٽي رحمةَ الله عليه جن به پنهنجي حياتيءَ جو هرهڪ لمحو اهڙي ريت صرف ڪيو، جو هن ناقص عقل جي پروڙ ڪان مٿي آهي. سندن روحاني زندگيءَ ۾ جيڪو عروج آيو اهو سنت رسول صلي الله عليه وسلم جي پيروي ۽ متابعت جو نتيجو هيو.

حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جي اعمال ۽ اقوال جي پيروي ۽ تابعداريءَ جي ڪري سندن روحاني منزل کي طي ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي رهي. بالاخر کين الله تعاليٰ اهڙو مرتبو بخشيو جو دنيا جا امام بنجي ويا ۽ صدين گذرڻ جي باوجود سندن نالو هر نندي وڏي جي زبان تي عام آهي.

حضرت پير سائين رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن فرمائيندا هئا ته الله تعاليٰ جا جيڪي اسان تي احسان آهن ۽ اسان کي جيڪو عزت ۽ مرتبو بخشيو آهي، اهو سڀ ڪجهه صرف سنت پاڪ تي استقامت ۽ مضبوطيءَ سان ڪاربند رهڻ جي سبب ڪري آهي.

ان ڳالهه کي علامه قاسمي صاحب جن الرحيم مشاهير نمبر ۾ هن طرح ذڪر ڪيو آهي ته "جهڙيءَ طرح امام رباني هند ۾ بدعت ۽ شرڪ جي خلاف جهاد ڪري سنت کي زور ونايو ۽ ماٺهن ۾ پيغمبر پاڪ جي اصحابن سڳورن جي محبت ۽ عزت ڪرڻ واري جذبي کي جاڳائي غلط عقيدن جي پاڙ پٽي ڇڏي، اها ساڳي صورت هتي سنڌ ۾ به پيش آئي. هن سلسلي ۾ پير سيد راشد روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه به اهڙو ئي ڪم ڪري ڏيکاريو (۲)

حضرت پير سائين جن جي ملفوظات شريف جي مطالعي مان سندن زندگي مبارڪ ۽ سيرت پاڪ جا اهڙا لمحا ڏسڻ ۾ اچن ٿا جن مان معلوم ٿو ٿئي ته کين احياءِ سنت جو شوق ايتري حد تائين هيو جو ڪنهن به صورت ۾ سنت کي ترڪ نه ڪيائون، بلڪ هر حال ۾ سنت پاڪ کي سيني سان سانديو آيا.

هڪ دفعي سياري جي موسم ۾ ٽڏ به تمام گهٽي هئي. سندن

(۱) عوارف المعارف مترجم اردو ص۱۹۴
(۲) الرحيم مشاهير نمبر ص۲۳ سال ۱۹۶۶ع

www.maktabah.org

خدمتگذار موليڏني فقير، پير سائين جن جي وضو ڪرڻ لاءِ باهر جي پرسان جاءِ ناهي تيار ڪئي، پاڻ جنهن وقت وضو ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا تہ سندن وضو ڪرڻ واري نهيل جاءِ اهڙي طرح نهيل هئي جو قبلي ڏانهن منهن ڪري وضو نہ ٿي ڪري سگهيا. حالانڪہ سندن عادت هوندي هئي تہ هميشہ قبلي ڏانهن منهن ڪري وضو فرمائيندا هئا. موليڏني فقير کين عرض ڪيو تہ حضرتا! باهر جي پر ۾ ويهي وضو فرمايو. پاڻ فرمايائون تہ سنت جو ترڪ نہ ڪنداسون ۽ پاڻ باهر ٽڏ ۾ نڪري وضو فرمايائون. (۱)

حضرت جن کي سنت پاڪ تي عمل ڪندي جيڪا فرحت ۽ اطمينان حاصل ٿيندو هيو، سو ٻئي ڪنهن بہ ڪم جي ادائگي مان ڪونہ ملندو هئن. کين جڏهن بہ ڪنهن سنت کي پوري ڪرڻ جو ڪو موقعو مليو تہ، ڪمال محبت ۽ پيار سان ان سنت کي ڪما حقہ پوري ڪرڻ ۾ ڪا بہ ڪسر نہ ڇڏيائون. ان وقت سندن خوشي ۽ مسرت جي ڪا حد ئي ڪانہ هوندي هئي جنهن جو بيان ڪري سگهجي. هميشہ سندن سامهون اهو مقصد رهيو تہ سنت رسول مقبول صلي الله عليه وسلم، فرائض، واجبات ۽ مستحبات جي ادائگي ۾ اولين حيثيت رکي ٿي، جيڪو بہ عمل سواءِ سنت پاڪ جي ڪبو تہ اهو عند الله احسن طريقي سان قبول ناهي.

هڪ دفعو لاڙ جي سفر دوران حيدرآباد ۾ سيد مقبول شاهہ جي مسجد ۾ تشريف فرما هئا ۽ توڪل ۽ ترڪ بابت وعظ ۽ نصيحت ٿي فرمايائون تہ ان وقت سيد مقبول شاهہ خواجہ عبيد الله احرار ۽ حضرت سليمان عليه السلام جو مثال وچ ۾ آندو. تڏهن پاڻ فرمايائون تہ توڙي اهي ولي ۽ نبي سڳورا ظاهري اسبابن جا مالڪ هئا، ليڪن اسان کي نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم ڪان سواءِ ٻئي ڪنهن جي قول ۽ نقل ڏانهن نظر ناهي ڪرڻي، بلڪ حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي قرب ۽ محبت طلبيءَ واسطي پيروي ڪرڻ ضروري آهي (۲)

تاريخ اسلام ۾ سيرت نبوي جا سوين واقعا محفوظ آهن، جن مان معلوم ٿو ٿئي تہ پاڻ ڪريمن بيمار ۽ زخمي دلين جو ظاهري ۽ باطني طرح علاج فرمايائون، ڇوتہ پاڻ ڪريمن حڪيم هئا ۽ کين خدا پاڪ علم و حڪمت عطا فرمائي هئي. پوءِ بيمار ۽ مرده دلين کي زنده رکڻ واسطي پنهنجي سنت پاڪ کي لازم قرار ڏنائون.

اهڙي طرح حضرت پير سائين جن بہ روحاني طبيب هئا کين چگي طرح پروڙ هئي تہ بيمار ۽ مرده دلين جي شفا واسطي رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم

(۱) ملفوظات (مترجم) جلد -۱- ص - ۱۰۲
(۲) ملفوظات مترجم سنڌي - جلد اول ص ۹۰

جو ڏسيل طريقو اکسير آهي. پاڻ هڪ دفعي فرمايائون ته سنت نبوي عليه السلام جي متابعت جي پلائين جي کا حد ۽ حساب کونهي، بلڪ شمار کان زياده آهن. جيئن باطني فائدو اهو حاصل ٿيندو جو محبوب حقيقي جي وصال واري نعمت بيمثال کان مشرف ٿيندو، ۽ جڏهن ته طب جو خلاصو به منجهس اچي وڃي ٿو. تنهن ڪري سنت تي استقامت رکندڙ، ظاهري مرضن کان به امن ۽ حفاظت ۾ رهندو. پاڻ وڌيڪ فرمايائون ته ان مان صاف معلوم ٿئي ٿو ته سنت جي متابعت سان ظاهري ۽ باطني سيني مرضن ۽ تکليفن کان محفوظ رهي سگهجي ٿو(۱)

حضرت جن پنهنجن مريدن ۽ معتقدن جي تربيت ۽ اصلاح جو طريقو سنت نبوي عليه الصلواة والسلام جي نموني تي مقرر فرمايو. جيڪو به ڪم کين سنت پاڪ جي خلاف نظر ايندو هيو ته ان کان پرهيز ڪرڻ لاءِ سختي سان حڪم فرمائيندا هئا ۽ سندن سامهون روزمره جي معمولات ۾ به سنت پاڪ تي عمل ڪرڻ تمام ضروري هوندو هو. پوءِ چاهي چا به ٿئي پوي، ليڪن سنت پاڪ کي هٿان نه ڇڏيائون.

خدا پاڪ سان محبت جو انوکو مثال:

تصوف ۽ سلوڪ جي تاريخ ۾ عشق، محبت ۾ جذب جا اهڙا سوين داستان جڳ مشهور آهن، جن کي ڄاڻڻ بعد، انساني عقل ۽ فهم بيوس معلوم ٿو ٿئي.

الله وارن پيارن بزرگن، ولين، عشق الاهي جي حصول ۽ وصال ماڻڻ واري محبت ۾ درپيش ايندڙ هر شيءِ کان نفرت جو اظهار فرمايو آهي. رڳو ائين نه، بلڪ محبت الاهي واري جذبي ۾ پنهنجي وجود ۽ الله کان سواءِ هر چيز جي نفي ڪري فنا في الله کان پوءِ بقا بالله جي درجي تي متمڪن رهي، ٻنهي جهانن ۾ سرفراز زندگي بسر ڪندي، رهندي دنيا تائين امر بنجي ويا آهن.

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحمةَ الله تعالىٰ عليه جن جي سوانح حيات تي نظر وجهڻ سان اهو ساڳيوئي جذبو اتم درجي جو معلوم ٿئي ٿو. سندن زندگيءَ جو هر هڪ لمحو ۽ هر گهڙي ياد الاهي ۽ عشق الاهي ۾ صرف ٿيندي رهي. کين خدا تبارڪ وتعالىٰ پنهنجي محبت ۾ اهڙو ته سرگردان بنائي ڇڏيو جو کين پنهنجي وجود جي به کا خبر کانه هوندي هئي.

خليفي لقمان کان منقول آهي ته خليفي عبدالرحمٰن سيدپور واري جو هڪ فرزند جيڪو تمام حسين و جميل ۽ نيڪ صالح هيو سو وفات ڪري ويو. جنهن

(۱) ملفوظات سنڌي مترجم جلد ۱ ص۹۷

www.maktabah.org

ڪري سندن دل هميشه پريشان رهڻ لڳي. ان مون کي حضرت جن کان دعا ڪرائڻ لاءِ عرض ڪيو هو. پوءِ هڪ دفعو جڏهن مان حضرت جن سان ريگستان جي سفر دوران گڏ هوس، تڏهن کين، خليفي عبدالرحمن جي پٽ جي وفات بابت ،۽ پريشان رهڻ واري حالت عرض رکندي دعا لاءِ درخواست ڪيم، تڏهن حضرت جن پنهنجو واقعو خليفي لقمان کي هن طرح بيان ڪري ٻڌايو ته "اسان جو صاحبزادو ميان محمد ياسين رحمةَ الله تعاليٰ عليه حسين ۽ سٺن اخلاقن وارو هيو ۽ نندڙائپ ۾ ئي حقيقي علم به ان جي دل تي روشن هيو ۽ ڪشف ۽ رات جو جاڳڻ به ڪيس نصيب هيو. ايتري قدر جو صبح جي وقت اسان کي ننڊ مان سجاڳ ڪندو هو، جنهن ڪري اسان جو به ساٿس پيار، محبت، حد کان وڌيڪ هوندو هيو. هڪ ڏينهن قرب محبت جي ڪري مون ان کي پاڪر پاتم ته هڪدم دل ۾ خيال آيو ته مان هي ڇا ٿو ڪريان، جو الله تعاليٰ جي محبت سان گڏوگڏ پنهنجي پٽ جي محبت کي شريڪ ڪري ڇڏيم، ۽ الله تعاليٰ غيور آهي جيڪو پنهنجي محبت سان گڏ ٻئي جي محبت کي پسند نه فرمائيندو آهي." حضرت جن فرمايو ته "ان وقت الله تعاليٰ کان استغفار ڪرڻ ڇاهيم، ليڪن دوبارو خيال آيو ته توبهه ڪرڻ جي معنيٰ هي آهي ته پاڻ کي گناهن جي سزا کان آجو ڪرائڻ آهي، ڇو ته نفس کي گناهه جي سزا جزا تمام ڏکي لڳندي آهي. ان ڪري نفس جي مخالفت ڪندي گناهه جي سزا ملڻ جو انتظار ڪري خاموش رهيس ته جيئن الله تعاليٰ غيور آهي ۽ جيڪڏهن الله تعاليٰ جو اسان سان قرب هوندو ته پاڻهئي انهيءَ جي سزا ڏيندو. آخر ٻئي ڏينهن ان صاحبزادي کي بخار ٿي پيو ۽ رات بخار جي حالت ۾ فوت ٿي ويو." حضرت جن فرمايو ته "ان صاحبزادي جي فوت ٿيڻ کان پوءِ شڪر ڪيم، جو ان جزا جو ظاهر ٿيڻ الله تعاليٰ جي قرب تي دلالت ڪري ٿو"(۱)

مٿئين نقل معلوم ڪرڻ کان پوءِ حضرت جن جي اعليٰ مرتبي جو پتو چگي طرح پوي ٿو، ۽ ان هنڌ انساني عقل حيران ٿي وڃي ٿو ته الله پاڪ جي هن دوست جو ڇا مقام هيو ،۽ سندن دل الله تعاليٰ جي محبت ۾ ڪهڙي طرح جڪڙيل هئي، جو شريعت موجب ذري برابر جيڪا شفقت، محبت، پنهنجي اولاد سان روا رکڻ جائز آهي سا به کين عشق الاهي ۾ مانع پي ٿي ۽ آخر کين اها شي جا حقيقي مقصود ۽ مطلب جي درميان ويڇو معلوم ٿي ته ان جي ختم ۽ دور ٿيڻ بعد پنهنجي نجات سمجهي خدا پاڪ جا لک شڪرانا بجا آندائون.

اهڙو ئي قصو حضرت ابراهيم بن ادهم جي لاءِ مشهور آهي، جنهن جو ذڪر، تذڪره اولياءَ کان سواءِ ملفوظات شريف ۾ پڙ اچي ٿو. اهو قصو هن طرح آهي ته جڏهن حضرت ابراهيم بن ادهم عشق الاهي ۾ بادشاهي ترڪ ڪري گهران نڪتو هيو

(۱) ملفوظات مترجم جلد ۵ ص ۳۰۸

www.maktabah.org

تہ ان وقت سندس گھر واري حمل سان هئي، جنهن کي پُٽ ڄائو جيڪو وڏو ٿي علم ۽ فضيلت حاصل ڪري سندس تخت تي جاءِ نشين ٿيو. هوڏانهن حضرت ابراهيم بن ادهم بادشاهي ۽ گھر بار ڇڏو ڪري ويهہ سال پورا جهنگلن ۽ برپٽن ۾ عبادت ڪندي وڃي بيت الله شريف پهتو، تہ ان وقت سندس اهو فرزند بہ حج ڪرڻ جي ارادي سان پنهنجي والده سميت اتي اچي پهتو. جڏهن ان فرزند کي خبر پئي تہ حضرت خواجه ابراهيم بن ادهم بہ مڪي شريف ۾ ترسيل آهي تہ کيس پنهنجي والد ماجد جي زيارت ڪرڻ جو شوق دل ۾ جاڳيو، ليڪن کيس دل ۾ خوف پيدا ٿيو تہ حضرت خواجه صاحب ساڻس ملڻ پسند ڪندا الائي نہ! ان ڪري زارو قطار روئڻ لڳو، جڏهن ان نوجوان فرزند کي خواجه صاحب جي ڪن مريدن ايتري قدر روئيندي ڏٺو تہ ڪائنس روئڻ جو سبب پڇيائون، جنهن تي خواجه صاحب جي فرزند کين پنهنجي سموري سربستي ڀالهہ ڪري ٻڌائي. تڏهن خواجه صاحب جي انهن مريدن کيس تسلي ڏيندي چيو تہ اسان تنهنجي ملاقات حضرت خواجه صاحب جن سان ڪرايون ٿا. تڏهن اهي ان نينگر کي دلاسو ڏيئي خواجه صاحب جي خدمت ۾ آيا ۽ کين سندن فرزند جو احوال ڪري ٻڌايائونس تہ حضرتا! اوهان جو فرزند ۽ گھر واري هت بيت الله شريف ۾ زيارت ڪرڻ واسطي آيل آهن، ان ڪري اوهان کين شرف ملاقات بخشيو جو هو اوهان جي ملاقات لاءِ بيتاب آهن، تڏهن حضرت خواجه صاحب ان نينگر کي پاڻ وٽ گھرائي پڇيو تہ اي فرزند! تون ڪنهن جي دين تي آهين؟ پٽ جواب ڏنو تہ مان محمد صلي الله عليه وسلم جي دين تي آهيان. تڏهن دوبارو ڪائونس پڇيائون تہ ڇا تون قرآن پڙهڻ سکيو آهين؟ تنهن تي صاحبزادي عرض ڪيو تہ قبلا! هائو مان قرآن شريف پڙهڻ ڄاڻندو آهيان. تڏهن الله پاڪ جو شڪرانو بجا آڻيندي وري ڪائونس پڇيائون تہ تون ڪجهہ علم بہ حاصل ڪيو آهي؟ تڏهن سندن فرزند عرض ڪيو تہ قبلا! هائو علم بہ پڙهيو اٿم. تڏهن خواجه صاحب محبت ۽ ڊگهي جدائي کان پوءِ پنهنجي فرزند کي پاڪر پاتو. ليڪن کيس پاڪر پائڻ کان بعد جلد ڪائونس جان ڇڏائي زور سان اغٿني اغٿني جو لفظ پڪاريائون تہ اتي جو اتي سندن اهو فرزند فوت ٿي ويو. اهو حال ڏسي مريدن کيس عرض ڪيو تہ اي خواجه صاحب هي ڇا ماجرا آهي؟ تڏهن پاڻ فرمايائون تہ جڏهن مان پنهنجي پٽ سان پاڪر پاتو تہ ان وقت مون کي دل ۾ پٽ جي محبت پيدا ٿي ۽ ان ئي وقت هڪ غيبي آواز آيو تہ ابراهيم تون دعويٰ تہ منهنجي دوستي جي ڪندو آهين، ليڪن اسان سان گڏ ٻئي ڪي بہ دوست رکين ٿو ۽ ان جي محبت ۾ مشغول ٿئين ٿو ۽ تون پنهنجي مريدن کي وصيت ڪندو آهين، تہ خدا کان سواءِ ٻئي ڪنهن سان بہ محبت نہ ڪيو ۽ خود پنهنجي پٽ جي محبت ۾ مشغول آهين. خواجه صاحب جن فرمايو تہ جڏهن مان اهو غيبي آواز ٻڌو تہ پنهنجي رب پاڪ کان(اغٿني) دعا طلب ڪيم تہ اي منهنجا

www.maktabah.org

پالٹھار! منهنجي مدد فرماءِ ۽ منهنجي فرياد کي پهچ (١)

اهو اسان جي سلف صالحين ۽ صوفياءِ ڪرام جو پراٹو دستور هيو جو هو جنهن وقت خدا جي محبت ۾ مشغول هوندا هئا تہ ڪائون هر شي وسريل هوندي هئي ۽ هو پنهنجي مولا پاڪ جي محبت ۾ ايترو تہ محو ۽ مستغرق رهندا هئا جو ٹورو بہ جيڪڏهن سندن دل ڪنهن بي شي ڈانهن شاغل يا مشغول ٹيندي هئي تہ مولا پاڪ کان ان جي آزادي ۽ جان ڇڏائڻ لاءِ ڈٹي در التجا ڪندا هئا.

اهو آڳاٽي دور جي سلف صالحين وارو ساڳيو ئي طريقو ۽ جذبو اسان کي سنڌ سونهاري جي اولياءِن مان ويجهي دور جي ڪامل اڪمل ولي الله حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي جي ذات ۾ اتر درجي جو ڈسڻ ۾ آيو آهي. پاڻ زندگي ۾ ڪنهن بہ شيءِ ڪي عشق الاهي ۾ حائل ٹيڻ پسند نہ فرمايائون ۽ جنهن بہ وقت ڪين اهڙو معاملو جيڪو الله پاڪ جي يادگيري ۽ محبت کان منع ڪندڙ پيش آيو تہ، زندگي ۾ دوبارو ان طرف ڈسڻ بہ پسند نہ فرمايائون.

هڪ دفعو مطلوب حقيقيءَ جي محبت ۽ بيقراريءَ ۾ فرمايائون تہ: طالب کي گهرجي تہ پنهنجي دل هميشه محبوب حقيقي(خدا تعاليٰ) جي انتظار ۾ ائين رکي جيئن عاشق پنهنجي وڇڙيل محبوب ڏي ڈسڻ لاءِ هميشه پريشان ۽ بيقرار هوندو آهي (٢) حضرت جن هميشه محبت الاهي ۾ بيقرار هوندا هئا، ان دوران انتهائي شوق، محبت ۽ سڪ جي بيقراري ۾ هيٺيون سنڌي بيت ارشاد فرمائيندا تہ:

صائر سکي جيئن، آذان جي آواز کي
مون تن آهي تيئن، سکايو سجڻين

يعني جهڙي طرح روزائت ماڻهو، سج لهڻ کان پوءِ آذان جي آواز ٻڌڻ لاءِ آتو ۽ ماندو هوندو آهي. تيئن ئي مان بہ پنهنجي سجڻ(خدا تعاليٰ) لاءِ بيقرار آهيان.

(١)مترجم تذڪرة الاولياء سنڌي ص ١٠٩
(٢)ملفوظات مترجم جلد ٥ ص٣٧

www.maktabah.org

فصل چوٽون

شخصيت ۽ ڪردار

هن ڪائنات ۾ ڪروڙين نہ، بلڪ اربن جي تعداد ۾ انسان رهن ٿا، جن مان هر هڪ جي فطرت ۽ طبيعت پنهنجي پنهنجي نموني سان ڏٽي تعاليٰ پيدا فرمائي آهي، ڪي شخص ته اهڙا آهن جن کي ڏسڻ سان ڪو ڪونہ پسند ڪندو آهي ۽ وري ڪي اهڙا سان انسان آهن، جن جي ڏسڻ ۽ ملڻ لاءِ هزارين انسان حيران ۽ پريشان هوندا آهن، جيئن حضرت شاهہ عبداللطيف پٽائي گهوٽ فرمايو آهي ته:

ويني جنينءَ وٽ، ڏکندو ڏور ٽئي
تن تنينءَ سان ڪٽ، اوڏا اڏي پکڙا

يعني جن ماڻهن جي ڏسڻ سان ڏک سور ۽ درد دفع ٿين ته اهڙن انسانن کي غنيمت سمجهي انهن سان پنهنجي زندگيءَ جون گهڙيون گهارڻ جي ڪوشش ڪر.

تنهن ڪري ڪنهن سان شخصيت جي نمايان هجڻ لاءِ ان جي عملن ۽ ڪردار کي ڏسڻ ۽ پرکڻ تمام ضروري هوندو آهي. اهڙي ريت هن جهان ۾ هاجيڪار انسانن جي سان ڪوٽ ڪونهي، ته وري نفع رسان ۽ فيض بخشيندڙن جي سان ڪا اٽاٽ ڪانهي، پوءِ جيڪڏهن ٻنهي قسمن جي انسانن کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪبي ته پاڻ گين جا پاڻا پريل، وارو معاملو معلوم ٿيندو.

ساڳي طرح سنڌ جي سدا حيات ڪامل اڪمل بزرگ هستيءَ حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي پروقار شخصيت، جيڪا هر طرح ڪردار ۽ عمل جي لحاظ سان قابل تقليد چمڪندي نظر اچي ٿي. خدا پاڪ کين اهڙي ته تقويٰ ۽ بزرگي بخشي هئي جو صدين گذرڻ باوجود سان اڄ تائين سندن فڪر ۽ طريقت جيئن جو تيئن هلندو اچي ٿو.

سندن ملفوظات شريف ۾ سوين اهڙا واقعا درج ٿيل آهن جن کي پڙهڻ کان پوءِ معلوم ٿو ٿئي ته توڙي جو حضرت جن پنهنجي وقت جا بيمثال بزرگ ۽ بي بدل عالم پڻ هئا، ليڪن پوءِ سان پنهنجي عمل ۽ ڪردار سان ڪڏهن سان اهو محسوس نہ ڪرايائون ته ڪي پاڻ لکين فردن جا سرواڻ ۽ جماعت جا اڳواڻ آهن، بلڪ هميشه

www.maktabah.org

هيناهين ۽ نوڙت سان سڀ ڪنهن سان پيش ايندا رهيا.

حاجي احمد ٽالپر کان روايت آهي ته هڪ دفعو سفر دوران آيا ٽي ته رستي ۾ پاڻي هيو ۽ حضرت جن گهوڙيءَ تي سوار هئا ۽ ڪجهه فقير سندن سواري اڳيان دوڙندا ٽي ويا ته پاڻيءَ جا ڪجهه ڇنڊا ڪن فقيرن جي ڪپڙن تي وڃي پيا. پوءِ جڏهن پاڻي ڪان ٻاهر آيا تڏهن فقيرن کي فرمايائون ته اي يارو! اسان کي معاف ڪجو جو اسان جي گهوڙيءَ جي هلڻ جي ڪري اوهان تي پاڻيءَ جا ڇنڊا پيا آهن. تڏهن سڀني فقيرن کين عرض ڪيو ته قبلا! اسان توهان کي معاف ڪيو ليڪن، احمد فقير ان دوران خاموش رهيو. تنهن تي پاڻ حاجي احمد ٽالپر کي مخاطب ٿيندي فرمايائون ته اي ميان احمد! تون ماڻ ڪيو ٿو اڇين تنهن مان پائنجي ٿو ته تو اسان کي معاف نه ڪيو آهي؟ تنهن ڪري جيترا پاڻيءَ جا ڇنڊا توتي پيا هجن اوترا اسان کي هڏي ڇڏ (۱)

خليفي محمود فرمايو ته اي عزيز! الله تعالىٰ جل شانه سندن وجود مبارڪ ۾ عجب نوڙت ۽ ڪمال عاجزي رکي هئي، جو رڳو پاڻيءَ جا ڇنڊا گهوڙيءَ هلندي مريدن جي مٿان پئجي ويا ته ان جي لاءِ پاڻ معافي پي گهرياٿون. حضرت جن جو اهو شخصي ڪردار اهڙو ته هيو جو اُن سندن مريدن ۽ معتقدن کي موهي وڌو هو، هميشه پاڻ نجي محفلن ۽ عام ميڙن ۾، ڪڏهن به اهو محسوس ٿيڻ نه ڏنائون ته ڪي پاڻ سيد زادا ۽ عالم بزرگ آهن ۽ کين اها ورڇ ورثي ۾ ملي هئي. سندن والد بزگوار ۽ مرشد مربي حضرت پير سائين سيد محمد بقا شاهه لکياري به ڪمال بزرگي هوندي، ڪڏهن به ڏيکاءُ ۽ ظاهري نمود نمائش کي پسند نه ڪيو ۽ هميشه هر هڪ سان خلوص، نوڙت ۽ عاجزيءَ سان پيش ايندا هئا.

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏڻي رحمة الله تعالىٰ عليه جن به پنهنجي مريدن معتقدن ۽ عام انسانن سان ساڳي طرح پيش ايندا رهيا. هڪ دفعو پنهنجي مريدن کي تلقين ڪندي ارشاد فرمايائون ته: بيهودن ۽ اجاين گفتن مان حسد، هٺ ۽ پريشاني پيدا ٿيندي آهي ۽ حسد ۽ هٺ وري ٻين سڀني گناهن جي ماءُ آهن جو سڀ برايون اتان پيدا ٿيون ٿيون (۲)

واقعي ڏٺو وڃي ته حسد ۽ هٺ به اهڙيون بيماريون آهن جيڪي انساني اعمال کي ائين ضايع ڪري ٿيون ڇڏين، جيئن باهه ڪائين کي، ابليس عليه العنة به حسد، هٺ ۽ تڪبر جي ڪري هميشه لاءِ خدائي بارگاهه مان تڙجي ويو.

ان ڪري مثالي شخصيت هڻڻ لاءِ اهي سڀ خوبيون هڻڻ ضروري

(۱) ملفوظات (مترجم) جلد ۱ ص۳۰.
(۱) ملفوظات (مترجم) جلد ۱ ص۱۵۰.

www.maktabah.org

آهن، جن بغير، شخصيت جي تعمير ۽ ترقي محال آهي، ڇوتہ انساني تربيت ۽ اصلاح واسطي،انساني ڪردار کان زياده اهم شيءِ ٻي ڪابہ نہ آهي، ۽ انهن عظيم انسانن جي سيرت جي مطالعي سان پنهنجي سيرتن ۽ ڪردار کي سنواري سينگاري سگهجي ٿو. خاص ڪري رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم ۽اصحابہ ڪرام ۽ اولياءَ عظام جي سيرت پاڪ،مذهبي، معاشرتي ۽ سياسي ڪاميابيءَ لاءِ اهم ۽ بهترين هٿيار آهي، جنهن کي هٿان ڇڏڻ سان ڪڏهن بہ ڪاميابي ۽ ڪامراني حاصل ٿي نہ سگهندي. انهيءَ ڪري موجوده مادي دور ۾سڀ کان زياده ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ، شخصي تعمير ۽ تربيت واسطي انهن حڪيمن، فلاسفرن ۽ الله پاڪ جي ولين جي سوانح حيات کي سامهون رکندي، شخصيت جي بهتر طور تي تعمير ڪري سگهجي ٿي ۽ هڪ اعليٰ ۽ پاڪيزه معاشرو قائم ڪري سگهجي ٿو. الله تبارڪ وتعاليٰ بہ انهن عظيم هستين لاءِ مبارڪبادي ۽ جو اعلان فرمائيندي ارشاد فرمايو آهي تہ اي رسول! انهن ڀانهن کي بشارت ڏياءِ جيڪي سهڻي ڳالهہ ڏڌي، ان تي عمل ڪن ٿا، ۽ هي اهي شخص آهن جن کي الله پاڪ هدايت وارو بنايو آهي ۽ اهي ئي ماڻهو عقل وارا آهن(القرآن سورة زمر)

قرآن ڪريم جي ان قول ۽ خدائي قانون موجب اولياءَ الله تعاليٰ پنهنجي پوري حياتي سڀن اخلاقن جي تعليم ۾ صرف ڪري ڇڏي، ۽ پاڻ کي خدائي اخلاقن سان سينگاري دنيا لاءِ مشعل راهہ بنجي امر ٿي ويا، اهوئي سبب آهي جو، صدين گذرڻ جي باوجود بہ سندن قول ۽ فعل باعث تقليد ۽ دين دنيا جي ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ اهم ذريعو آهن. اهڙن ڀانهن قرآن جي ان حڪم موجب، جنهن ۾ فرمايو ويو آهي تہ رسول جيڪو توهان کي عطا ڪري، ان کي پڪڙيو ۽ جنهن کان منع فرمائي ان کان رڪجي ڇڏيو(القرآن) پنهنجي زندگيون وقف ڪري ڇڏيون، اهڙن نيڪ سيرت انسانن صرف شخصي عبادت کي ئي ڪافي نہ سمجهيو، بلڪ آخرت جي سعادتن حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ دنياوي معاملات طرف بہ متوجهہ رهيا، ڇو تہ اخروي سعادت حاصل ڪرڻ جو دارومدار دنياوي ڪردار تي منحصر آهي.

انساني زندگي اميد ۽ عمل جو مرڪب آهي، ان ڪري اميد کي گهٽ ڪرڻ ۽ عمل جي درستي ڪرڻ ئي انهن نيڪ سيرت انسانن جو خاص الخاص مشغلو رهيو. ۽ اصل ۾ اهوئي حقيقي تصوف آهي. ۽ الله پاڪ جي پيارن ڀانهن حقوق الله سان گڏوگڏ حقوق العباد جي اهڙي طرح بهترين گڏيل تصوير پيش ڪئي جو، دليون خودبخود عبادات ۽ معاملات کي سهڻي انداز ۾ پيش ڪرڻ لاءِ آماده ٿي پيون.

حضرت جن جي ملفوظات شريف ۾ بيان آهي، هڪ دفعو درگاهہ شريف تي شب برات جو موقعو هيو، ۽ فقيرن سندن دعوت ڪئي. پاڻ ان ۾ شريڪ ٿيا ان

www.maktabah.org

کان پوءِ هڪ بي فقير (نالي آدم بروهي) کين عرض ڪيو ته قبلا! منهنجي به دعوت آهي، ان ڪري مهرباني فرمائي منهنجي گهر تشريف فرما ٿيو. پاڻ صاحبزادن ۽ قاضي ميڊني سميت سندس گهر آيا، جڏهن طعام آيو ته پڇا فرمايائون ته طعام ڪهڙو آهي؟ فقير جواب ڏنو ته گوشت ۽ ماني تيار آهي. پاڻ فرمايائون ته اي خليفا! برات واري رات ۾ گوشت ڪائڻ درست نه آهي. قاضي ميڊني عرض ڪيو ته حضرتا! اها روايت ضعيف آهي. پاڻ فرمايائون ته ضعيف حديثن ۾ به جن ڳالهين کان منع آهي، تن کان رڪجي پئجي ۽ جن لاءِ عمل جو حڪم هجي ته ان تي عمل ڪرڻ گهرجي. سندن ان فرمان سبب سڀني ماڻهن گوشت مان ڪٽي هٿ ڪيا ۽ رڪي ماني کائڻ لڳا. پوءِ فرمايائون ته ماڻهن کي سجاڻ ڪانهي. الله تعاليٰ فرمايو آهي ته اهي ماڻهو نيڪ ڪار آهن. جيڪي الله تعاليٰ جي محبت ۾ مسڪينن چورڻن ٻارن ۽ قيدين کي طعام کارائين ٿا (القرآن)

پوءِ پاڻ فرمايائون ته، ماڻهو چون ٿا ته خيرات صرف مُلن ۽ مشهور ماڻهن کي ڏجي. باقي مسڪين ويچارا ڇڏجن. سندن ان فرمودي سبب آدم فقير کي حال پئجي ويو، ۽ تمام گهڻي عجز ۽ زاري ڪيائين. پوءِ پاڻ ارشاد فرمايائون ته اي ادا! مسجد شريف ۾ ڪوڙ مسڪين ۽ بکيا وينا آهن، انهن کي نٿو کارائين؟ باقي جيڪي اڳ ۾ئي کائي آيا آهن تن کي ٻيهر پيو کارائين؟ اوهان سمجهو ٿا ته پير کي کارايون ته خوش ٿيندو، ليڪن ياد رکو! ته اسين پنهنجي کائڻ ۾ خوش ڪونه ٿيندا آهيون بلڪ مسڪينن جي کائڻ ۾ خوش ٿيندا سون، سندن ان فرمان سبب سڀني کائڻ کان بس ڪئي ۽ آدم فقير اهي مانيون جيڪي بچيون هيون انهن سان ٻيون مانيون پچرائي گڏي مسجد شريف ۾ مسڪينن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيون (۱)

ايثار ۽ سخاوت حضرت جن جي طبيعت جا خاص جزا هئا جيڪا به شي سندن خدمت ۾ حاضر ٿيندي هئي ته جماعت ۾ ورهائي ڇڏيندا هئا ۽ ڪڏهن به پنهنجو پاڻ کي ٻين تي اهيمت ڏيارڻ جي ڪابه ڪوشش نه فرمايائون، بلڪ هميشه ننڍين وڏن سان عجز، نياز ۽ نوڙت سان پيش ايندا رهيا، ۽ مسڪينن غريبن جو خيال حد کان زياده فرمائيندي مريدن، معتقدن کي به ان تي ڪاربند رهڻ جي تلقين ۽ وصيت فرمايائون.

هڪ دفعو هڪ مريد سندن خدمت ۾ به پلا گهوڙا پيش ڪندي عرض گذاريو ته قبلا! هي منهنجا به گهوڙا حاضر آهن، انهن مان سائين جن جي دل کي جيڪو وٺي سو سائين جن جهلين. تڏهن پاڻ ان فقير کي فرمايائون ته مون کي الله تعاليٰ دنيا جي شين کي پسند ڪرڻ لاءِ پيدا نه فرمايو آهي (۲)

(۱) ملفوظات شريف جلد ۱ ص۱۳۱
(۲) ملفوظات مترجم جلد ۴ - ص۱۰۷

www.maktabah.org

پاڻ کائڻ،پيئڻ جي معاملي ۾ ڪڏهن به تجاوز نه فرمايائون، بلڪ خدا پاڪ کين جيڪو به ڪجهه ميسر ڪري ڏنو، ان کي واپرائي پنهنجي رب پاڪ جا لک شڪرانه بجا آڻيندا هئا.

ڳالهه ٻا ڪن ته، هڪ دفعو مير هڏو خان ٽالپر جيڪو سندن مريد ۽ دولتمند هيو. ان حضرت جن ۽ سندن جماعت لاءِ اَنُّ گڏ ڪري رکيو هو. جڏهن درگاهه شريف تي آيو ته کين عرض ڪيائين ته قبلا! ڪجهه اناج فقيرن لاءِ نذرانو ڪيو اٿر، کو فقير گڏي ڏيو ته موڪلي ڏيان. حضرت جن ارشاد فرمايو ته الله تعالىٰ ائين نه ڪري جو آئون خدا جي طالبن کي تڪليف ڏيان اسان جو رزق مقرر آهي اهو هرگز نه بدلبو (۱)

اهڙي طرح سندن سوانح حيات جي مطالعي مان ٻيا به ڪافي اهڙا مثال ملن ٿا جن مان سندن بي مثال شخصيت جو پتو پوي ٿو.

رزق روزي متعلق سندن رايو:

انساني غذا واسطي، کائڻ ۽ پيئڻ تمام ضروري آهن. انهن کان سواءِ طبعي زندگي کي برقرار رکڻ محال آهي. ليڪن کائڻ ۽ پيئڻ ۾ حد کان لنگهي وڃڻ، جانورن جو ڪر آهي، جيڪي ماڻهو کائڻ پيئڻ ۾ مبالغو ڪن ٿا، انهن لاءِ خدا پاڪ فرمايو آهي ته هو جانورن وانگي کائيندا آهن، ۽ انهن جي جاءِ جهنم آهي. ڪنهن ڏاهي ڪهڙو نه پلو چيو آهي ته، خوردن براءِ زندگي است، نه زندگي براءِ خوردن- يعني کائڻ پيئڻ صرف زندگي کي برقرار رکڻ واسطي آهي.باقي زندگي رڳو کائڻ پيئڻ لاءِ وقف ناهي. الله پاڪ جي پيارن ٻانهن کائڻ پيئڻ کي ان حد تائين برقرار رکيو ته جيئن طبيعتن کي برقرار رکي عبادت ڪرڻ جي لائق ٿي سگهجي ته جيئن ضعيفي ۽ ڪمزوريءَ سببان خدا پاڪ جي عبادت ۽ ذڪر فڪر کان غافل نه ٿي وجون.

هڪ دفعي جو واقعو آهي ته واحد ڏنو فقير جيڪو سندن لنگرخاني تي مقرر هوندو هيو، ان کين عرض ڪيو ته قبلا! مهمان به آيا آهن ۽ لنگرخاني ۾ ڪجهه ڪونهي ۽ نه وري بازار مان اوڌر تي ملي ٿو، سو هاڻي ڇا ڪجي؟ مان ته ڏاڍو پريشان ٿي پيو آهيان. تڏهن پاڻ واحد ڏني فقير کي فرمايائون ته اي واحد ڏنا!فقير توکلي ٿيندا آهن. تون به ڪوشش ڇڏي، توکل ڪر، پوءِ ٿوري دير بعد ساڳيو واحد ڏنو موٽي آيو ۽ عرض ڪيائين ته حضرتا! ادائي روپيا نذرانو آيو آهي. پاڻ ڪيس فرمايائونس ته هڪ روپيو حويليءَ ۾ موڪليو ۽ هڪ روپي مان لنگرخاني ۾ فقيرن لاءِ طعام تيار ڪرايو ۽ اٺ آنا مهمانن لاءِ خرچ ڪريو. پوءِ ڪجهه وقت کان بعد واحد ڏنو فقير موٽي

(۱) ايضا ص۱۰۱

www.maktabah.org

آيو، ۽ کين عرض ڪيائين تہ ادائي رپيا ٻيا ٻہ نذرانو آيا آهن. پاڻ فرمايائونس پهرين وانگر تقسيم ڪري ڇڏ. واحد ڏني عرض ڪيو تہ حضرتا! سياري جي موسم آهي. هن مان ڪجهہ مهمانن واسطي صبح لاءِ رکڻ گهرجي. تڏهن پاڻ جوش مان فرمايائونس تہ اي واحد ڏنا! تون اسان جي رزق جي واٽ بند ڪندين ۽ اسان جو رزق ان وقت ڪلندو، جڏهن تون فوت ٿيندين، عجب آهي جو هن کان اڳ توکي ڪنهن اوڏر ٻہ ڪانہ ٿي ڏني ۽ تون وري هاڻي سياڻي لاءِ ٿو رکين (١)

اهڙي ريت سندن ملفوظات ۾ ايندو آهي تہ هڪ دفعو بزرگ علي محمد سرهہ واري کانئن سوال پڇيو تہ قبلا! سياڻي لاءِ رزق رکڻ جائز آهي يانہ؟ پاڻ فرمايائون تہ هرگز جائز نہ آهي بلڪ طريقت ۾ ڪفر آهي (٢)

هڪ دفعي مير زنگي خان ٽالپر درگاهہ مبارڪ تي پنج خرار انّ جا ڏياري موڪليا. ان دوران حضرت جن سفر تي ويل هئا، جڏهن واپس آيا تہ پڇا ڪيائون تہ جيڪو انّ مير زنگي ٽالپر موڪليو هيو اهو ڪيئن خرچ ڪيوَ؟ تنهن تي کين ٻڌايو ويو تہ هر هڪ حويليءَ ۾ حصي آهر ورهائي ڏنو ويو. پاڻ فرمايائون تہ ڪيترن ڏينهن جو رزق هر حويليءَ کي مليو؟ عرض ڪيائون تہ پنجن ڇهن ڏينهن جو حصو هر هڪ حويليءَ کي مليو آهي. تنهن تي پاڻ جوش مان فرمايائون تہ ڇا پنهنجي خالق تي پروسو نٿا رکو جو هيترن ڏينهن جو کاڌو گڏ ڪري رکيو اٿو، آئنده هرگز اهڙي بي اعتباري پنهنجي رزق تي نہ رکجو (٣)

حضرت جن کي پنهنجي رزق متعلق رزاق سائينءَ تي ايترو تہ پکو يقين هيو جو هڪ دفعي فرمايائون تہ"اسان کي رزق متعلق اهڙو تہ يقين ۽ پک آهي جو جيڪڏهن هڪ داڻو ٻہ هڪ اشرفي ۾ ملي ۽ عيال سڄي دنيا هجي تڏهن ٻہ اسان کي دل ۾ ذرو ٻہ شڪ ۽ پريشاني پيدا نہ ٿيندي تہ هي ڪٽان کائيندا"(٤)

سندن رزق متعلق ايتري پک مان معلوم ٿو ٿئي تہ خدا پاڪ کين رضا ۽ تسليم جي ان مقام تي فائز فرمايو جتي عقل حيران آهي. سندن دل ۾ ڪنهن ٻہ شيءِ جي طلب پيدا ٿيندي هئي تہ از خود اها شيءِ نذر ٿي ملندي هئن. اهو سڀ ڪجهہ کين صرف پنهنجي مطلق رزاق تي يقين سبان حاصل ٿيو هين.

حضرت پير سائين جن پنهنجي مريدن سان محبت ۽ شفقت جو اهڙو تہ

(١) ملفوظات (مترجم) جلد ٤ ص٩١
(٢) ايضاً ص٨٧
(٣) ملفوظات مترجم جلد ٤ ص٨٦
(٤) ايضاً ص٧٩

www.maktabah.org

مثال قائم ڪيو جو جيڪو به هڪ دفعو سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو تہ ڪمال شفقت ۽ پيار سببان گهر، ٻار، وطن وساري، گوڏا ٽيڪي آخري عمر تائين ساڻن گڏ رهڻ جو شرف حاصل ڪندو هو.

هڪ دفعي جو واقعو هن ريت آهي تہ پاڻ ٽر جي سفر ۾ هئا، ۽ ساڻن جماعت به گڏ هئي. رستي ۾ پاڻي ختم ٿي ويو ۽ پنڌ پراهون هو. آخر حالت اهڙي ٿي جو مسلسل سفر جون تڪليفون ۽ پاڻي جي ختم ٿيڻ ڪري ڪيترا فقير بيهوشي جي حالت ۾ زمين تي ڪري پيا. ان جي باوجود به پاڻ منجهند ڪان وٺي سڄي رات سفر ڪندا رهيا. ايستائين جو صبح ٿي ويو، تڏهن فقيرن ڪنهن هنڌان پنهنجي اٽن تہ پاڻي ۽ جون مشقون ڪٽي حاضر ڪيون. پاڻ ان هنڌ ڪجهہ وقت ترسي پيا، ساڻن سفر ۾ شامل سڀ فقير فقراء پاڻي تي اچي گڏ ٿيا. سندن خليفي ميان لقمان رحمة الله تعالىٰ عليه بيان ڪيو آهي تہ مان ضعيفيءَ سبب پنهنجي گهوڙي جي واڳ وٺي ماڻهن جي گوڙ ڪان پري ويٺو هئس تہ هڪ فقير پاڻي ۽ وٽو پاڻي ۽ جو پري کين پيش ڪيو پاڻ ان کان پاڻي ۽ جو وٽو وٺي سڏو مون وٽ آيا ۽ مون کي پاڻي ۽ پيئڻ جو ارشاد فرمايائون. مون کائن پاڻي وٺي جيتري اڃ هئي اوترو پيتو ليکن پوءِ به ڪجهہ پاڻي بچي پيو جيڪومون کان زبردستي ڦري پاڻ پيئڻ فرمايائون(۱)

حضرت جن جي ان روش تي حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جي هيءَ حديث مبارڪ شاهد آهي جنهن ۾ فرمايو اٽائون تہ مؤمن جي اوبر ۾ شفا آهي. ان کان سواءِ مسلمان جي اوبر پيئڻ جو فلسفو هن ريت آهي تہ عام ماڻهن جي تعليم واسطي ارشاد فرمايائون تہ جيئن هڪ مسلمان ٻئي مسلمان کان نفرت نہ ڪري. ٻيو هي تہ هڪ ٻئي جي اوبر پيئڻ سان محبت وڌي ٿي، نفرت ۽ ويڇا ختم ٿين ٿا. هڪ ٻئي سان ايثار ۽ قرباني جا جذبا اجاگر ٿين ٿا پوءِ حضرت جن به ان ڪري پنهنجي مسڪين خليفي کان پچيل پاڻي پيئڻ فرمايائون تہ جيئن وڏ ننڍائي جو فرق ختم ٿئي.

ان کان سواءِ سندن سوانح حيات ۽ سيرت پاڪ جي اپياس ڪرڻ بعد ان نتيجي تي پهچڻ ۾ آساني ٿئي ٿي تہ حضرت جن جي پوري حياتي مبارڪ ۾ ڪڏهن به فخر ۽ غرور کي سندن طبيعت ۾ داخل ٿيڻ جو موقعو نہ مليو. بلڪ سوين موقعن تي انتهائي عاجزيءَ سان پنهنجي نوڙت ۽ اعليٰ اخلاق جو مظاهرو فرمايائون، ۽ الله پاڪ سندن وجود مبارڪ ۾ اهڙي تہ عاجزي ۽ نوڙت رکي هئي جو ايڏي وڏي مان ۽ مرتبي جي باوجود ڪڏهن به ان کي عيب ۽ گهٽتائي تصور نہ فرمايائون.

(۱) ملفوظات "مترجم" جلد ۴ ص۱۹۶

www.maktabah.org

متابعت جو عجيب انداز:

سندن ملفوظات شريف ۾ خليفي لقمان کان نقل آهي ته هڪ دفعو حضرت جن لاڙ جي سفر دوران کاريان ڳوٺ ۾ منزل انداز هئا، ۽ اوچتو اچي برسات شروع ٿي. مينهن ايترو ته زوردار هيو جو جنهن هنڌ ترسيل هئا ته انهيءَ اوطاق جي ڇت ٽمي پئي ۽ چؤطرف پاڻي ئي پاڻي گڏ ٿي ويو. جڏهن مينهن بند ٿيو ته خليفي لقمان کين عرض کيو ته قبلا! مينهن جي کري کو به هنڌ نه بچيو آهي جتي نماز ادا ڪجي ۽ سموري زمين گپ ٿي وئي آهي. تڏهن حضرت پير سائين جن هڪ حديث شريف بيان فرمائي ته هڪ دفعو حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي زماني مبارڪ ۾ مينهن پيو ۽ سموري زمين گپ ٿي وئي. تڏهن حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه ارادو کيو ته ڪٽان سڪل مٽي ڪڍي سجدي واري جاءِ تي رکجي ته جيئن پاڻ ڪريم جن ان جاءِ تي سجدو ڪري امامت فرمائين. تڏهن حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن ارشاد فرمايو ته اڄ پنهنجي پالٹهار کي گپ ۾ سجدو ڪنداسين.

حضرت پير سائين جن مٽين حديث بيان ڪندي فرمايو ته اسين به اڄ متابعت لاءِ پنهنجي رب کي گپ ۾ سجدو ڪنداسين. پوءِ پاڻ باهر نڪري گپ ۾ جماعت سميت نماز ادا فرمايائون. خليفي لقمان رحمةُ الله تعالىٰ عليه فرمايو ته سجدي ڈيڻ مهل حضرت جن جو منهن مبارڪ، وات، سونهاري شريف سڀ گپ سان پرجي پيا(۱)

حضرت پير سائين جن جي مٽئين واقعي کي معلوم ڪرڻ بعد يقين سان چئي سگهجي ٿو ته حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جي متابعت وارو فرض اهڙي طرح نيايائون جو عقل ۽ هوش کي ان هنڌ پهچڻ جي مجال ۽ طاقت نه آهي. اهو سڀ ڪجهه رضا الاهي جي نتيجو ۽ مظهر هيو جو کين خدا پاڪ احڪام الاهي جي بجاآوري ۽ اَطِيْعُوا اللهَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ جو حقيقي ۽ باطني مظهر بنائي ظهور فرمايو.

حضرت جن هڪ دفعو صبح جي نماز ۾ ڪجهه دير فرمائي آيا، ۽ صبح جي آخري وقت ۾ نماز ادا ڪري مراقبي ۾ ويهي رهيا. حاضرين مان هڪ فقير کي دل ۾ نماز دير سان ادا ڪرڻ سبب خيال ۽ ويچار پيدا ٿيو. پاڻ مراقبي مان منهن مبارڪ تان کڻي لاهي فرمايائون ته هڪ دفعو رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن صبح جي نماز ۾ ايتري قدر دير فرمائي جو اجان کاهي طرف مس سلام ورايائون ته سج ڪني ڪڍي، پوءِ ان فقير کي حضرت جن مخاطب ٿيندي فرمايو ته اسان کي به

(۱) ملفوظات مترجم جلد ۱ ص۹۸

www.maktabah.org

انهيءَ وقت جي انتظار ۾ ساري عمر گذري وئي، پر اڄ تائين حاصل ٿي نہ سگهيو (۱) حضرت پير سائين جن ان سنت پاڪ کي ادا ڪرڻ لاءِ انتهائي حسرت ۽ شوق مان مٿيان لفظ ارشاد فرمايا.

ڏکئي رستي سان سفر ڪرڻ:

سندن ملفوظات شريف ۾ بيان آهي ته پاڻ هڪ دفعو قلات جي سفر دوران ديهه اسقلکو ۾ وارد ٿيا. ڪجهه دير رهڻ کان پوءِ کين گهڻا واهه وڃڻو هيو. ان ڪري اتان جي ماڻهن کان گهڻا واهه ڏانهن وڃڻ لاءِ رستو پڇيائون ته کهڙي رستي سان گهڻا واهه وڃڻ گهرجي؟ تڏهن سڀني کين عرض ڪيو ته قبلا! گهڻا واهه ڏانهن وڃڻ لاءِ ڪڙڪ واري رستي کان سواءِ ٻيا سڀ رستا ۽ واٽون سوليون آهن. باقي ڪڙڪ وارو رستو تمام سخت ۽ ڏکيو آهي. تڏهن پاڻ فرمايائون ته اسين پڻ ان ڏکئي واٽ سان ويندا سون، چوجو حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي اها عادت مبارڪ هوندي هئي ته جنهن رستي مان ڏکيائي ۽ تڪليف هوندي هئي، پاڻ ڪير جن انهيءَ رستي سان سفر فرمائيندا هئا (۲)

حضرت پير سائين جن جو ڏکئي رستي سان سفر ڪرڻ جو مقصد صرف اهو هيو ته جيئن حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي متابعت ۽ پيروي ڪرڻ کان سواءِ پنهنجي نفس کي سفر، مسافريءَ جي تڪليفن ۾ مشغول رکڻ خاطر هيو، ۽ پاڻ پنهنجي جماعت کي ڏکي واٽ سان وٺي ويا. ان طرح ڪرڻ سان سندن مقصد مجاهده نفس ۽ سنت پاڪ تي عمل ڪرڻ ٻه هيو. پاڻ فرمائيندا هئا ته نفس جڏهن تڪليفن ۾ هوندو آهي ته ڪائنس بچڙايون ڪرڻ وسري ويندين آهن، پر جڏهن آرام ۾ هوندو آهي ته پوءِ برابين طرف قدم وڌائيندو آهي. ان ڪري پاڻ هميشه نفس جي مخالفت ڪرڻ جو عمل فرمايائون.

حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن ٻه نفس جي مخالفت ڪرڻ کي جهاد اڪبر قرار ڏنو ۽ الله پاڪ جي ولين ڪاملن ۽ بزرگن ٻه پنهنجي زندگي دوران سڀ کان وڏيڪ دشمن نفس کي سمجهيو.

خود احتسابي:

خود احتسابي اهڙو عمل آهي جنهن ذريعي انسان پنهنجو محاسبو ڪندو آهي ۽

(۱) ايضاً جلد اول ص۱۰۳
(۲) ملفوظات مترجم جلد ۳ ص۱۱۴

www.maktabah.org

عمل ۾ ڪردار جي توراڻي ۾ پنهنجي پاڻ کي پرکي، بهتر انسان بنائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اهڙي طرح انسان ذات جي ان ڪوشش جو عروج معرفت الاهي تي پورو ٿيندو آهي،جنهن کي تصوف جي اصطلاح ۾ شهود جي نالي سان سڏجي ٿو، جنهن جو مطلب آسان لفظن ۾ هن طرح ٿيندو ته ٻانهو جنهن وقت خود احتسابيءَ جي عمل تي همیشگي ۽ استقامت سان قائم رهندو ته کيس خدا تعاليٰ جي بارگاهه ۾ حاضر رهڻ جو احساس اجاگر ٿئي ٿو ۽ ڪائنس اهڙا فعل صادر ٿيندا رهندا، جيڪي هڪ مؤمن ۽ نفع بخش انسان کان ظاهر ٿيندا رهن. الله تبارڪ وتعاليٰ به قومن جي عروج جو نقطو انهيءَ راز ۾ ڳجهو فرمايو آهي ته جيئن هر هڪ انسان خود احتسابيءَ جي عمل سان هر هڪ لاءِ مفيد ۽ ڪارائتو بنجي پوي. جنهن جو نتيجو لازمي طرح اهو ٿيندو جو انهيءَ ذريعي هڪ پاڪ صاف معاشرو قائم ٿي سگهندو، ۽ اهڙي معاشري ۾ هڏڙوڪي انسانن جي ڪابه ڪمي ڪانه رهندي. الله پاڪ جي ولين، ڪاملن، بزرگن سڀ کان پهريائين پنهنجي نفس ۽ اندر جو محاسبو ڪيو ۽ "مَنْ عَرَفَ نَفْسَهٗ فَقَدْ عَرَفَ رَبَّهٗ" جي شيءَ ۾ عرفان حاصل ڪري ورتائون.

ملفوظات شريف ۾ مذڪور آهي ته هڪ دفعو حضرت جن ارشاد فرمايو ته جيڪڏهن ڪنهن شخص کي ڪو بي ايمان سڏي ته ان کي ويچار ڪرڻ گهرجي ۽ دل ۾ خيال ڪري ڏسي ته ڇا مان مؤمن(ايمان وارو) آهيان؟ پوءِ جيڪڏهن مؤمن (ايمان وارو) آهي ته کيس رنج ٿيڻ نه گهرجي ڇوته ان ماڻهوءَ جو کيس بي ايمان چوڻ اجايو آهي، ۽ ٻئي جي چوڻ سان بي ايمان نه ٿي سگهبو. بلڪ هو چوندڙ پاڻ گنهگار ٿيندو، جنهن جي جزا کيس ملندي ۽ جيڪڏهن ڪو شخص کيس ولي الله ڪري سڏي ته به دل ۾ ويچار ڪرڻ ضروري آهي پوءِ جيڪڏهن ولي الله ناهي ته کيس خوش ٿيڻ نه گهرجي(١)

حضرت جن جي ان فرمان وحي ترجمان جو مقصد اهو هيو ته چوندڙ جي چوڻ کان پوءِ پنهنجي افعالن ۽ اعمالن کي انصاف جي تارازي ۾ توري ڏسجي، پوءِ جيڪڏهن منجهس بريون عادتون آهن ته انهن کان توبه تائب ٿئي ۽ سچي دل سان پنهنجي پالڻهار آڏو آئنده جي لاءِ واعدو ڪري. پر جيڪڏهن سهڻيون عادتون اٿس ته الله تبارڪ وتعاليٰ جو لطف ۽ عنايت سمجهي، ان جو شڪريو بجا آڻي ۽ غرور ،تڪبر کان بچڻ لاءِ خدا پاڪ جي توفيق طلب ڪري جيئن غرور ۽ تڪبر سببان نفس وڌائيءَ ۾ نه پئجي وجي ۽ کيس آخر اوڙاهه ۾ اڇلائي ڦٽو ڪري ڇڏي ڇو ته نفس ۽ شيطان انسان جا ازلي دشمن آهن:

(١) ملفوظات مترجم جلد ١ص١٤٧

www.maktabah.org

نيڪ باشي وبدت گويد خلق
به که بد باشي و نيکت بينند

يعني(جيڪڏهن) تون پلو هجين ۽ ماڻهو توکي بچڑو سڏين ان کان پلو آهي جو تون بچڑو هجين ۽ ماڻهو توکي نيڪ سڏين.

حضرت جن هڪ دفعو نفس پرست انسان جو مثال ان کمينـي شخص وانگر بيان ڪندي ٻڌايو ته "جيڪو شخص پنهنجي نفس جي سڏن جي پويان وڃي ٿو ته انهيءَ جو مثال اهڙو سمجهڻ گهرجي گويا هو ڪتو آهي جيڪو ڏوندي جي بوءِ تي ڊوڙندو پيو وڃي بلڪ ان ڪتي کان بدتر آهي(۱)

گلا ڪندڙن کي سندن صلاح:

گلا ڪرڻ هڪ اهڙو برو فعل آهي جو گلا ڪرڻ واري شخص لاءِ قرآن حڪيم ۾ فرمايل آهي ته جيڪو شخص گلا ڪري ٿو جڻ اهو ماڻهو پنهنجي مئل پاءُ جو گوشت کائي ٿو. ان کان سواءِ گلا ڪندڙن شخصن جون نيڪيون ميڙجي وڃن ٿيون ۽ برايون سندن نامہ اعمال ۾ لکيون ويندیون آهن.

الله پاڪ جي پيارن جي اها عادت رهي آهي جو گلا ڪرڻ ته پري رهي، ليڪن جيڪڏهن سندن آڏو ڪوشخص گلا ڪندو هيو ته ان کي وعظ ۽ نصيحت فرمائيندا هئا. گلا واري کي گناهہ جون مصيبتون ۽ نقصان ٻڌائي ڪيس ان بچڑي عادت کان توبه تائب ٿيڻ جي تلقين فرمائيندا هئا.

حضرت پير سائين جن کي هڪ فقير عرض ڪيو ته قبلا! فلاڻو شخص ذڪر ڪندڙن جي گلا ۽ شڪايت پيو ڪري، پاڻ ان فقير کي ارشاد فرمايائون ته "اها شڪايت ۽ گلا هن وقت ته تون ڪئي آهي. باقي گلا ڪندڙ شخص هت ته موجود ڪونهي" (۲)

الله پاڪ جي پيارن صرف برين ڀالهين جي نشاندهي ڪرڻ کي ڪافي نہ سمجهيو آهي بلڪ ان کان بچڻ لاءِ تدبيرون ۽ علاج تجويز فرمايا، ۽ روحاني بيمارين لاءِ اهڙي ته اڪسير نسخا ٻڌايا جو ان تي عمل ڪندي دين دنيا جون سعادتون ۽ پلائيون حاصل ڪري سگهجن ٿيون.

خدا تعالیٰ جو به اهوئي فرمان آهي ته ماڻهن کي سهڻي نموني سان وعظ نصيحت ڪندا رهو ۽ کين هدايت واري رستي تي هلائڻ لاءِ بهتر طريقو ۽ سهڻو

(۱) ملفوظات مترجم جلد ۳ ص۹۱
(۲) ملفوظات مترجم جلد ۱ ص۱۹۳

www.maktabah.org

رستو اختيار ڪيو.

احمد فقير ناهيون نقل بيان ڪيو آهي ته هڪ دفعو حضرت جن حجام کان سيرب پئي ٺهرائي ته اتي موجود هڪ شخص گلا جهڙي ڳالهه شروع ڪئي. پاڻ ان شخص کي فرمايائون ته: "ڪَنُ اصل نه ٽجي پر اک به نه ٽيڻ گهرجي". (۱)

سندن ان فرمودي جو مطلب هي آهي ته گلا جهڙي ٻڌل ڳالهه ته هرگز نه ڪجي پر اکين ڏٺل ڳالهه به نه ڪرڻ گهرجي، جيئن چوندا آهن ته ڪنن ٻڌيءَ تي ويساهه نه ڪجي ۽ اکين ڏٺي تي ويچار ڪجي.

حقيقت ۾ نصيحت پريون اهي ڳالهيون اسان کي تمام ننڍيون نظر اچن ٿيون، ليڪن حقيقي طرح انهن جي اهميت تمام گهڻي آهي. موجوده معاشري ۾ برائين ۽ فساد جو واڌارو به انهيءَ سبب ڪري ٿيو آهي. الله پاڪ جي پيارن ٻانهن انهيءَ جي روڪ لاءِ سهڻي نموني سان اصلاح ۽ تربيت جو طريقو اختيار ڪيو.

رسالا قشيري ۾ آهي ته: "الله تبارڪ وتعاليٰ حضرت موسيٰ عليه السلام ڏانهن وحي فرمايو ته جنهن جي وفات گلا ڪان توبهه ڪرڻ بعد ٽيندي ته سڀ کان آخر ۾ جنت ۾ ويندو ۽ جيڪو شخص گلا ڪندي مري ويو ته سڀ کان پهريائين دوزخ ۾ ويندو. رسالي ۾ وڌيڪ لکيل آهي ته "قيامت جي ڏينهن جنهن وقت ٻانهي جا اعمال ناما سندس سامهون آندا ويندا ته منجهس ڪابه نيڪي نه ڏسندو ۽ سوال ڪندو ته منهنجون نمازون، روزا ۽ عبادتون ڪيڏانهن ويون؟ ڪيس جواب ملندو ته دنيا ۾ ماڻهن جون گلاڙون ڪندو هئين ان ڪري تنهنجا سڀ اعمال چٽ ٽي ويا (۲)

حضرت پير سائين جن پنهنجي جماعت ۽ عام مخلوق جي بهتري لاءِ اهڙا ته سهڻا ۽ نصيحت پريا نُڪتا ارشاد فرمائيندا هئا جو انهن جو کهڙو بيان ڪجي!

هڪ دفعو حضرت جن وعظ فرمائيندي ارشاد فرمايوته ڪنهن به شخص جي گلا نه ڪجي، پر جيڪڏهن ڪو شخص هروپرو نه مڙي ته پوءِ ڪيس پنهنجي پيءُ ماءُ جي گلا ڪرڻ گهرجي ته جيئن سندس عملن جو خزانو پين جي ڪاتي ۾ نه وڃي بلڪ ان جي پيءُ ماءُ جي حوالي ٿئي ته به چگو. پاڻ وڌيڪ ارشاد فرمايائون ته قيامت جي ڏينهن گلا ڪندڙ شخص جا نيڪ عمل ڪسي جنهن جي گلا ڪئي هوندائين ان کي ڏياريا ويندا. (۳)

---

(۱) ملفوظات مترجم جلد ۱ ص ۱۹۵
(۲) رسالا قشيريه (مترجم اردو) ص ۳۴۰
(۳) ملفوظات (مترجم اردو جلد ۱- ص ۱۹۸)

www.maktabah.org

مزاح ۽ خوش طبعي:

حضرت پير سائين جن توڙي جو ننڍپڻ کان اجائي مشغولين، لهو لعب جي ڳالهين ۾ وقت وجائڻ کان پرهيز ڪندي هميشہ نصيحت آموز نڪتن بيان ڪرڻ ۽ پنهنجو سمورو وقت ياد الاهي ۽ ذڪر فڪر ۾ مشغول رکڻ کي ترجيح ڏيندا هئا. ليڪن ان هوندي بہ موقعي ۽ مناسبت سان خوش طبعي ۽ مزاح بہ فرمائيندا هئا ڇو تہ معاشري ۾ خوش مزاجي ۽ مزاح کي شامل ڪرڻ ۾ ڪا بہ شرعي ممانعت نہ آهي، ليڪن راهہ اعتدال کي هٿان ڇڏڻ بہ هرگز جائز نہ آهي.

حضرت رسول اڪرم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم ۽ صحابہ ڪرام رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين پڻ حد اندر مزاح ڪندا هئا. هڪ دفعو سندن خدمت مبارڪ ۾ هڪ شخص حاضر ٿيو ۽ کين عرض ڪيائين تہ يا رسول الله صلي الله عليه وسلم مون کي اٺ تي ويهاريو. (يعني اٺُ سواريءَ واسطي عنايت فرمايو) پاڻ سڳورن ان شخص کي فرمايوتہ توکي ڏاڇي جي ٻچڙي تي سوار ڪندس. تڏهن ان شخص عرض ڪيو تہ يا رسول الله صلي الله عليه وسلم مون تہ اٺ جي سواريءَ لاءِ عرض ڪيو آهي ۽ توهان مون کي ڏاڇيءَ جي ٻچي (گوري) تي سوار ڪرڻ لاءِ فرمايو ٿا. پاڻ ڪريم جن ارشاد فرمايوتہ ڇا اٺ ڏاڇيءَ جو ٻچو نہ هوندو آهي؟ سندن اهو فرمان مبارڪ مزاح جو هڪ نمونو هو.

ساڳئي ريت حضرت انس رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي تہ رسول اڪرم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم ۽ اسان جي ڳالهہ ٻولهہ دوران منهنجي ننڍي ڀاءُ ابا عمير سان خوش طبعي ۽ مزاح ڪندي ارشاد فرمايائون تہ "يَا اَبَا عُمَيْرَ مَا فَعَلَ النُّغَيْرُ؟" جنهن جو مطلب هي آهي تہ اي ابو عمير! ننڍڙي جهرڪيءَ ڇا ڪيو آهي؟

ان ڪري صحابہ ڪرام ۽ اولياءَ عظام بطور سنت ۽ خوش اخلاقي ۽ نرم مزاجي ڪري ڪنهن وقت مزاح بہ ڪندا هئا تہ جيئن طبيعتن تان بار هلڪو ٿئي! حضرت پير سائين جن بہ نجي محفلن ۾ ڪڏهن ڪڏهن دوستن مريدن ۽ فقيرن سان خوش طبعي ڪرڻ فرمائيندا هئا. ماڻهن سان سندن نرم مزاجي ۽ خوش طبعي ۽ بي تڪلفيءَ جو اهو بهترين نمونو هو ۽ خدا پاڪ کين سهڻن اخلاق سان سينگاريو هو.

حضور صلي الله عليه وسلم جن فرمايو آهي، تہ خوش اخلاقي سان پيش اچڻ بہ صدقو آهي. سندن ٻيو فرمان آهي تہ مان مزاح ڪندو آهيان ليڪن سچي ڳالهہ چوندو آهيان. حضرت پير سائين جن فرمائيندا هئا تہ اسان ڪوڙ سان هرگز خوش طبعي نہ

www.maktabah.org

ڪندا آهيون. (۱)

سندن خليفي ميان اميد علي کان ملفوظ آهي تہ: "هڪ دفعي پاڻ لاڙ جي سفر دوران ٽنڊي بهادر نظاماڻيءَ ۾ وضو ٻڌي فرمايائون تہ ان دوران ستار ڏنو نالي هڪ ڪوري وٽن حاضر ٿيو ۽ کين عرض ڪيائين تہ حضرتا! ماڻهو چون ٿا تہ ڪوري دوزخ ۾ ويندا، اهو چوڻ ڪيئن آهي؟ پاڻ وضو فرمائڻ ۾ مشغول رهيا ۽ کيس ڪو به جواب نہ ڏنائون (جو وضو ڪرڻ وقت نہ ڳالهائڻ مسنون طريقو آهي) اهڙي طرح ان ڪوريءَ ٻيو دفعو پڇيو، تڏهن به پاڻ ان کي جواب ڪونہ ڏنائون، وري ٽيون دفعو پڇيائين، تہ پاڻ وضو ڪري واندا ٿيا ۽ جواب ڏنائونس تہ اهڙي تڪڙ سان شڪ نہ آهي تہ دوزخ ۾ ويندا. (۲)

فڪر فردا:

جيتوڻيڪ هر انسان کي اهو چگيءَ طرح معلوم آهي تہ دنياوي زندگي فاني آهي، ۽ هتي ڪجهہ وقت رهڻ کان پوءِ خداپاڪ جي حڪم موجب موت اچڻو آهي، ۽ اسان جي اکين آڏو روز مره جي زندگيءَ ۾ اهڙا سوين واقعا ٿيندا رهن ٿا. ليڪن پوءِ به نفس ۽ شيطان جي ڇار ۾ اهڙا تہ ڦاٽل آهيون جو آخرت جي موڙي ناهڻ بجاءِ پنهنجا بار ڳرا ڪندا رهون ٿا. ڇڪن عملن عيوض برا ڪم روز جو معمول بڻجي ويا آهن ۽ بچڙائيءَ تي اصرار ايترو تہ وڌي ويو آهي جو ڪڏهن به پنهنجي عادت کي تبديل ڪرڻ ۽ اسلامي شعائر ۽ احڪام تي عمل ڪرڻ بدران شعائر اسلام ۽ احڪام الاهي کي پنهنجي تابع بنائڻ لاءِ شيطاني تدبيرون ۽ حيلا هلائڻ، اسان جو شيوو بڻجي ويو آهي. تڏهن اهڙين حالتن ۾ خدا پاڪ جي پيارن ٻانهن ۽ بندن عام انسانن جي تربيت واسطي، آخرت جي فڪر لاءِ اهڙو تہ معيار قائم ڪيو جو ٿوري عرصي ۾ ان جو ڦل تمام گهٽو ۽ سهٽو ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

حضرت پير سائين قدس سره جن وعظ نصيحت جي محفلن کانسواءِ نجي محفلن ۽ مخصوص ڪچهرين ۾ پنهنجن مريدن، معتقدن ۽ صحبتين کي اهائي ترغيب ۽ حرص ڏيارينداهئا تہ هي دنياوي زندگي عارضي ۽ فاني آهي. پوءِ ان جي لاءِ ڪيتري نہ جدوجهد ٿي ڪرٽي پوي ۽ چا چا نہ ٿا ڪريون. ليڪن آخري ۽ دائمي زندگي جي لاءِ اسان چا ٿا ڪيون ۽ ڪهڙي طرح تياري ڪئي اٿئون؟

(۱) ملفوظات (مترجم) جلد ۵ ص ۲۲۷
(۲) ملفوظات روضي ڏٹي سنڌي جلد ۱ ص ۲۶

www.maktabah.org

حضرت جن موقعي ۽ مناسبت سان دنياوي مثالن ۽ واقعن سان اهڙي ته دلنشين انداز سان تربيت ۽ اصلاح فرمائيندا هئا جو کهڙو به سخت دل ۽ ڪنور چو نه هجي ليکن هڪ دفعو سندن صحبت ملڻ ڪري نرم دل بنجي پوندو هيو. پاڻ فرمائيندا هئا ته"هي دنيا اونداهي غار جي مثال آهي. پوءِ جيڪو هتي جيتري قدر صالح عمل ڪندو، اوتري قدر آخرت ۾ ان جو عيوض ملندو. جيڪو ڪجهه ڪو نه ڪندو تنهن کي ڪو فائدو ۽ اجر ڪونه ملندس ۽ ارمان ۽ افسوس نصيب ٿيندس. (۱)

حضرت جن جي پوري ڄمار جو ڪو به اهڙو لمحو نه هو جنهن ۾ ڪائنات خوف خدا ۽ آخرت جو فڪر وسريل معلوم ٿئي، بلڪه روزانو نئين پڙهيل سبق جيان فڪر فردا (آخرت جو فڪر) ۽ خوف خدا ۾ گذارينداهئا. پاڻ هڪڙي ڏينهن واعظ ڪندي ارشاد فرمايائون ته "اي دوستو! خيال ڪرڻ گهرجي ته جڏهن ڪو هڪڙو ماڻهو هن دنيا بي بقا مان لڏي هلي ٿو ته ٻيا سندس دوست ۽ عزيز باوجوديڪ پاڻ ۾ آهن به گهٽا، ۽ دنيا جي ڪشادين جاين ۾ رهن پيا، ته به ان هڪڙي ڇٽي جي جدائي ۽ درد ۾ ڪيترو ڏڪ ۽ ارمان ڪن ٿا ۽ روئن پٽن ٿا. پر هو ويچارو جو هيڪلو پنهنجي يارن مٽن مائٽن کان ڇڄي جدائيءَ جي داغ ۾ سڙي پچي هڪ اونداهي ۽ سوڙهي ڪڍ ۾ ٿو ڪاٽو ڪري ۽ بنا ٿمر جي اڪ ڏڻي سفر تي پنڌ ٿو ڪري، ان جو کهڙو نه پريشان حال هوندو، پوءِ ڪپي ته انهيءَ هيڪلائيءَ جي وقت لاءِ هتان کا سنبت ڪري هلجي. (۲)

پيٽ پري کائڻ کان منع

کائڻ پيئڻ جو تعلق انساني غذا سان آهي، هونئن به سائنسي ۽ طبعي طرح پيٽ پري کائڻ ۾ ڪيترين ئي خرابيون آهن. ان کان سواءِ جيڪو شخص پيٽ پري کائيندو ته ان کي پيٽ بکين انسانن جو کهڙو قدر ٿيندو؟ ۽ اهڙو انسان ظاهري طرح ڪيترين بيمارين ۾ به مبتلا ٿي ويندو آهي.

معاشرتي طور تي ڏٺو وڃي ته جيڪي شخص هميشه پيٽ پوڄا پويان هوندا آهن، انهن ۾ اخلاقي قدر تمام گهٽجي ختم ٿي وڃن ٿا. اهڙن انسانن جو مقصد حيات صرف کائڻ پيئڻ هوندو آهي ۽ هو ڪنهن به قسم جي روحاني ترقي ۽ واڌارو ڪو نه ڪري سگهندا آهن. ان جي برخلاف ڏٺو وڃي ته دين اسلام ۽ نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي تعليم ۽ اولياءَ الله تعاليٰ جي سيرت

(۱) ملفوظات مترجم جلد اول ص ۱۲۸

(۲) ملفوظات شريف مترجم- جلد اول ص ۱۴۶

www.maktabah.org

ڀر اهڙا لکين واقعا موجود آهن، جن مان معلوم ٿو ٿئي ته انهن نيڪ سيرت انسانن شڪر سيريءَ ۽ پيٽ پروري کان پاڻ کي آجو ڪري هميشه پاڻ نه ڪائڻ، ٻين کي کارائڻ، ۽ ايثار قرباني جا اهڙا ته مثال قائم ڪيا جوعقل دنگ رهجيو وڃي.

حضرت جن هڪ دفعو واعظ ڪندي ارشاد فرمايو ته: "انسان جي بدن ۾ جيستائين پيٽ ٻکيو رهندو ته تيستائين ٻيا سيئي عضوا ڏاول هوندا، پر جي هڪڙو پيٽ ڏاول ٿيو ته ٻيا سڀ عضوا ٻکيا رهندا، پوءِ فرمايائون ته حضرت رسول اڪرم صلي الله تعالىٰ عليه وسلم جن جي زماني کان بعد پهرئين بدعت جيڪا پيدا ٿي، سا اها پيٽ پري ڪائڻ جي بدعت هئي. (١)

پاڻ ان دوران هي حديث مبارڪ ٻه ارشاد فرمايائون، جنهن جو مطلب هي آهي ته: "ڪافر ستن آندن ۾ کائي ٿو ۽ مؤمن هڪ آندي ۾ کائي ٿو."

تجربي مان اهو ٻه معلوم ٿيو آهي ته پيٽ پري کائيندڙ انسان جو معدو جلد خراب ٿي، نظام هضم کي بگاڙي ڇڏي ٿو، جنهن مان ڪيترين بيمارين جو انديشو رهي ٿو. اهڙو انسان سست، ڪاهل، زندگيءَ جي دوڙ ۾ ٻين کان پوئتي رهجي وڃي ٿو.

ملفوظات شريف ۾ بيان اچي ٿو ته سندن صاحبزادن جي شادين ۾ ڪيترا ڏينهن مهمانن جي اچڻ جو سلسلو جاري رهيو، ۽ مڪلف طعام تيار ٿيندا رهيا، ليڪن حضرت جن ٽي ڏينهن ماني نه ڪاڌي. صاحبزادن ۽ ٻين ڪم وارن سمجهيو ته حاويليءَ ۾ ماني استعمال فرمائي هوندائون، ۽ حاويليءَ جي ماڻهن خيال ڪيو ته ٻاهر ماني ڪاڌي هوندائون. اهڙي طرح ڪنهن ٻه ماني کارائڻ جي ڪوشش نه ڪئي، نه ڪو حضرت جن خود بخود ڪنهن کان ماني گهري. ٽئين ڏينهن کان پوءِ جڏهن ماڻهن کي خبر پئي تڏهن طعام آڻي اڳيان حاضر ڪيائون، ان کان پوءِ پاڻ طعام کائڻ فرمايائون (٢)

حضرت جن اهڙي طرح ٽي ڏينهن ٻکيا رهيا، ليڪن ان دوران ڪنهن سان اهڙي ڳالهه نه فرمايائون، جنهن مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته ڪو پاڻ مسلسل بکارا آهن، بلڪ صبر ۽ شڪر سان ماڻ ۾ رهيا. حضرت جن جي ان خوبيءَ ۽ صفت سندن خليفن ۾ ٻه اهڙو ته اثر ڏيکاريو جو خليفي الهرڪئي لاءِ مشهور آهي ته هو بزرگ ڪيترا ڏهاڙا سواءِ کائڻ پيئن جي گذاري ڇڏيندو هيو، ۽ ڪيس کائڻ پيئڻ جي ضرورت ئي پيش ڪا نه ايندي هئي. حقيقت ۾ مرشد جو ٻه ڪمال اهو ئي آهي جو جيڪي خوبيون منجهس موجود هجن ۽ جن منزلن تي پاڻ فائز هجي ڪم از ڪم اهي سڀ خوبيون پنهنجي مريدن ۾

(١) ملفوظات (مترجم) جلد ٣- ص ١٠٠
(٢) ملفوظات مترجم جلد- ٤- ص ١٠٤

www.maktabah.org

پيدا ڪري ۽ انهن سڀني منزلن جو سير ڪين ڪرائي. اهو ئي سبب آهي جو حضرت جن جي مڙني خليفن جي سوانح حيات تي هڪ نظر وجهڻ سان چگيءَ ريت معلوم ٿو ٿئي ته سندن سيئي خليفا حضرت جن جي فيض جو اتر مظهر هئا.

سماجي شغل مشغوليون

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمة الله تعالىٰ عليه جن جي پوري زندگي احڪام الاهي جي تابعداري ۽ مخلوق خداوندي جي پلائي ۾ صرف ٿي.

سندن زندگي جي شيڊيول، شغل، مشغولين ۽ روزمره جي معمولات تي هڪ نظر وجهڻ سان معلوم ٿو ٿئي ته، حضرت جن جي زندگي جو اڪثر حصو خدائي امر ونواهي جي پورائي ڪرڻ سان گڏوگڏ مخلوق جي پلائي ۽ سماجي ڪمن ڪارين ۾ صرف ٿيندو رهيو. ڪنهن کي سفارشي خط ڏيڻ، ڪنهن سان حاڪمن ڏانهن گڏجي وڃڻ، سائلن ۽ مجبور انسانن جي عرضن اگهائڻ، مسڪينن ۽ ضرورتمندن جي مالي مدد ڪرڻ ۽ جهيڙن جهڳڙن جي نبيري ۾ پڻ مشغول رهندا هئا. (۱)

حضرت جن جي ملفوظات شريف ۾ ڪافي هنڌن تي اهڙيون ثابتيون موجود آهن، جن جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته پاڻ ڪيترا دفعا مسڪينن، لاچارن مٿان سرڪاري رهيل قرض معاف ڪرائڻ خاطر حاڪمن وٽ سفر مسافري ڪري پهتا، پوءِ آخر انهن جي جان آزاد ڪرائي واپس وريا هوندا. اهڙي طرح خوني معاملن ۽ جهڳڙن جي فيصلن ڪرڻ جو ته ڪين اهڙو ڏانءُ هوندو هيو جو منڌن ۾ معاملي کي رفع دفع ڪري ڏرين کي کير ڪنڊ ڪري ڇڏيندا هئا.

سندن ملفوظات جي جلد پنجين، باب تيرهين، جي پهرئين فصل ۾ مذڪور آهي ته هڪ دفعو مظفر خان ملتان جو حاڪم درياهه جي رستي عربستان کان واپس اچي رهيو هو، تڏهن سرڪاري ماڻهن درگاهه شريف جي هندن تي سامان پهچائڻ جو آردر ڪيو، پوءِ اهي هندو ماڻهو سيئي گڏجي سندن خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ ڪين عرض ڪيائون ته اسان کي هن بيگار کان ڇڏايو وڃي. ان وقت پاڻ انهن هندن کي صلاح ڏنائون ته توهان هڪ هڪ ٿي لکي هليا وڃو. اهڙي طرح انهن ائين ڪيو ۽ حاڪمن جي بيگار کان بچي ويا.

مذڪوره واقعي کان سواءِ ٻيا ڪافي واقعا ملفوظات شريف ۾ مذڪور آهن، جن مان معلوم ٿو ٿئي ته خدا پاڪ ڪين جهڙي طرح باطني فيض سان مالامال فرمايو هيو، ساڳئي ريت دنياوي معاملات کي نبيرڻ ۾ فهم و فراست سان

(۱) ملفوظات شريف جلد اول ص ۲۱

www.maktabah.org

گڏوگڏ مخلوق جي پلائي جو جذبو ڪمال درجي جو منجهن موجزن هيو، صرف ايترو نه، بلڪ پنهنجي هڙان وڙان به ڏيئي نفع رسانيءَ جي عظيم منصب کي نيائيندا رهيا.

پاڻ هڪ دفعو پنهنجي مريدن کي نصيحت ڪندي فرمايائون ته الله جي ولين کي ڪير جا پريل به ٻُڌا عطا ٿيل هوندا آهن، هڪ ٻُو معنوي فيض سان پريل هوندو آهي، ته ٻيو ٻُو ظاهري نفعن سان ٽمٽار هوندو آهي، پوءِ جيڪو ماڻهو دنياوي نفعي حاصل ڪرڻ لاءِ وٽن ايندو آهي ته ان کي ظاهري نفعي واري حصي مان وڌ ملي ٿي ۽ جيڪو معنوي فيض حاصل ڪرڻ جي ارادي سان وٽن ايندو اٿن ته ان کي معنوي ٻُڌي مان حقيقت ۽ معرفت جو ڪير پياريندا آهن. (١)

ڪين انساني پلائي ۽ نفع رساني جو شوق ايترو ته هوندو هيو جو، جهڙو به سوالي وٽن ايندو هيو ته ان کي ان جي مطلب ۽ مراد موجب سوال پوري ڪرڻ کان سواءِ ڪڏهن به خالي نه موٽائيندا هئا، بلڪ پنهنجو پاڻ کي تڪليف ڏيئي نفع رساني جو عمل سر انجام ڏيندا هئا.

سندن زندگي جي آخري سفر دوران جڏهن تمام گهٽو بيمار هئا، ۽ ڪين گهوڙي سواري به ڏکي لڳي ٿي، تڏهن فقيرن عرض ڪيو ته قبلا! ڪٿوليءَ تي سفر ڪريو، جو شهر وارن به ڪجهه ماڻهو ڏنا آهن ۽ ڪٽ ڪٽندڙ حاضر آهن، تڏهن پاڻ فرمايائون ته مان ڪنهن کي تڪليف هيٺ آڻڻ نه ٿو گهران. فقيرن وري عرض ڪيو ته قبلا! اسان پاڻ ۾ فقير گهٽا آهيون، پاڻ دوبارو فرمايائون ته اسان فقير انهيءَ لاءِ نه ڪنيا آهن جو متن سوار ٿيون. آخر گهٽي تڪليف جي باوجود گهوڙي تي سوار ٿيا. (٢)

هڪ دفعو درگاهه تي سومهٽي جي نماز کان پوءِ اونداهي رات ۾ حاويليءَ کان مسجد شريف طرف پي آيا. جڏهن ڪوهه وٽ پهتا، ته ڏٺائون ته هڪ عورت پاڻي پرڻ جي انتظار ۾ دلا رکيو بيٺي هئي، ان عورت کين کو نه سڃاتو ۽ حضرت جن کي سڏي چيائين ته اي فقير! جي چرخي ڦيرائين ته آئون دلا پري وڃان. پاڻ چرخي ڦيرايائون، مٽان پي عورت آئي، ان کي به پاڻي ڏيڻ لاءِ ارادو ڪيائون ته مٽان هڪ فقير آيو، جنهن کين سڃاڻي کانئن چرخي ورتي. (٣)

انهن سيني شغل مشغولين مان ظاهر آهي ته کين خلق خداوندي جي روحاني توڙي مادي خدمت ڪرڻ جو جذبو ڪمال درجي تي پهتل هو، ۽ ان کي نيائيندي

(١) ملفوظات مترجم جلد ٥ ص٣١٩
(٢) ملفوظات مترجم جلد ٦ ص ٧١
(٣) ملفوظات مترجم جلد ٥ ص ٣٧٥

www.maktabah.org

خوشي محسوس ڪندا هئا.

سندن ملفوظات شريف ۾ نقل آهي ته: ڏاتو فقير گهانگهري حضرت جن جي حضور ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! منهنجي عزيزن جون مينهون، جيڪي درياهه جي هن طرف رهن ٿيا، حاڪم ظلم ۽ ناحق سان اهي ڪسي ويا آهن، انهن جي موٽائڻ لاءِ مون وارا عزيز خدمت ۾ فرياد ڪن ٿا، انهن جو تدارڪ فرمايو. حضرت جن جواب ۾ ارشاد فرمايو ته انشاءَ الله سفارشي خط حاڪمن ڏانهن لکي ڏيندا سون ۽ اهي واپس موٽائي ڏيندا (١)

ساڳي ريت ملفوظات جي متعدد مقامات تي اهڙيون شاهديون موجود آهن، جن مان معلوم ٿو ٿئي ته پاڻ عام ماڻهن جي پلائي لاءِ وسئون ڪو نه گهٽائيندا هئا. مثال طور: ملفوظات شريف جلد ٥ ص ١٦٩ تي مذڪور آهي ته پاڻ سوالين جي درخواست تي خليفي الهرڪئي ڪي واليان خيرپور ڏانهن سفارشي ٻنائي موڪليائون، ۽ خلفيو صاحب انهن جون درخواستون منظور ڪرائڻ بعد واپس وريو.

ٻي هنڌ غلام محمد انڙ مٹان سرڪاري ٽيڪس جي ڇڏائڻ بابت لکيل آهي ته پاڻ پنهنجي سر حيدرآباد جي حاڪم مير غلام علي خان ڏانهن ٻه ويا، ۽ آخر ان جو قرض معاف ڪرائي بعد ۾ واپس وريا.

سندن زندگي جو آخري احوال ۽ وصال:

حضرت پير سائين روضي ڏٹي رحمةَ الله تعالىٰ عليه جن ٦٣ سالن جي ڄمار جو عرصو، مخلوق خداوندي ڪي هدايت تي هلائيندي صرف ڪيو. ان دوران پاڻ لکين ٻليل انسانن ڪي هدايت جو رستو ڏسي طريقت ۽ طلب جي تلقين فرمايائون.

سندن فيض مان هزارين انسان، حصو حاصل ڪري هدايت يافته بنجي، پير طريقت ٿي ويا. پنهنجي تصرف سان ٻڌيلن کي رهبر بنائي ڇڏيائون.

خليفي بخش علي ٽالپر لاءِ مشهور آهي ته هو پنهنجي وقت ۾ تمام ناميارو چور ۽ رهزن هوندو هيو. هڪ دفعو حضرت جن ڍگهڑي جي آس پاس سفر تي آيل هئا. خليفي بخش علي رات جو پنهنجي ساٿين سان هام هنئي ته اڄ رات ان پير (روضي ڏٹي) جو گهوڙو، جيڪو تمام پلو آهي، چوري ڪندس. آخر آڌي رات ڪان پوءِ بخش علي فقير حضرت جن جو گهوڙو چوڙي، مٹس چڙهي روانو ٿيو، ۽ سڄي رات گهوڙي کي ڊوڙائيندو رهيو. ليڪن صبح جو ڪيس معلوم ٿيو ته ساڳي ئي هنڌ تي بيٺو آهي،

(١) (جلد ٤ ص ١٦٩)

www.maktabah.org

جتان رات گهوڙو ڇوڙيو هئائين. تڏهن گهوڙي جي واڳ مان هٿ کڌي، سڏو حضرت جن جي خدمت ۾ پهتو ۽ تلقين حاصل ڪري طريقت ۾ داخل ٿيو. جنهن بعد ڪيس اهو مرتبو حاصل ٿيو جو حضرت جن جي مقرب خليفن مان ليکجڻ لڳو.

چون ٿا ته خليفو صاحب ان کان پوءِ هميشه پاڻ سان اهو رسو گڏ رکندو هيو، ۽ ماڻهن کي ٻڌائيندو هو ته پهريائين منهنجو هي حال هيو جو مان چوريون کندو هيس هينئر هي سڀ مهرباني حضرت جن جي اثر ۽ فيض سببان حاصل ٿي آهي (۱) ايستائين جو عبادت، رياضت ۽ نماز دوران به اهو رسو سامهون رکندو هيو ته جيئن نفس غرور ۽ تکبر ۾ نه پئجي وڃي.

سيد موليڏني شاهه کان منقول آهي ته هڪ دفعو حضرت جن ديهه ڪنگريءَ ۾ لٽل هئا، ان دوران هڪ موالي شخص سندن زيارت لاءِ حاضر ٿيو. فقيرن کيس عرض ڪيو ته ادا سڄي عمر غفلت ۾ گذاري اٽئي ۽ ڪو فائدو به ڪونه پهتئي. هاڻي جيڪڏهن حضرت جن کان ذڪر جي تلقين حاصل کرين ته کهڙو نه پلو ٿئي. تڏهن ان موالي حضرت جن کان ذڪر جي تلقين وٺي طريقت ۾ داخل ٿيو، ۽ اڻ ڏينهن کان پوءِ ان موالي جي پاڙي وارن سندس وفات جي خبر ٻڌائي، ۽ پڻ اها به شاهدي ڏنائون ته ان جي سڪرات ۾ به زبان ذڪر ۾ مشغول هئي، ۽ اهو به ٻڌايائون ته وفات کان پوءِ سندس دل اهڙي طرح هئي.

هرگز نميرد آنکه دلش زنده شد بعشق

سندن ئي ملفوظات شريف ۾ منقول آهي،جنهن جو ذڪر اڳ ۾ به بيان ٿي چڪو آهي ته وصال واري وقت ۾ هڪ شخص مسجد شريف ۾ اچي ظاهر ڪيو ته مولا جي طلب ۾ مريد ٿيڻ لاءِ آيو آهيان. خادمن ان جي عرض کي حضرت جن جي حضور ۾ بيان ڪيو. حضرت جن ان کي پنهنجي آرام واري جاءِ تي گهرائي تلقين فرمائي ۽ ان وقت الله تعالىٰ جو شڪر بجا آڻيندي فرمايائون ته الحمد لله جيڪو ڪم هن فقير تي رکيو هوائون، وصال جي وقت ۾ به ان کم سان مشغول رکيائون (۲)

اهڙي طرح اهو هدايت ۽ عرفان جو چمڪندڙ سج سالڪن جو رهنما بيمار دلين جو دارون ۽ دوا، شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت جو موجزن درياهه، هن بي بقا جهان مان ٦٣ سالن جي ڄمار ۾ پهرئين شعبان بروز جمع سن ۱۲۳۴ هجري دوران پنهنجي حقيقي مالڪ سان وڃي مليو- انا لله وانا اليه راجعون- کين پراڻي درگاهه

(۱) صدري روايت مولوي محمد عمر شيخ صاحب
(۲) ملفوظات سنڌي جلد ٥ ص۳۱۹

www.maktabah.org

شريف ڳوٺ رحيم ڏني کلهوڙي ۾ دفنايو ويو، جتان سندن پرٽي سيد علي گوهر شاهه عرف بنگلي ڏٽي، درياهه چڑهڻ جي خوف سببان سن ۱۲۵۰هه ۾ موجوده درگاهه شريف تي کٽائي دفن کيو.

سندن وفات حسرت آيات تي کيترن ئي مريدن ۽ معتقدن هنجون هاريون. کيترائي بي هوش ٿي فاتر العقل بنجي ويا.

حضرت جن جي لاڏاڻي وقت جيکا عوام جي حالت هئي، تنهن کي خليفي محمود رحمة الله تعالیٰ عليه ملفوظات شريف جي مقدمي ۾هن طرح بيان کيو آهي: جڏهن اهو حقيقي آفتاب عالمتاب "کُلُّ شيءٍ يَرجِعُ اِلیٰ اَصلِهٖ" جي قانون ۽ سنت نبوي علیٰ صاحبها الصلوات والتسليمات جي بجا آوري موجب "اَلا اِنَّ اَولِيَاءَ اللهِ لَا يَمُوتُوْنَ بَلْ يَنْتَقِلُوْنَ مِنْ دَارٍ اِلیٰ دَارٍ" جي ڪرن ۾ پردو فرمائي "اَوَ اَدنیٰ" جي بحر بي ڪنار ۾ ٽُبي هڻي، هن جهان جي روشنائيءَ کي فراق جي اونداهيءَ سان مبدل فرمايائون. تڏهن جماعت ۽ طالبن جي شيرازه جو مجموعو ورق ورق، ۽ عاشقن جي جمعيت وارو گلدستو پن پن ٿي اڏامي ويو.

از فلک برخواست آه! واز ملک فرياد خواست
کز جهان روپوش گشته آن شفيع ذات پاک

يعني مرشدن ڪريمن، بيڪسن جي پرجهلن، ضعيفن، يتيمن جي ياورن جي جدائيءَ ۾ آسمان کان آه زاري ۽ ملائڪن کان فرياد، بيقراري پيدا ٿي وئي.

ويو سڄ وٽن تان راسيون ڏيئي رنگ
جنهن سان منهنجو سنگ، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو

توٽيڪ هن وڇوڙي جي واءُ، سڄي ملڪ کي نهوڙي وڌو هو، پر خاص طرح هن فقير دلگير جي دل محبت منزل، جا محبوب جي ڳٽن ڳڏل، ۽ حاضريءَ جي دائمي فرحت تي هريل ۽ سدائين نظاري محبوب پياري جي مناڻ جي چاشنيءَ سان لذت پريل هئي، ۽ جدائيءَ جي زهر جي ڪوڙاڻ کان ناآشنا ۽ فراق جي شهباز کان بي پرواهه گذاريو هئائين، تنهن کي جڏهن اوچتو "جدائي" جي طوفان، اجڙيل قلب جي قمريءَ کي، درد، الم جي باز پڇاڙي وڌو تڏهن حيران، سرگردان، چشم گريان، باحال زاري ۽ دل پريشان پڪارڻ لڳي ته

کجا شد سرو من يا رب! که دربستان نمي بينم
شدم مشتاق، چون بلبل، گل و ريحان نمي بينم

www.maktabah.org

خليفو ميان لقمان نقل ٿوڪري ته، حضرت جن وصال واري بيماريءَ ۾ صاحبزادن ۽ خليفن کي وصيت ڪندي فرمايو ته:

"حاضر ۽ غائبن کي خبر هجي ته اسان جو طريقو محمدي عليه السلام طريقو آهي، جيڪو جهالت ۽ بدعت کان پاڪ آهي. جيڪڏهن هن سلسلي ۾ ڪو بدعتي ٿي پوي ته انهيءَ کي جماعت مان خارج رکجو، ۽ ساٿس ڪو لاڳاپو نه رکجو، انهيءَ هدايت تي عمل ڪجو ۽ استقامت رکجو. (۱)

خليفي صاحب حضرت جن جي وصال جي تاريخ هن طرح بيان ڪئي آهي:

سال وصلش پرسيدم زجان
ساعتي در فکر ماند بعد ازان
گفت تاريخ آن شافع بمن
نورهادي، مهدي آخر زمن
۱۲۳۴ھ

(۱) ملفوظات شريف جلد۶ ص۶۶

www.maktabah.org

باب ٻيو

فصل پهريون

سنڌن مشهور خليفا ۽ انهن جون خانقاهون

خليفو حضرت سيد محمد حسن شاهه جيلاني سوئي وارو

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي خلفاءِ ڪرام جو تعداد لگ ڀگ تيرهن سؤ ٻڌايو وڃي ٿو. جيڪي سڀ سنڌن فيض ۽ عرفان مان وندڙ حاصل ڪري دنيا جي تختي تي روشن تارن وانگر چمڪندا رهيا.

تاريخ اسلام اهڙن برگزيده انسانن جي ذڪر خير سان ڀريل آهي. خصوصًا سنڌ ۾ اهڙن پاڪباز ۽ نيڪ سيرت انسانن جي فيض و برڪات حاصل ڪرڻ کان محروم نه رهي، بلڪ منجهس وقت بوقت اهڙا ته گوهر پيدا ٿيندا رهيا جن جي هڪ نظر ڪيميا اثر، وسيلي عام انسانن جون زندگيون تبديل ٿي ويون. انهن بزرگن مان ڪي ته هتان جا هئا، ڪي ٻاهر جا هئا. ليڪن پوءِ ۾ پنهنجو مسڪن هتي بنايائون. حضرت روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي وڏن خليفن مان حضرت سيد محمد حسن شاهه جيلاني سوئي شريف واري جو نالو پڻ ان ڏس ۾ سرفهرست آهي. سيد مغفور القادري جي بيان موجب حضرت پير سيد محمد حسن شاهه جيلاني اصل ۾ ڳوٺ شيرگڙهه، ضلع ساهيوال، ملڪ پنجاب جو رهواسي هو. سندس دل ۾ عشق الٰهي موجزن ٿيو ۽ هڪ ڏينهن خدا جي طلب ۾ گهران سفر اختيار ڪيائين ۽ ڪنهن مرد ڪامل، صاحب دل جي تلاش ۾ سير وسياحت ڪندي پرچوندي ڪان اتر رستي جي ڪناري مولوي آفتاب احمد صاحب سان اچي سلامي ٿيو، جيڪو بزرگ ديني تعليم جي شغل کي جاري رکندي، هڪ مدرسو قائم ڪري ويٺو هيو. حضرت سيد جيلاني رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن رات جو وٽس مهمان ٿيو. ماني وغيره کائڻ کان پوءِ حال احوال دوران سيد صاحب، مذڪور مولوي صاحب کي پنهنجي مدعيٰ بيان ڪندي ٻڌايو ته هڙي طرح خدا جي طلب ۾ گهران نڪتو آهيان، ليڪن اڃان تائين ته ڪنهن ڪامل مرد جي ور نه چڙهيو آهيان، ۽ ان باري ۾ مون کي صلاح ۽ ڏي ته ڪنهن جي هٿ تي بيعت ڪري دلي مراد ماڻيان؟ تڏهن ان مولوي صاحب سيد جيلاني صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن

www.maktabah.org

کي نيڪ صلاح ڏيندي ٻڌايو ته جيکڏهن توهان مون کان ان باري ۾ راءِ پڇو ٿا ته پوءِ منهنجي اوهان کي گذارش آهي ته انهيءَ نيڪ مرد ۽ کامل ولي الله جي هٿ تي راهه طلب ۾ تلقين حاصل ڪريو. جنهن جو فيض عام هر نندي خواهه وڏي تي عام جام اثر انداز ٿي ڪري،ماڻهن کي گمراهي ۽ اونداهيءَ جي آڙاهه مان ڪڍي هدايت جي رستي تي هلائي رهيو آهي، ۽ اوهان جلد از جلد ان کامل مرد جي صحبت اختيار ڪري فيض حاصل ڪريو. ان مذڪور مولوي صاحب،سيد صاحب جن کي وڌيڪ بيان ڪندي ٻڌايو ته ان نيڪ سيرت کامل مرد جي هڪ نظر، هزارين انسانن کي ان منزل تي پهچائي ڇڏيو آهي، جتي پهچڻ لاءِ ڪيئي سال درڪار هوندا آهن.

اهڙيءَ طرح مولوي صاحب، حضرت سيد محمد حسن شاهه صاحب جيلاني رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن کي حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جو نام نامي اسم گرامي ٻڌائيندي مشورو ڏنو ته اوهان سنڌ جي ان نيڪ، پلاري بزرگ سيد سڳوري جي هٿ تي بيعت ڪري دلي،۽ روحاني مطلب حاصل ڪريو.

مولوي صاحب واري مشوري ۽ صلاح، سيد صاحب جن جي دل تي اهڙو ته اثر ڪيو جو سيد صاحب جن جي دل گهائل ٿي وئي، ۽ اتان سڌو حرمين شريفين جي زيارت لاءِ رخ رکيائين، جتي پهچڻ کان بعد روضي پاڪ تان اشارو مليس ته تنهنجو فيض سيد محمد راشد جي حصي ۾ آهي ۽ هتان کان واپس ٿي پير جي ڳوٺ مان پنهنجي مراد وجي حاصل ڪر. اهڙيءَ طرح جڏهن سيد صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن کي رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي روضي پاڪ تان پٺ اهڙو نياءُ مليو ته، حرمين شريفين کان سڌو پير جوڳوٺ پهتو ۽ حضرت جن جي هٿ تي بيعت ڪري تلقين و ارشاد حاصل ڪيائين(۱)

حضرت پير سيد محمد حسن شاهه جيلاني مسلسل ڇهه مهينا درگاهه شريف پير جوڳوٺ رهي،فيض ۽ عرفان حاصل ڪندو رهيو. خدا پاڪ منجهس ايڏي ته مٹيا موجزن فرمائي هئي جو ان مختصر ميعاد ۾ فيض حاصل ڪري پنهنجو مٺ پاڻ بنجي ويو. جنهن بعد مائي سوائي حضرت پير سائين روضي ڈٹي قدس سره جن کي عرض ڪيو ته قبلا! سيد محمد حسن شاهه کي حڪم فرمايو ته اسان جي ڳوٺ ۽ ان جي آسپاس وارن علاقن کي الله پاڪ جي ذڪر فڪر سان هلي روشن ۽ آباد ڪري. چنانچه سيد صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن پنهنجي مرشد جي فرمان موجب درگاهه شريف پير جو ڳوٺ کان موجوده سوئي(جيڪو اصل ۾ سوائي نالي هڪ مائيءَ جو

(۱)عبادالرحمٰن اردو، ص۳۲

www.maktabah.org

ڳونڙو هيو) پهتو ۽ پنهنجي مرشد ۽ مربي جي طرفان مليل حڪم موجب مذڪوره ڳوٺ ۽ ان جي آسپاس وارن ماڻهن کي الله پاڪ جو رستو ڏسڻ شروع ڪيائين. جيئن ته حضرت سيد محمد حسن شاهه جيلاني رحمة الله تعالىٰ عليه جن اصل پنجاب جا هئا، انهيءَ ڪري سوائي ڳوٺ ۾ سندن مستقل سڪونت شروع ۾ پکو اڈي ويهڻ سان ٿي. ليڪن ٿوري ئي عرصي ۾ خدا پاڪ کين مقبوليت ۽ شهرت ايتري تائين بخشي جوروزانو هزارين ماڻهن جا انبوهه وٽن اچڻ لڳا.

هاڻي پڪي بدران مستقل خانقاهه قائم ڪري ماڻهن کي تبليغ و ارشاد وسيلي راهه طلب ۾ تلقين ڪندو رهيو. حضرت سيد محمد حسن شاهه جيلاني رحمة الله تعالىٰ عليه جن پنهنجي عمر جي پڇاڙي تائين اتي ئي ترسي پيو ۽ پوئتي واپس وڃڻ جو خيال ترڪ ڪري موجوده ماڳ تي زندگي جا باقي ڏهاڙا مخلوق خداوندي کي هدايت جي رستي تي هلائيندي سن ۱۲۵۴ هجري ۾ وصال ڪيائين کيس اتي ئي دفن ڪيو ويو. سندن مزار درگاهه سوئي شريف تعلقو ميرپور ماٿيلو ضلع سکر ۾ اڄ به هزارين انسانن لاءِ سڪون ۽ آرام جي جاءِ آهي.

حضرت پير سائين روضي ڏٹي رضي الله عنه جن فرمائيندا هئا ته اسان کن خليفن کي انهن جي خواهش تي خلافت ڏني، ۽ کن کي پنهنجي مرضيءَ سان خلافت عطا ڪئي سين. ليڪن کن لاءِ خدائي دربار مان حڪم مليو ته انهن کي خلافت جي تاج سان سينگاريو وڃي. تڏهن ان ٽئين ٽولي مان حضرت سيد محمد حسن شاهه رحمة الله تعالىٰ عليه جن به آهن (۱) ان مان معلوم ٿيو ته حضرت سيد صاحب رحمة الله تعالىٰ عليه جن پنهنجي مرشد محترم جي مراد هئا، آخر مراد مان مريديءَ جي ان مقام تي فائز ٿيا، جتي کو ورلي پهتو. سندن فيض مان ڪيترائي انسان فيضياب ٿيا. هزارن جي تعداد ۾ پٽڪيل انسان هدايت حاصل ڪري علم و عرفان وارا بنجي ويا. درگاهه سوئي شريف جي وڏن فيض يافته خليفن مان حضرت حافظ محمد صديق رحمة الله تعالىٰ عليه، پرچوندي واري جو نالو سرفهرست آهي، جتان ڪافي تعداد ۾ عام انسانن فيض حاصل ڪيو.

خليفو محمود نظاماڻي رحمة الله تعالىٰ عليه

ڪڙيئي گهنور وارو

ٻارهين صدي هجريءَ جي آخر ڌارين سنڌ جي اترين حصي کان حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٹي رحمة الله تعالىٰ عليه جن پيدا ٿيو، جنهن پنهنجي

(۱) عباد الرحمٰن ص۳۳

www.maktabah.org

علم ۽ عرفان سان ساري سنڌ کي سيراب ڪيو، ۽ ٿورڙي عرصي دوران لکن جي تعداد ۾ ٻڌڪيل انسانن کي عشق الهي ۾ اهڙو ته سرگردان ڪري ڇڏيائين جو ڪائن ٻار ٻچا، مال ملڪيت، ڌن دولت، سڀ ڪجهہ وسري ويا، ۽عشق الهيءَ جواهڙو شراب پيتائون جو ان جو خمار زندگي پرسندن دماغ تان جهڪونہ ٿيو. انهن کي پنهنجي مرشد مان اهڙي ته خوشبوءِ ملي جنهن سندن دل و دماغ کي معطر بنائي ڇڏيو.

حضرت روضي ڈٹي رحمۃ الله تعالیٰ عليه جن جو وجود مسعود بيشڪ پارس وانگر هيو. جنهن کي بہ سندس صحبت نصيب ٿي، سو اڪسير بنجي ويو. مختلف روايات ۾ حضرت قدس سره جن جي خلفاءِ ڪرام جو تعداد يارهن سون ڪان تيرهن سون تائين ٻڌايو وڃي ٿو، جيڪي سندن صحبت مان رنگجي فيض يافتہ ڪامل بزرگ ۽ پيشوا بنجي چڪا هئا(۱)

سندن سيني خليفن ۾ وڏو خليفو محمود نظاماڻي ڪڙيئي گهنور وارو پنهنجو مٽ پاڻ هيو. هوئن ته سندن سيئي خليفا صاحب ايقان ۽ علم و عرفان ۾ هڪ ٻئي کان وڌيڪ هئا، ليڪن هن کي هتي وڏي خليفي جي لقب سان ياد ڪرڻ ان ڪري مقصود آهي جو ان بزرگ پنهنجي مرشد جي ڏسيل طريقي کي زنده ڪرڻ لاءِ جيڪا علمي، تاريخي، دستاويزي ڪوشش ڪئي، سا لائق تحسين آهي. خليفي محمود رحمۃ الله تعالیٰ عليه جو پنهنجي مرشد مهربان جي فرمودات ۽ مڪتوبات کي سهيڙي سموهي ڪتابي شڪل ۾ آڻڻ وارو قدم ايڏو ته عظيم ڪارنامو آهي، جو صدين گذرڻ جي باوجود سندن ان ڪوشش ۽ محنت کي سنڌ جو ٻچو ٻچو،خاص ڪري اهل علم ،۽ علم تصوف سان دلچسپي رکندڙ حضرات ڪڏهن بہ وساري نٿا سگهن.

حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمۃ الله تعالیٰ عليه جن جي جماعت ۽ پوئلڳن تي خليفي ڪڙيئي واري جو ته ايڏو وڏو احسان آهي جو ان بزرگ جي محنت ۽ ڪوشش سان سندن فڪر ۽ ذڪر جيئن جو تيئن اڄ سوڏو هلندو اچي ٿو.

خليفي صاحب جي ولادت

خليفي محمود رحمۃ الله تعالیٰ عليه جي پيدائش جو سال متفق روايت سان معلوم نہ ٿي سگهيو آهي. البت قياس ۽ غالب گمان سان، ڪن سندن جمڙ جو سال سن ۱۱۸۰هـ ڏاري ڄاڻايو آهي (۲) پاڻ امير گهراڻي جي خاندان، رئيس گهنور خان نظاماڻي مبارڪاڻي جي گهر تولد ٿيا. خليفي صاحب رحمۃ الله تعالیٰ عليه جن پنهنجي پيدائش

(۱) يد بيضاص۳۶

(۲) سہ ماهي الرحيم ص ۷۳ سال ۳/۱۹۶۶

www.maktabah.org

جي باري ۾ فرمايو آهي ته "منهنجي والد بزرگوار کي مون کان اڳ ۾ منهنجو پاءُ زنگي خان هيو، جيڪو ننڍپڻ ۾ ئي وفات ڪري ويو، جنهن ڪري ڪيس تمام گهٽو صدمو رسيو، ان دوران زيارت ۽ دعا ڪرائڻ جي خيال سان مخدوم محمد اسماعيل ڪڏي وارن وٽ ويو، جيڪو مستجاب الدعوات هوندو هيو. جيئن ته مخدوم صاحب نظر شفقت جي فرمائي ڪيس دعا ڪئي ته توکي رب تعاليٰ ان جي عيوض ان کان به پلو پٽ عنايت فرمائيندو. پوءِ ڪجهه ڏينهن بعد مان پيدا ٿيس. تڏهن منهنجو نالو سيد ميان مير شاهه رکيو، جيڪو تمام نيڪوڪار ۽ صالح ٻانهو هيو. ان سيد سڳوري بلوچي نالن بدران منهنجو نالو محمود رکيو."

خليفي محمود رحمة الله تعاليٰ عليه جن پنهنجي تعليم ۽تربيت لاءِ کنوز المعرفت ۾ هن طرح لکيوآ هي ته "مان ننڍپڻ ۾ ميان عبد الکريم لکڙي واري وٽ ٿي پڙهيس. ليڪن اهو ياد نه اٿم ته ان دوران حرفن تي ٿي پڙهيم يا فرحيءَ تي. ان دوران پنجاب ملڪ جوهڪ سيد سڳورو جيڪو ڏسڻ ۾ تمام سٺو ٿي آيو، سو اسان جي استاد سان اچي ملاقي ٿيو ۽ پاڻ ۾ ويهي گفتگو ۽ صحبت ڪرڻ لڳا. تنهن وقت مون ان سيد سڳوري کي ويٺي ڏٺو ۽ دل ۾ خيال پيدا ٿيو ته هي درويش عام انسانن وانگر نه آهي."(۱)

جيئن ته خليفي صاحب رحمة الله تعاليٰ عليه جن جا وڏا ڪلهوڙن ڪان وٺي ميرن تائين وڏن عهدن تي فائز رهندا ٿي آيا ۽ پنهنجي علائقي جا جاگيردار ۽ نواب هيا، ان ڪري خاندان جي اعتبار سان خليفي صاحب جو گهراٽو انتهائي معزز ۽ شرف وارو خاندان ليکيو ويندو هيو. سندن والد بزرگوار تعليم ۽ تربيت جو جوڳو بندوبست ڪري ان وقت جي عالم درويش صفت ميان حافظ محمد عثمان، جيڪو درويش جي لقب سان مشهور هيو، ان کي خليفي صاحب جي تعليم ۽ تربيت لاءِ مقرر ڪيو، جيڪو ڪين ظاهري ۽ باطني تعليم جي سکيا ڏيڻ لاءِ ڏينهن رات مشغول هوندو هيو. ان کان سواءِ بزرگ ميان ابوالقاسم ڪاتياري وٽ به سندن پڙهڻ پڻ معلوم ٿيو آهي.(۲)

سندن ابتدائي تعليم واري عرصي دوران حافظ عثمان درويش جي تربيت مٿن ڪافي اثر ڪيو، شروع کان ونئي خليفي صاحب رحمة الله تعاليٰ عليه جن جي دل فقيرن، الله وارن ڏانهن مائل هوندي هئي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن درويشن، صالحن سان صحبت ڪرڻ ۽ زيارت ڪرڻ جي سانگي وٽن اچڻ وڃڻ جو سلسلو جاري هوندو هيو. ان وقت حافظ نمرو جيڪو نقشبندي طريقي ۾ مشغول هوندو هيو. ان سان سندس روح رهاٽيون عام جام ٿيندیون هيون. اهڙي طرح ان ڪامل مرد جي دل ۾ عشق الاهي ۽ صالحن جي

(۱) کنوز المعرفت قلمي، سنڌي ص۲٦۴)
(۲) کنوز المعرفت قلمي، سنڌي ص۲۸۴

www.maktabah.org

صحبت جو پوکيل وڻ وڌڻ لڳو، جنهن جي آبياري ذڪر الله جي شغل مشغولين سان جاري رکيائون. تانجو ان وقت جي بزرگ ميان احمد ٽيبي کٹائي نقشبندي کان بيعت حاصل ڪري نقشبندي طريقو اختيار ڪيائون. ان طريقي ۾ کين قلب ۾ تحرڪ ضرور پيدا ٿيو. ليڪن ذوق شوق ۽ استقامت نصيب کا نه ٿين، تنهن هوندي به ذڪر فڪر جي نعمت کي هٿان نه ڇڏيائون ۽ برابر راهه طلب ۾ ڪوشش ڪندا رهيا.

سراج العاشقين ۾ خليفي صاحب جن کان بيان آهي ته "ننڍي عمر هئڻ واري حالت ۾ چوڪرن سان راند پئي ڪيم ته ايتري ۾ فقيرن جي جماعت مان به شخص ڏٺم، جن پاڻ ۾ فقيرن جون ڳالهيون پي ڪيون، پوءِ آئون انهن چوڪرن کي ڇڏي انهن جي صحبت ۾ اچي ويٺس." (۱) خليفي صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي مٿين بيان مان صاف ظاهر آهي ته سندن طبعيت ننڍي هوندي کان فقيرن، درويشن، الله وارن ڏانهن مائل هوندي هئي.

قادريه طريقت اختيار ڪرڻ جو احوال

خليفي صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن پنهنجو قادري طريقي ۾ داخل ٿيڻ جو احوال ڪنوز المعرفت ۽ سراج العاشقين کان سواءِ ملفوظات شريف، حضرت پيرسائين رضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه ۾ هن طرح ذڪر ڪيو آهي.

خليفي صاحب پاڻ بيان ڪيو آهي ته "هڪ دفعو حضرت جن ديهه لکڙي (۲) ۾ دعوت تي تشريف فرما ٿياءِ مون کي اڳ ۾ ئي ذڪر ۾ مشغول ٿيڻ جو خيال دل ۾ بيٺو هيو، پوءِ مان ان وقت عثمان فقير جوٽيجو جيڪو شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو مريد هيو، ۽ منهنجو دلي دوست هيو، ان وٽ ويس ۽ ڪيس پنهنجي منشا ۽ مرضيءَ جو احوال ٻڌايم، تڏهن فقير عثمان مون کي چيو ته مون کي توکان، سواءِ ماني ۽ ڪپڙن جي پي ڪا به لالچ ڪانهي، تنهن ڪري توکي دنياوي لالچ سبب الله تعاليٰ جي طلب کان منع ڪو نه ڪندس ۽ نه وري رڍ جو پڇ وڻي درياهه مان پار ٿيندين. ان ڪري جيڪڏهن توکي حضرت پير سائين روضي ڈٹي قدس سره جن جي طريقي ۾ داخل ٿيڻ جو دل ۾ خيال آهي ته پوءِ پلي سندن طريقي ۾ شامل ٿيءُ.

خليفي صاحب فرمايو ته "پوءِ مان اتان سڌو ديهه لکڙي پهتس، جتي حضرت جن مخدوم مقيم رحمةَ الله تعاليٰ جي مسجد شريف ۾ تشريف فرما هئا. (۱) اتي حاضر

(۱) سراج العاشقين سنڌي قلمي ص- ۱۱۸

(۱) ملفوظات مترجم جلد ٽيون ۾ خليفي صاحب جن جو بيعت ٿيڻ جو احوال ديهه بکري ۾ ڄاڻايل آهي حالانڪ مذڪوره ديهه بکري نه بلڪ ديهه لکڙي آهي، جيڪا سڌاري پڙهڻ گهرجي (مترجم)

www.maktabah.org

ٹي زيارت کان مشرف ٹيڻ بعد کين عرض کيم تہ قبلا! جيکي بچڑا کم آهن سي سيئي هن عاجز ۾ موجود آهن، جيکڈهن ان حال ۾ مون کي قبول فرمايو تہ سائين جن جو وڈو احسان سمجهندس. تڈهن پاڻ تمام گهٹو راضي ٹيا، ۽ مون کي پنهنجي مريدن جي قطار ۾ شامل فرمائي مشرف کيائون." ان طرح طريقت ۾ داخل ٹيڻ کان اڳ ۾ خليفي صاحب هڪ خواب ڈٺو هو، جنهن جو ذکر کنوز المعرفت ۾ هن طرح کيو اٽائين تہ "هڪ خواب ڈٺم تہ گهوڑي تي سوار ٹيو اچان پيو، جڈهن ڳوٹ جهانگير آباد واري پراڻي مسجد شريف وٽ پهتس تہ ان مسجد مان قرآن شريف پڑهڻ جو آواز ٻڌم ۽ ڈسان پيو تہ مان گهوڑيءَ تان لهي مسجد شريف اندر داخل ٹيو آهيان ۽ ڈٺم تہ هڪ پوڑهو مرد مٹي کوڑيل چوکرن کي قرآن شريف جو درس ويٹو ڈئي، ليکن اهي چوکرا سيئي اگهاڑا ويٹل هئا، ۽ چوکريون قريب البلوغ به موجود هيون ۽ ان پوڑهي مڑس جيئن ئي مون کي مسجد ۾ داخل ٹيندي ڈٺو تہ اٹي منهنجي مرحبا کيائين ۽ پاڻ وٽ ويهاري لا اله الا الله جي ٹي پيرا تلقين کرڻ بعد مون سان گڈجي مسجد کان ٻاهر آيو ۽ چيائين تہ هو اپرندي طرف ماٹهو ڈس، جڈهن اپرندي نظر کيم تہ هڪ شخص جيکو چانگ قوم جو هيو، ان کي مينهون چاريندي ڈٺم ۽ سندس لٹ تي قرآن لکيل هيو، سو پڑهيائين ٹي." (۲)

خليفي صاحب فرمايو آهي تہ "ان خواب کان پوءِ مان ديهہ لکڑي ۾ حضرت جن جي هٹ تي بيعت کري، سندن مريدن جي قطار ۾ شامل ٹي ويس، جنهن بعد کائن اجازت وني پنهنجي گهر آيس ۽ حضرت جن به اتان کان تندي سائينداد ٹالپر، ڳوٹ غلام حيدر لغاري ۽ جلواٹي نظاماٹي کان ٹيندا، ديهہ گهاري پرڳٹي ڈک ۾ اچي منزل انداز ٹيا. تڈهن مون سيد احمد شاهہ کي روانو کيو تہ فقيرن کي پاڻ وٽ رات ترسائڻ لاءِ ونی اچي،۽ احمد شاهہ اوڈانهن روانو ٹي ويو ۽ فقير فقراءَ رات جو اسان وٽ آيا ۽ ترسي پيا. ان دوران مون سيد جمال شاهہ کي حضرت جن جي خدمت ۾ موکليو تہ کين دعوت ڈيئي ديهہ کڑيئي ۾ تشريف ونی اچڻ لاءِ عرض کري،۽ حضرت جن به اسان جي طرفان موکليل دعوت قبول فرمائي، تشريف ونی آيا. سندن تشريف آوري سان منهنجي دل کي جيکا خوشي ۽ فرحت حاصل ٹي سا بيان کرڻ کان مٹي آهي. اهڑي طرح سندن لائق

(۱) مذکورہ مسجد شريف مخدوم مقيم جي ٹهرايل آهي، جنهن ۾ حضرت جن تشريف فرما هئا ۽ خليفو محمود رحمة الله تعالیٰ عليه جن اتي ئي بيعت ٹيو. اها مسجد ايان تائين ان دور جي ٹهيل بيٹي آهي، تازو هاڻي سندس پونئرن اندرئين حصي جي مرمت کرائي آهي، جنهن جي زيارت راقم کئي آهي.

(۲) حافظ نور محمد کنوز المعرفت سنڌي قلمي ص- ۲۷۶

www.maktabah.org

عزت ۽ تکريم ڪرڻ ۾ ڪا به ڪسر نه ڇڏيسين. آخر جڏهن اسان ڪان ٻئي طرف پنهنجي سفر جاري رکڻ جو ارادو فرمايائون تہ ان مهل مون کي دل ۾ خيال آيو تہ حضرت جن کي شايد اُڄ لڳي هوندي، ۽ مان جلدي گهران مصريءَ جو شربت تيار ڪري اڇي پيش ڪيو. پاڻ قبول فرمائي ضرورت مطابق ان مان پيتائون، ۽ ان دوران پنهنجي نظر ڪيميا اثر سان منهنجي طرف متوجهہ ٿيا، ۽ جيڪي مهرباني ڪين مون تي ڪرٽي هين سا فرمائي سڀ ڪجهہ ان هڪ ئي نظر سان عنايت ڪري ڇڏيائون. آخر حضرت جن اتان راهن جي ڏيهہ ۾ منزل انداز ٿيا، ۽ مان ساڻن سفر ۾ گڏ هئس. رات اتي گذاري رڙي ڳوٺ ڏانهن روانا ٿيا. ان وقت مون کي پنهنجي ڳوٺ موٽڻ جو دل ۾ خيال پيدا ٿيو، ليڪن سندن شفقت ۽ مهرباني سبب، ڪائن رخصت وٺڻ جي طاقت نہ پيو سمجهان. ان دوران مون کي خليفي بخش علي ٽالپر سندن صورت جو دل ۾ فڪر رکڻ جي تلقين ڪئي. مان اڃا ڪلاڪ ڪن مس سندن ظاهري صورت کي دل ۾ هنڌائيو تہ اڇي مون تي وجد ۽ سڪر جي حالت طاري ٿي، ۽ هوش حواس گم ٿي ويا، تانجو مٿان ٻئي ڏينهن حضرت جن ڏنڊي جي ڳوٺ ڪان ڏيهہ ديره شاهہ ۾ اچي پهتا. ليڪن منهنجي وجد ۽ سڪر واري حالت ۾ ذري برابر فرق نہ آيو، ۽ گهوڙي تي چڙهڻ ۽ هڪلڻ سڀ مون کان وسري ويا. تڏهن هڪڙو فقير منهنجي گهوڙي جي لغام مان جهليو ٿي آئيو، تانجو حضرت جن فتح پور ۾ تشرف فرما ٿيا. اتان ڪان ڪور واهہ آيا، پاڻ رات اتي نزول فرمايائون. مون سندن زيارت ڪئي ۽ زيارت ڪرڻ شرط، منهنجي اڳئين ڪيفيت ۾ ويتر اضافو اڇي ويو، ۽ حضرت جن سيد محمد حافظ شاهہ صاحب جن جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا ۽ ان دوران منهنجي زبان تي شطحيات جا الفاظ اچڻ لڳا، جنهن ڪري حضرت جن مون کي انهن لفظن ڳالهائڻ جي منع فرمائي. ليڪن مان بي اختيار هئس. اتان حضرت جن ديهہ ڪاتيار طرف روانا ٿيا ۽ مون کي ان وقت وجد ۽ سڪر جي زيادتي ڪري ڪپڙن يا جاءِ جو هوش نہ رهيو. ۽ بي اختيار وٽن تي چڙهڻ شروع ڪيم، ۽ اڪين مان زارو قطار روئڻ شروع ٿي ويو. حضرت جن اتان سيدپور ۽ ڳوٺ بهادر خان نظاماڻي ڏانهن روانا ٿيا، ليڪن مون کي پنهنجي حال جي ڪا به خبر نہ هئي، ۽ ان وقت منهنجو اهڙو حال ٿي ويو جو مون کي ماڻهو ڏسڻ لاءِ اڇي ڪنا ٿيا، ۽ عجب ڪائڻ لڳا تہ هن جي هيءَ حالت ڪهڙي ٿي ويئي آهي. آخر حضرت جن درگاهہ شريف ڏانهن واپس ورڻ جو خيال فرمايو ۽ مان سندن سفر ۾ برابر شريڪ هوس. جڏهن حيدرآباد شهر ۾ منزل انداز ٿياسين تہ اتي منهنجي، پنهنجي والد سڳوري ۽ چاچي سان ملاقات ٿي جيڪي ڪنهن سرڪاري ڪم ڪار سانگي اسان ڪان اڳ ۾ ئي حيدرآباد شهر ۾ آيل هئا. تڏهن انهن حضرت جن کي عرض ڪيو تہ قبلا! هن ڇوڪري کي

www.maktabah.org

اجازت ڏيو ۽ کيس حڪم ڪيو ته اسان سان گڏجي واپس پنهنجي ڳوٺ هلي، جو کيس شادي ڪئي مس مهينو ڪن ٿيو آهي. تڏهن حضرت جن مون کي پنهنجي والد ۽ چاچي سان گڏجي ڳوٺ واپس وڃڻ جو ارشاد فرمايو، ۽ مان اتان کان ائين واپس پنهنجي گهر پهتس. ليڪن منهنجي دل جو خيال حضرت جن ڏانهن هيو، جو سندن محبت ۾ گرفتار ٿي چڪو هوس ۽ منهنجي دل کي اصل آرام نه ٿي آيو. ليڪن ڪجهه ڏينهن گهر رهڻ بعد درگاهه شريف تي وڃڻ جو ارادو ڪيم، ۽ خرچ پکو ساڻ کڻي اوڏانهن روانو ٿيس. جڏهن منزلون ڪندو درگاهه تي پهتس ته مون سان جو ڪجهه پئسو ڏوکڙ ساڻ هيو، سو سڀ نذر ڪيم، ۽ حضرت جن جي زيارت فيض بشارت کان مشرف ٿيس. ان بعد منهنجي دل جي محبت حضرت جن سان وڌندي ويئي. (۱)

ملفوظات شريف ۾ ٻئي هنڌ مذڪور آهي ته "جڏهن خليفي صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه تلقين جي شرف کان مشرف ٿيو هو ته جذبي، ذوق ۽ شوق سببان هر وقت حضرت جي خدمت ۾ رهڻ سبب کائنس هر شيءِ وسري ويئي، ايستائين جو پنهنجو گهر بار وغيره سڀ وساري چڏيو هئائين، ۽ سندس والده ماجده جيڪا وري خليفي صاحب جي اهڙي سرگرداني واري حالت ڪري سدائين پريشان هوندي هئي. پوءِ جڏهن خليفي صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن کي حضرت جن طرفان تلقين و ارشاد جي اجازت ملي ته ننڍا، وڏا، جوان، پوڙها، زالين مڙسين، خليفي صاحب جي صحبت ۽ محبت ۾ بيهوش ۽ مدهوش هوندا هئا. خليفي صاحب جي والده چوندي هئي ته اڳ ۾ مان اڪيلي پنهنجي پٽ لاءِ پريشان هوندي هئس، هينئر ته هنن سيني جون مائرون به ويچاريون مون وانگر سندن جدائي ۾ پريشان هونديون." (۲)

خليفي صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن خود فراموشي ۽ خود شناسي مان اهڙو ته عرفان حاصل ڪيو جو معرفت الاهي ماڻي عارف بالله ٿي ويا، صرف ايترو نه بلڪ جنهن تي به نظر فرمائيندا هئا ته ان جي به حالت بدلجي ويندي هئي.

ملفوظات شريف ۾ ايندو آهي ته "هڪ دفعو رمضان شريف جي مهيني ۾ حضرت جن مسجد شريف ۾ ويٺا هئا. ان وقت خليفو محمود رحمةَ الله تعاليٰ عليه به وٽن ويٺو هيو ۽ پنهنجي طلب جي قصور کان ويٺي رنو ۽ ڳوڙها پي ڳاڙيائين. تڏهن پاڻ خليفي صاحب جي دل جي خيال کي سمجهي فرمايائون ته جهڙي طرح اسان ٿي سمجهيو ائين نه ٿيو. تڏهن خليفي صاحب کين عرض ڪيو ته قبلا! اوهان ته سخي ۽ مهربان آهيو، ليڪن هي منهنجي بي نصيبي آهي. پاڻ خليفي صاحب جن کي فرمايائون ته اي خليفا!

(۱) ملفوظات مترجم، جلد ٽيون ص ۱۹
(۲) ملفوظات مترجم جلد اول ص- ۱۷۹

www.maktabah.org

دعا ڪر ته اسان جي پٽن مان به کو اوهان جهڙو ٿئي. (۱)

خليفي صاحب جن جي زندگي مبارڪ جي سڀ کان وڏي خوبي اها هئي جو، هميشه انڪساري ۽ عاجزي سان گذارينڊو هو، ۽ سلوڪ جي رستي ۾ ان شيءِ جي به ايتري ئي ضرورت آهي، جيتري جسر لاءِ ساهه جي، ۽ ان کان سواءِ کو به عمل يا ڪر، سهڻي طريقي سان پايه تڪميل تي پهچڻ ئي ممڪن ناهي. خليفي صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه پنهنجي حياتي ۾ ياد الاهي ۽ ذڪر فڪر ۾ رهڻ، مرشد جي صحبت ۽ خدمت کي غنيمت سمجهڻ کان سواءِ ٻيو کو به ڪر وڌيڪ نه سمجهيو ۽ ان ۾ ايترو ته محو ۽ مست رهيو جو ڪائونس هر شيءِ وسري ويئي. ايستائين جو ياد الاهي جي ذوق ۽ شوق ۾ نيٽين نند حرام ٿي ويس. پاڻ فرمايو اٽائين ته، اسان کي ياد آهي ته "ٽي سال لڳو لڳ نند نه آئي، مگر ٽي راتيون ستُس سو به اکيون ته پوريل هيون، ليڪن نند بلڪل نه هئي." (۲)

خليفي صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جا اهي سيئي ڪم تصوف ۽ سلوڪ جي تاريخ ۾ اهڙا ته انوکا مثال آهن، جيڪي ڪم از ڪم ويجهي دور جي مشائخ ڪرام ۾ ورلي هوندا، سندن طلب واري وقت اهو حال هيو، جو جيڪو به ماڻهو خليفي صاحب جن سان صحبت ڪندو هيو، ته مدهوش مست بنجي ويندو هو، ۽ ڪيترائي شخص استغراق ۽ بي خودي جي حالت ۾ دانهون ڪندي مٽين پيرين اگهاڙا نڪري ريءَ آرام رڻ پٽ ۾ ڦرندا وتندا هئا.

خليفي صاحب جڏهن راهه طلب ۾ تلقين حاصل ڪئي، ۽ پير سائين روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه ڪيس تلقين و ارشاد جي اجازت ڏني، تڏهن جيڪو به سندس صورت جو تصور ڪندو هيو يا ڪائون ذڪر جي تلقين ونندو هيو ته انهيءَ وقت ان طالب تي حال ۽ وجد پئجي ويندو هو، ۽ ڪيترائي سڪر، بي خودي ۽ استغراق ۾ شطحيات جا الفاظ چوندا هئا، تنهن تي خليفي صاحب حضرت پير سائين جن کي اهو حال حقيقت بيان ڪري ٻڌايو. تڏهن پاڻ خليفي صاحب کي فرمايائون ته جيڪي بيت ماموئيءَ جا اڳ ۾ چيل آهن، انهن جو وقت اچي ويو آهي. لڳندي لاڙان، سونچو ٽيو سري ۾، يعني شروع ته اترکان ٽيندي جيڪا لاڙ کي وڃي لڳندي. (۳)

مٽئين حقيقت تي غور فڪر ڪرڻ کان پوءِ ڪنهن به حقيقت شناس انسان تي اها ڳالهه ڳجهي نه رهندي ته ماموين جا اهي بيت سو فيصد حضرت پير سائين

(۱) ملفوظات مترجم جلد اول ص ۷۶
(۲) ڪنوز المعرفت سنڌي قلمي ص ۲۹۸
(۳) ملفوظات مترجم جلد اول ص- ۱۸۲

www.maktabah.org

روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه ۽ انهن جي خلفاءِ ڪرام جي فيض عام بابت آهن، ۽ هيو به ائين جو اهو فيض ۽ عرفان سنڌ جي سري کان (يعني حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي صورت ۾) ظاهر ٿيو ۽ ان فيض مان لاڙيچين خوب حصو ڪمايو، لاڙ سرزمين مان خليفو محمود ڪڙيئي وارو نروار ٿيو. خليفي نبي بخش لغاري رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن به اتان ئي پيدا ٿيا. خليفو غلام محمد لکڙي وارو به لاڙيچو هيو.

اهڙي طرح حضرت جن جا سوين نامور خليفا، جيڪي لاڙ جي سر زمين جا هئا، انهن سيني حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي فيض ۽ عرفان مان پنهنجو پورو پورو فائدو حاصل ڪيو. تڏهن ئي ته ماموين اڳ ۾ چئي ڇڏيو هيو ته لڳندي لاڙان سونچو ٿيو سري ۾، يعني اهو فيض سنڌ جي سري (منڊي) کان شروع ٿيندو، جيڪو وڃي سنڌ جي لاڙ (آخري حصي) تائين پهچندو.

حضرت پير سائين رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جا سيئي خليفا پنهنجو مٺ پاڻ صاحب حقيقت و مجاز ۽ تمام وڏي مرتبي جا مالڪ هئا. ليڪن تنهن هوندي به سيني مان عزت، شانُ ۽ مانُ جيڪو خليفي محمود رحمةَ الله تعاليٰ عليه کي مليو سو قابل تعريف آهي، سندس لاءِ حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن فرمايو ته هيا سڀ ماٺهو الله پاڪ کي طلبين ٿا، ليڪن خدا پاڪ خليفي صاحب کي طلبي ٿو. (۱) خليفي صاحب جن جي عظمت لاءِ سندن مرشد مربي جو اهو فرمان عظمت ۽ عالي مرتبت جو چٽو مثال هيو، جنهن مان ساڻس مرشد ڪريم جي بي پناهه محبت جو پتو پوي ٿو.

ملفوظات شريف ۾ بيان آهي ته هڪ دفعي خليفي صاحب کي حضرت جن گهرائي فرمايو ته اي خليفا صاحب! سيني خليفن مان اسان جي دل جو خيال ۽ توجهه توڏانهن آهي. ان ڪري قدم واري رسم جيڪا اسان اڃا تائين ادا ڪانه ڪئي اٿئون. تنهن ڪري ويهه ته اهو قدم جيڪو حضور ڪريم جن معراج وقت حضرت پيران پير دستگير جي ڪلهن تي رکيو هو، ۽ اهو طريقو پشت به پشت اسان تائين هلندو آيو آهي، سو توتي رکي خلافت جو خرقو ڏيڪايون ٿا، ۽ اهڙي طرح پاڻ خليفي صاحب جي ڪلهن تي اهو قدم رکي ڪيس ممتاز فرمايائون ۽ ان کان بعد دستار مبارڪ پنهنجي مٿي مان لاهي خليفي صاحب کي پارايائون (۲) ۽ اها حضرت جن کان خليفي صاحب جن کي مليل

(۱) ملفوظات مترجم جلد پنجون ص ۴۲۵
(۲) ملفوظات مترجم جلد چوٿون ص ۱۵۷

www.maktabah.org

دستار اڄ تائين سندن پوئنرن وٽ درگاھ ڪڙيئي گھنور ۾ موجود آھي. راقم تازو ھاڻي جڏھن سندن درگاھ جي حاضري پري تہ سندن اولاد مان خليفي حاجي عبدالڪريم صاحب ان دستار مبارڪ جي زيارت ڪرائي، جيڪا اڄان تائين حضرت جن جي ہڏل وٽن موجود آھي. ان کان سواءِ حضرت جن جي پيزار ۽ خليفي صاحب رحمۃ اللہ تعاليٰ عليه جن جي مندي جنھن تي نقش (نپو) آھي، سي بہ رکيل آھن،۽ ٻيا بہ تبرڪات وغيره هر عام خاص جي زيارت لاءِ رکيل آھن.

سراج العاشقين ۾ خليفي صاحب فرمايو آھي تہ جڏھن حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمۃ اللہ تعاليٰ عليه جن هن فقير کي خلافت سان سرفراز فرمايو هو تہ تنھن وقت پاڻ ٻنھي طريقن قادري ۽ نقشبندي سلسلي جو شجرو لکيل عطا فرمايائون (۱) ملفوظات شريف ۾ ٻي هنڌ مذڪور آھي تہ حضرت جن خليفي محمود رحمۃ اللہ تعاليٰ عليه کي قادري ۽ نقشبندي ٻنھي طريقن جي تلقين فرمائي اجازت عنايت ڪئي هئائون، ۽ ان دوران خليفي رحمۃ اللہ تعاليٰ عليه کي تلقين ڪندي فرمايائون تہ چشتي ۽ سهروردي طريقي ۾ فقط ذڪر جي لفظن ۾ فرق آھي،باقي مطلب سيني جو هڪ آھي (۲) اهڙي طرح ڪيس لطائف ستہ ڇھن لطيفن جي پڻ تلقين فرمائي هئائون (۳)

جهڙي طرح حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمۃ اللہ تعاليٰ عليه جن پنھنجي مرشد مربي کان قادري ۽ نقشبندي ٻنھي سلسلن ۾ تلقين حاصل ڪري مجمع البحرين بنيا هئا، اهڙي طرح پنھنجي پياري خليفي کي بہ انھن ٻنھي طريقن ۾ تلقين جو ارشاد فرمائي مجمع البحرين بنائي ڇڏيو. خود خليفي صاحب رحمۃ اللہ تعاليٰ عليه پنھنجي ابتدائي طلب واري حالت بيان ڪندي ڄاڻايو آھي تہ شروع ۾ استغراق ۽ وجد جي ڪري نماز پڙھڻ ڈکي لڳندي هئي، جنھن ڪري حضرت جن کي تمام گھٽو فڪر هوندو هيو. آخر هڪ ڏينھن حضرت جن فرمايس تہ اي خليفا صاحب! توکي بغير نماز جي نہ ڇڏيندس،توکي خبر نہ آھي تہ مون کي تنھنجو ڈک تمام گھٹو آھي، جو ڪفر حقيقيءَ ۾ قدم رکيو اٿئي. تنھنجي نماز ئي ٻين لاءِ فيض جو ذريعو آھي تنھن ڪري الله تعاليٰ جي مخلوقات جو فيض بند نہ ڪر (۴)آخر خليفي عليه الرحمۃ تان اها حالت ختم ٿي وئي ۽ معرفت جو تاج ماڻي واصل باالله ٿي عارفن جي لسٽ ۾ شامل ٿي ويو.

(۱) سراج العاشقين سنڌي قلمي ص۸
(۲) ملفوظات شريف مترجم جلد۴ ص۱۸۳
(۳) ايضاً، ص۱۵۱
(۴) ملفوظات مترجم جلد۴ ص۱۵۱

www.maktabah.org

ڪيس پنهنجي مرشد مڪرم سان محبت انتها درجي جي هوندي هئي. اڪثر ڪري سندن خدمت ۾ رهندا هئا. جيڪڏهن حضرت جن پنهنجي خانقاهه عاليه تي هوندا هئا تہ اتي خدمت ۾ رهندو هيو، پر جيڪڏهن حضرت جن سفر ۾ مسافرين ۾ هوندا هئا تہ بہ ساڻن همرڪاب هوندو هيو، ۽ اهوئي سبب هيو جو ڪيس ملفوظات ۽ مڪتوبات شريف سهيڙڻ آسان ٿيو.

خليفي صاحب رحمةَ الله تعالىٰ عليه جن فرمايو آهي تہ "هڪ دفعو حضرت جن لاڙ جي سفر ۾ هئا ۽ مان بہ اتي موجود هيس، تڏهن ٻاروچاڻي" جي آس پاس جا ماڻهو سندن خدمت ۾ تلقين حاصل ڪرڻ لاءِ پيش ٿيا. ان وقت حضرت جن هن فقير کي حڪم فرمايو تہ هنن کي تلقين ڪر، ۽ پنهنجي زبان سان فرمايائون تہ تلقين جي اجازت وڏي نعمت آهي ۽ هن کان اڳ ڪنهن کي بہ نہ ڏني اٿئون مگر توهان کي بخشيون ٿا. (۱)

ٻيو دفعو هڪ لاشاري فقير لاڙ جو وٽن تلقين حاصل ڪرڻ لاءِ درگاهہ شريف تي پيش پيو، پاڻ ان کان پڇا ڪيائون تہ ڪٿان آيو آهين؟ ان فقير جواب ڏنو تہ حضرتا! لاڙ جي علاقي کان اچان ٿو. تڏهن حضرت جن ان کي فرمايو تہ هيترو ڊگهو مفاصلو ڇو ڪيئي؟ جيڪڏهن ڪٿيئي ۾ وڃي صحبت اختيار ڪرين ها تہ ڇڙ تون اسان جي صحبت اختيار ڪئي (۲)

بهادر فقير ٽالپر حضرت جن کي عرض ڪيو تہ حضرتا! سائين جن جي صحبت تمام سڻي آهي پر دنيا جا لاڳاپا ۽ مسافري صحبت کان مانع آهن. تڏهن حضرت جن ارشاد فرمايو تہ توهان مسافري نہ ڪريو اسان توهان کي صحبت ويجهي ڪري ٿا ڏيون. بهادر فقير عرض ڪيو سائين پوءِ تہ حضرت جن جي وڏي مهرباني ٿيندي، تنهن تي حضرت جن پنهنجي هٿ مبارڪ سان خليفي محمود جن ڏانهن اشارو فرمائيندي ارشاد فرمايو تہ جيڪڏهن توهان کي صحبت ڪرڻ جو شوق هجي تہ پوءِ خليفي جي صحبت اختيار ڪريو جو اها صحبت عين اسان جي صحبت آهي (۳)

انهن متين حوالن کي هڪ هنڌ قلم بند ڪرڻ جو مقصد صرف اهو آهي تہ جيئن خليفي صاحب رحمةَ الله تعالىٰ عليه جن سان سندن مرشد مڪرم جي پيار، محبت، اتحاد ۽ رابطي جي خبر آشڪار ٿئي، ۽ خليفي صاحب جن بہ پنهنجي

(۱) ملفوظات مترجم جلد۴ ص۱۴۸
(۲) ايضاً ص۱۶۰
(۳) ايضاً ص۱۶۰

www.maktabah.org

مرشد، مربي سان محبت، عقيدت ۽ الفت جو اهڙو ته مثال قائم ڪيو جو بيان ڪرڻ کان زبان عاجز ۽ قلم لکڻ کان قاصر آهن.

سندن ڪيترين ئي ڪرامتون جڳ مشهور آهن. پاڻ اهي ڪارناما سرانجام ڏنائون جن وسيلي دين اسلام جو ڳاڻ اوچو ٿيو ۽ ڪيترائي پٽڪيل انسان راهه هدايت وارا بنجي ويا. سندن تصرف، فيض ۽ اثر ڪي جناب ڪريم بخش نظاماڻي "ڪيئي ڪتاب" ۾ هن طرح ذڪر ڪيو آهي ته "سجاول واري درياءِ پٽڻ تان واڻين جي هڪڑي شاديءَ جي جج درياهه پار ڪري رهي هئي ته پٽڻ واري انهيءَ ٻيڙيءَ ۾ ڳائڻ وڄائڻ وارن کان سواءِ هڪڙو مسخرو به شامل هيو، حسب معمول ان مسخري پنهنجي مسخريءَ ۽ ٺٽوليءَ جو نشانو هڪڙي اهڙي شخص کي بڻايو جيڪو ڪسرو ۽ شڪل جو سادو پنهنجيون اکيون هيٺ ڪري مراقبي ۾ ويٺل هيو. مسخرو باربار ان شخص تي ڦيرائيندي گهيرائيندي ٺٽوليون ڪندو رهيو. ليڪن پوءِ به اهو درويش صفت اهل الله ماڻ ۾ رهيو. آخر جڏهن مسخري پنهنجي مسخري پوري ڪئي ته انهيءَ بزرگ پنهنجيون ڳاڙهيون لال خمار اکيون مٽي ڪٽي مسخري تي وڌيون ته مسخرو انهن جلالي اکين جو تاب نه سهندي وڏي رڙ ڪري ڊوڙي اچي ان بزرگ جي پيرين پيو، ۽ پنهنجو قصور معاف ڪرائڻ لاءِ ايلاڙ ۽ منٽون ڪرڻ لڳو. تڏهن انهيءَ فقير مسڪرائيندي معاف ڪندي پاڪر پائي سينو سيني سان لڳائي ڪيس فيض سان رنگي واصل بالله ڪري ڇڏيو. تنهن تي سندن صحبتين عجب ڪائيندي ان فقير کان پڇيو ته اسان توهان سان ڪافي عرصي کان وڻي صحبت ۾ شامل آهيون، ليڪن پوءِ به اهڙي مهرباني اسان تي ڪانه ٿي آهي؟ جڏهن ته هن مسخري تي ايڏي عنايت نظر فرمائي اتو جو هڪ ئي نظر سان سندس زندگي تبديل ٿي وئي! تنهن تي هن بزرگ جواب ڏيندي فرمايو ته جيڪي ڪجهه هُن وٽ هيو، سوهن اسان جي اڳيان پيش ڪيو ۽ جيڪو اسان وٽ هيو سو ڪيس ڏنوسين، ۽ اهو خدا رسيده برگزيده اهل الله شخص ڪڙيئي گهنور وارو ميان محمود نظاماڻي هو، جنهن کي پير سائين روضي ڏٹي کان انهيءَ حد تائين خلافت مليل هئي جو پاڻ به لکها مريدن ۾ اڄ تائين روضي وارو سڏبو آهي، جنهن جا ڪچ پچ، ڪانياواڙ، گجرات، بمبئي، بنگال، ماروار ۽ ڪراچيءَ تائين مريد ڦهليل آهن، جيڪي ڪيس ڪامل پير ڪري مڃين ٿا. جن ۾ غريب ۽ وچولي طبقي وارن سان گڏ لکا پتي، ڪروڙ پتي ۽ ارب پتي ميمڙ سيٺيا به آهن. هر سال ٻارنهن ربيع الاول تي سندس عرس نهايت عزت احترام، عقيدت ۽ ڏام ڏوم سان ملهايو ويندو آهي، جنهن ۾ سنڌ ته خير پر آفريڪا ۽ هندستان مان به هزارين عقيدتمند پهچي سندس مزار تي قرآن خواني ڪري فاتحه پڙهي دعائون

www.maktabah.org

پنندا آهن. الله الله!! کيڈو نہ پاڳ ٿيو انهيءَ مسخري جو، جنهن اهڙي ولي الله سان مسخريون کندي واصل بالله ٿي ولايت ورتي. کيڈي نہ مٹيا صداقت ،سچائي، محبت ۽ سخا انهن بزرگن ۾ هئي جن سان مسخريون ٹٹوليون کندڙ مسخرا به فيض حاصل کري نوازجي واصل بالله ٿي ويا." (۱)

خليفي صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه کي الله تبارک و تعاليٰ جيکو مقام۽ مرتبو بخشيو، يا کائونس سندس مرشد معظم جهڙي طرح راضي هيو، ان جو سبب اهو هيو جو کيس پنهنجي مرشد، مربي سان انتها درجي جي ارادت ۽ عقيدت هوندي هئي، ۽ کيس چگي طرح اها پروڙ هئي ته مرشد الله تعاليٰ تائين پهچڻ جو بهترين وسيلو آهي. پوءِ وسيلي سان وصول الي الله ماڻي طريقت ۾ کمال حاصل کيائين،۽ خلوص دل ۽ نيڪ نيتي سان سندس خدمت ۾ رهي عرفان حاصل کيائين. جيستائين سندس حقيقي رهنما ۽ مربي، حيات هو ته صدق دليءَ سان سندن خدمت ۾ رهي فيض حاصل کندو رهيو، پر جڏهن سندس حقيقي محبوب ۽ پيشوا خدائي عمل موجب ظاهري اکين کان حجاب جي پردي ۾ ڇپي سندس دل تي جدائيءَ جو داغ هڻي ويو ته ان وقت سندس عجيب کيفيت هئي، جنهن جو ذکر ملفوظات شريف جي مقدمي ۾ هن طرح کيو اٿس:

ويو سڄ وٹن تان راسيون ڏيئي رنگ
جنهن سان منهنجو سنگ سو کوهيارو کيڇ ويو

حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي وفات حسرت آيات، خليفي صاحب جي زندگيءَ کي نهوڑي وڌو، سندن جدائي جي غم و الم ۾ سرگردان رهڻ لڳو. سندس اندر ۾ چاک ۽ چير، جگر ۾ جهير ۽ ڏار پئجي ويا، ۽ پريشان حال پکارڻ لڳو.

کجا شد سرومن يارب که در بستان نمي بينم
شدم مشتاق چون بلبل گل وريحان نمي بينم

آخر خدائي امر آڏو سرجهکائي پنهنجي ڏٹيل دل کي تسکين ڏيڻ خاطر اهو تجويز کيائين ته حضرت جن جا فرمودات ۽ مقولا جيکي سندن صحبت ۾ رهي ٻڌا هئائين، انهن کي گڏ کري سن ۱۲۴۸هـ دوران لکي کتابي صورت ۾ مکمل کيائين.

خليفي صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه جو ملفوظات شريف کي گڏ کرڻ

(۱) کيئي کتاب پاگو ٻيو ص۴۵۳

www.maktabah.org

جو مقصد اهو هيو تہ حضرت پير سائين جن جي زبان فيض ترجمان مان جيڪي بہ ڪجھ مقولا مبارڪ ظاهر ٿيندا رهيا، جن کي پاڻ طالبن جي ديني دنياوي نيڪي ۽ پلائيءَ لاءِ شريعت، طريقت، معرفت ۽ حقيقت جا نُڪتا سفر يا حضر ۾ فرمايائون، انهن کي گڏ ڪري عام ۽ خاص انسانن جي فائدي لاءِ پيش ڪريان. ان ڏس ۾ ڪين سخت محنت ومشقت ڪرڻي پئي، ۽ ڪوشش ڪري معتبر راوين کان، روايت ۽ درايت جي اصول تي جيڪو ڪجھ ڪين حاصل ٿيو سو سمورو لکي گڏ ڪيائون.

ان باري ۾ خليفي صاحب ملفوظات شريف جي مقدمي ۾ فرمايو آهي تہ" هن ملفوظات شريف مان جيڪو بہ طالب، جنهن بہ مقصد ۽ مطلب جو ارادو ۽ طلب ڪري مطالعو ڪندو اهو مقصد انشاءَ الله سندس طاقت موجب الله تعاليٰ پورو فرمائيندس." ملفوظات جي قارئين لاءِ وڌيڪ فرمايو اٿس تہ "هن ڪتاب مقدس(ملفوظات شريف) ۾ بہ اوهان سيئي مقصد موجود ڏسندا." خليفي صاحب جي متين بيان موجب ملفوظات شريف اڪيسر احمر جو اثر رکي ٿي. منجهس وعظ و نصيحت، خوف خدا، ياد الاهي کان سواءِ سچن طالبن لاءِ ترغيب، ۽ غافلن لاءِ تنبيهہ ۽ عاشقن لاءِ اميد پريا نقل بيان ٿيل آهن. خليفي صاحب جن جو اهو (ملفوظات شريف گڏ ڪرڻ وارو) ڪارنامو ايڏو تہ ڪارائتو ۽ اهميت وارو آهي جنهن جو بيان ڪرڻ مشڪل آهي. انهيءَ سبب ڪري کين حضرت جن جي جماعت جو محسن ليکيو وجي ٿو، ۽ سندس ان عظيم احسان کي جماعت کڏهن بہ وساري نٿي سگهي.

ڪڙيئي ۾ خانقاهہ ۽ مسجد جو قيام:

انهيءَ سال خليفي پنهنجي مسڪن ڪڙيئي گهنور ۾ خانقاهہ قائم ڪئي، جنهن لاءِ خليفي صاحب جي مريد عبدالله سمي کان روايت سندن ملفوظات"ڪنوز المعرفت" ۾ بيان آهي تہ هڪ ڏينهن مخدوم بلاول شهيد جو ڏوهٽو ميان جرڪس رحمۃ الله تعاليٰ عليه پنهنجي ساٿين سميت ڪڙيئي مبارڪ کان لنگهيو جو انهن ڏينهن ۾ ڪڙيو غير آباد هيو. پوءِ جڏي هينئر مسجد شريف آهي اتي گهڙي ڪن ترسي پيو ۽ پنهنجي ساٿين کي فرمايائين تہ هن جاءِ کان اسان کي الله پاڪ جون عجيب حقيقتون ۽ نشانيون نظر اچن ٿيون. تڏهن ميان صاحب جي ساٿين کيس حقيقت کولي بيان ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو. تڏهن ميان جرڪس رحمۃ الله تعاليٰ عليه فرمايو تہ اسان کي ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ هتي شهر آباد ٿيندو ۽ هن هنڌ هڪ مسجد ٺهندي ۽ ان ۾ الله پاڪ جو ذڪر ۽ فڪر

www.maktabah.org

تمام گهٽو ٿيندو(۱)

ميان جرکس رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي متين پيشين گوئي سچ ثابت ٿي ۽ ان هنڌ خليفي صاحب مسجد شريف جو بنياد رکيو،جنهن جي تعمير جو سال هنن شعرن مان واضح ٿئي ٿو.

۱- مقتدائي اهل دل محمود آنکه
غنـــچهٔ گلزار معنيٰ زو شـــگفت
۲- مســـجد در قريه فرمـــوده بـــنا
کز شرف با مسجد اقصيٰ است جفت
۳- هاتفي تاريخ آن ميمـون اساس
بـاغ دلهـا مسجـد محمود، گفت

۱۲۴۸هـ

ان هنڌ تي خليفي صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن مستقل سکونت اختيار ڪري حق جي طالبن کي طريقت جي رستي ۾، تلقين و ارشاد جو سلسلو جاري فرمايو. خدا پاڪ کين معرفت ۽ عرفان جو اهڙو ته حصو عنايت فرمايو هيو جو هر طرف کان ماڻهن جا ميڙ وٽن فيض و عرفان حاصل ڪرڻ جي نيت سان ايندا رهيا. ان دوران سفر مسافري ڪري ڏورانهين علاقن ۾ پهچي مخلوق کي سنئين رستي تي هلائڻ لاءِ کوشش ڪندا رهيا. هميشه سندن خانقاهه تي ماڻهن جا انبوهه لڳل هوندا هئا. ڪيترائي پٽڪيل انسان ڪائن فيض حاصل ڪري هدايت وارا بنجي ويا. سندن فيض يافته خليفن مان خليفي ميان صاحبڏني عليه الرحمةَ جيڪو صاحب دل ۽ اهل الله برگزيده انسان هيو، ان بيان ڪيو آهي ته "مون حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي ڪيترا پيرا ڪڙيئي شريف جي مسجد شريف ۾ زيارت ڪئي آهي". (۲)

اهڙي طرح خليفي صاحب جن کي خدا پاڪ محبوبيت جي اهڙي مقام تي فائز فرمايو جو سندن لاءِ مشهور هيو ته روزانو روضي رسول اڪرم تي ڪيس حاضري نصيب ٿيندي هئي. صاحبڏني ٿيبي کان منقول آهي،جيڪو عابد زاهد نيڪ انسان هيو، ان ٻڌايو ته مون هڪ حاجي شخص سان ملاقات ڪئي، جنهن خبر ڏني ته آئون ڪيترا ڏينهن مديني شريف ۾ رهيو آهيان ۽ هميشه رسول اڪرم ﷺ جن جي روضي اڳيان

(۱) ڪنوز المعرفت مترجم سنڌي قلمي ص۲۹۴
(۲) ڪنوز المعرفت مترجم سنڌي قلمي ص۲۹۵

www.maktabah.org

متوجھ ٿي رات جو جاڳندو هيس. پوءِ رات جي هڪ پهر گذرڻ کان پوءِ ڏسندو هوس ته هڪ شخص روزانو روضي پاڪ ۾ اندر هليو ويندو هيو ۽ رات جي پوئين پهر باهر نڪري اکين کان غائب ٿي ويندو هيو. نيٺ آخر هڪ ڏينهن منهنجي دل ۾ خيال پيدا ٿيو ته اڄ ان شخص کان سندس حقيقت حال معلوم ڪرڻ بغير نه ڇڏيندس. پوءِ جڏهن رات جو ساڳيو شخص روضي پاڪ کان واپس ٿي وريو ته سندس سامهون اچي ڪيس خدا جي واسطي پنهنجي حقيقت ۽ نالي ٻڌائڻ لاءِ عرض ڪيم. تڏهن ان شخص فرمايو ته توکي حقيقت ۽ نالي معلوم ڪرڻ مان ڇا ورندو؟ تنهن ڪري مون کي ڇڏي ڏي، ليڪن مون کيس خدا پاڪ جا واسطا ۽ منٿون، ايلاز ڪري چيومانس ته مون کي ٻڌاءِ ته تون ڪير آهين؟ تڏهن ان شخص پنهنجي سچاڻپ ڪرائيندي چيو ته منهنجو نالو محمود، ۽ ملڪ سنڌ جي ٻگوٽ ڪڙيئي گهنور ۾ وٽو آهيان. خليفي صاحبڏني عليه الرحمة چيو ته ان حاجي شخص ٻڌائيندي چيو ته ان کان پوءِ مان عربستان مان خاص سندن مريد ٿيڻ لاءِ آيو آهيان ۽ پوءِ اهو شخص حضرت خليفي صاحب رحمة الله تعالىٰ عليه جن جي طريقي ۾ داخلِ طريقت ٿيو (۱)

خليفي صاحب جي پياري مريد ۽ ولايت جي صاحب ميان گل محمد هالائي "صاحب ديوان" بيان ڪيو آهي ته" خدا پاڪ ست فضيلتون حضرت خليفي ڪڙيئي واري جي وجود ۾ رکيون هيون جيڪي ستئي فضيلتون، ڪنهن به اهل حياتي يا اهل ممتاتي اولياءَ الله ۾ هڪ ئي وقت گڏ ڪونه هيون، ۽ اهي ست فضيلتون هي هيون، هڪ شجاعت، ٻي سخاوت، ٽيون علم، چوٿون حڪمت، پنجون عقل ڪامل، ڇهين سرداري، ستين ولايت، ۽ اهي مذڪوره سيئي فضيلتون اتم درجي جون سندن وجود مسعود ۾ موجود هيون." (۲)

خليفي صاحب سرداري هوندي فقيري کي قبول ڪيو ۽ ڪڏهن به دنياداري ڏانهن لاڙو ۽ رغبت نه رکيائون. پاڻ فرمايو اٿائون ته جنهن ڏينهن کان وٽي اسان حضرت پير سائين کان تلقين حاصل ڪئي آهي، جنهن کي هينئر چاليهه سالن کان مٿي عرصو گذري چڪو آهي ته ان وقت کان وٽي اڄ تائين پنهنجي پوشاڪ لاءِ ڪپڙو نه ورتو اٿئون. توڙي خدا پاڪ جيڪو موڪلي ٿو، سو ڏيکيون ٿا ۽ جيڪو طعام ڏئي پيو سو کائون پيا (۳) کين دنيا ۽ دنياداري کان حد درجي جي نفرت هوندي هئي جيڪو به نذرانو يا پئسو ڏوکڙ ملندو هئن سو سڀ خدا جي راهه ۾ لٽائي ڇڏيندا هئا. سندن فرمان آهي ته

(۱) کنوز المعرفت مترجم سنڌي قلمي ص۳۳۸
(۲) کنوز المعرفت مترجم سنڌي قلمي ص۳۴۹
(۳) کنوز المعرفت مترجم سنڌي قلمي ص۵۵

www.maktabah.org

جيڪو دنيا جو يار آهي، اهو خدا جو يار نه ٿيندو بلڪ هميشه خراب ۽ خوار ٿيندو (۱)

خليفي صاحب رحمة الله تعالىٰ عليه جن پنهنجي مرشد مڪرم کان مليل فيض عام کي جاري ڪرڻ لاءِ ڪڙيو گهنور ۾ خانقاهه قائم ڪري هزارين انسانن کي هدايت جو رستو ڏسيندا رهيا. ان دوران هڪ عاليشان تمام وڏي مسجد تيار ڪرائي هئائون، ليڪن ان مسجد جي تعمير ڪرڻ کان اڳ، ڪورواهه ۾ پڻ هڪ مسجد تعمير ڪرايائون (جنهن بابت راقم الحروف کي سندن درگاهه تي حاضري ڏيڻ وقت خليفي صاحب جي پوٽنرن مان جناب حاجي خليفي عبدالڪريم صاحب جن هن طرح معلوم ڪرايو ته) ڪڙيو گهنور ۾ موجود مسجد شريف جيڪا خليفي صاحب سن ۱۲۴۸ هجري دوران ٺهرائي هئي، ان کان اڳ ۾ ڪوراهه ۾ پڻ هڪ پي مسجد تعمير ڪرائي هئائون، ان مسجد جي تعمير ۾ خليفي صاحب مزدورن سان گڏجي پنهنجي سر پاڻ ڪم ڪيو، ۽ جڏهن مسجد جو ڪم چت تي پهتو ته خليفي صاحب وضو ڪري نفل پڙهي، هر ڪام پنهنجي هٿن سان ڪرائي. اهڙي طرح جڏهن شام ٿي وئي ۽ هڪ ڪام رهجي ويئي، جنهن کي رکڻ لاءِ مسترين ۽ مزدورن کي حڪم ڏنائون ته اها ڪام سياڻي رکنداسون ۽ مان پاڻ اچي اوهان سان گڏجي اها ڪام رکرائيندس، ۽ جڏهن صبح ٿيو ته رازا ۽ مزدور مسجد شريف جي ڪم لاءِ پهچي ويا. ليڪن خليفي صاحب جن کي ڪو ڪم ٿي پيو جنهن ڪري اچڻ ۾ دير فرمايائون. مسترين خليفي صاحب جي اچڻ جو ڪجهه وقت انتظار به ڪيو، ليڪن ڪافي تائيم گذرڻ کان پوءِ به جڏهن پاڻ کو نه آيا ته اها رهيل ڪام مزدورن ۽ مسترين گڏجي رکي ڇڏي. اڃان مس، ڪام رکيائون ته مٽان خليفو صاحب به اچي ويو. تڏهن خليفي صاحب جن فرمايو ته اها ڪام توهان منهنجي غير موجودگيءَ ۾ رکي آهي، تنهن ڪري ان ڪام جي عمر ٻين ڪامن کان گهٽ ٿيندي. آخر اها مسجد نهي راس ٿي ۽ قدرت الله پاڪ جي جو ڪجهه عرصي گذرڻ کان پوءِ ان ڪام جي وچ ۾ ڏار ٿي پيا ۽ پڇڻ جو انديشو ٿيو. ان ڪري ان ڪام کي بچائڻ خاطر سپوٽ طور هيٺيان پي ڪام ڏني ويئي، جيڪا اڃان تائين مسجد شريف ۾ لڳل آهي ۽ راقم به ان جي زيارت ڪئي آهي.

ڪورواهه واري مسجد لاءِ خليفي صاحب جو فرمان هيو ته ان مسجد ۾ هر جمع جي رات حضور پر نور صلي الله عليه وسلم جن جي ڪچهري قائم ٿيندي آهي. ان مسجد ۽ ڪڙيئي گهنور واري مسجد جي بناوٽ هڪجهڙي ملندڙ جلندڙ آهي. ڪڙيئي گهنور وڃڻ دوران خليفي حاجي عبدالڪريم کان پڻ اهو به معلوم ٿيو ته خليفي صاحب جو اصل ڳوٺ ڦٽوڙ هيو، جيڪو گولاڙچي کان الهندي طرف سجاول روڊ سان چڪ نمبر

(۱) ڪنوز المعرفت مترجم سنڌي قلمي ص۵۱

www.maktabah.org

٦٥ جي سامهون، اتر طرف واقع هيو، ۽ حضرت خليفو صاحب جن کورواهه واري مسجد تعمير ڪرائڻ بعد ڪڙيو گهنور لڏي آيا (۱) ليڪن مٿين روايت خليفي صاحب جن جي ڦٽڻ واري ڳوٺ بابت صحيح معلوم نه ٿي ٿئي. اها صرف ڏندڪٿا ٿي سگهي ٿي، ڇو ته جيڪڏهن سندن اصلي ڳوٺ ڦٽڻ هجي ها ته حضرت روضي ڏڻي جن جي ملفوظات، يا سندن ملفوظات ۾ ڪٿي نه ڪٿي ان جو ذڪر هئڻ گهرجي ها، ليڪن ان بابت ڪو به ذڪر ڪونه ٿو ملي، باقي خود خليفي صاحب جو ڪڙيو گهنور لاءِ پنهنجو اصل مسڪن بيان ڪرڻ ڪافي هنڌن تي ثابت آهي.

خليفي صاحب جن جو علمي مقام:

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏڻي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي سيني خليفن مان، خليفي صاحب جن کي خدا پاڪ جي درگاهه ۾ بي انتها مقبوليت حاصل هئي. پاڻ پنهنجي مرشد مربي جي وفات بعد ڪڙيئي گهنور ۾ هدايت جي طالبن کي سنئين واٽ تي هلائڻ لاءِ ارشاد وتلقين جو سلسلو جاري رکيائون. سندن سلسلي ۽ عقيدت ۾ لاڙ جو تمام گهڻو حصو فيضياب ٿيندو رهيو. ان کان علاوه سندن فيض اتر سنڌ، ڪڇ، ڪلڪته، بمبئي، مارواڙ، جيسلمير کان ٻپي آفريڪا تائين پهچي ويو. ان دوران تصنيف و تاليف جو شغل پڻ جاري رکيائون. سندن مرشدن ڪريمن جي فارسي ملفوظات شريف ۽ مڪتوبات شريف جي گڏ ڪرڻ کان علاوه سندن تصوف تي ٻي تصنيف محبوبيةَ المحموديةَ آهي، جنهن ۾ قادري سلسلي موجب ذڪر اذڪار، شغلن ۽ لطيفن جو احوال آهي. اهو ڪتاب اصل فارسي ۾ هيو، جنهن کي سندن سجاده نشين ميان عبد الله، مخدوم حامد کان ترجمو ڪرائي، سن ۱۳۱۲ھ ڏارين حافظ رڪن الدين ڪوٽڙي واري جي فيض سبحاني پريس مان ڇپائي پڌرو ڪيو. اهو ڪتاب سلوڪ جي ترتيب وار شغلن کان سواءِ اورادِ ۽ وظائف جي باري ۾ تصنيف ٿيل آهي. خليفي صاحب جن جو هي ڪتاب، شريعت طريقت، معرفت ۽ حقيقت تي مشتمل سالڪن لاءِ سهڻو پيغام آهي.

محبوبيةَ المحموديه جي مطالعي بعد سلوڪ جي سڃاڻ کان علاوه سندن علمي مقام جو پتو پوي ٿو. جنهن مان معلوم ٿو ٿئي ته خليفي صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن صاحب دل، ظاهري توڙي باطني علمن جو خزانو هئا. خدا پاڪ کين علمِ معرفت جي پروڙ جو استعداد بحر بي پايان جيترو عطا فرمايو هيو. اهوڪتاب مترجم سنڌي زبان ۾ ۲٦۴ صفحن تي مشمل آهي جنهن جي ڪاپي راقم کي سندن درگاهه تان ملي.

(۱) روايت خليفو حاجي عبدالڪريم نظاماڻي ڪڙيئي وارو

www.maktabah.org

ان کان سواءِ سندن ٻي تصنيف گلشن اولياءِ فارسي ۾ ٻُڌجي ٿي، جيڪو سن ۱۲۵۸هجري ڌارين تصنيف ڪيائون. حاجي شير محمد خان نظاماڻي جي بقول ته خليفي صاحب جي تصنيف رسالہ گشن اولياءِ آهي. جنهن ۾ حديقه الاولياءِ کان پوءِ جي دور وارن مقامي اوليائن جو ذڪر آهي، جيڪو سال ۱۲۵۸هجري ۾ تصنيف فرمايائون (۱) افسوس جو اهو رسالو اڄ ناپيد ۽ نايابَ ٿي چڪو آهي.

خليفي صاحب جي لائق ۽ موچارن مريدن مان خليفي محمد ملوڪ چانڊئي سندن ملفوظات شريف سن ۱۳۴۴هـ ۾ سراج العاشقين نالي گڏ ڪري راس ڪئي. اهو مجموعو به علم تصوف تي، سالڪن لاءِ مشعل راهہ جي حيثيت رکي ٿو. سندن ملفوظات جو ٻيو مجموعو خليفي گل محمد هالائي ڪنوز المعرفت جي نالي سان مرتب ڪيو. جنهن ۾ خليفي صاحب رحمةُ الله تعالىٰ عليه جن جا مقولا ۽ فرمودات آهن،جيڪي پاڻ مريدن، معتقدن کي وعظ و نصيحت ڪندي ارشاد فرمايائون. ان کان سواءِ مختلف ماڻهن طرفان کين لکيل خط، ۽ خليفي صاحب جن جا انهن کي ڏنل جوابن تي مشتمل مکاتيب مان راقم کي صرف ست مڪتوب شريف(مترجم سنڌي زبان ۾)ملي سگهيا، جن جو ترجمو جناب قاضي فتح الرسول صاحب ٽنڈي قيصر واري ڪيو آهي. خليفو صاحب هڪ هنڌ پنهنجي مڪتوب ۾ فرمائي ٿو ته "مولىٰ جل شانہ جي طلب ڪرڻ نعمت عظميٰ ۽ دولت بي پايان آهي. اها نعمت ۽ دولت ادب ۽ ادب جي شرطن بجا آڻڻ کان سواءِ حاصل ٿيڻ محال آهي. (۲) خليفي صاحب پنهنجي مٿئين مقولي موجب ادب ۽ ادب جي شرطن بجا آڻڻ ۾ ڪا بہ ڪسر نہ ڇڏي، ۽ اهي سڀ گهرجون ۽ تقاضائون اهڙي ته سهڻي نموني سان پوريون ڪيائون جو، ان جي صدقي خدا پاڪ کين فيض عرفان ۽ هدايت جي ڪرسي تي سينگاري مسند نشين فرمايو. پاڻ سنڌ جو اهو نامياروَ ولي الله ٿي گذريو آهي، جنهن جي علم ۽ عرفان مان گهڻي سنڌ سيراب ٿي. ميان بخش علي نظاماڻي جو بيان آهي ته خليفو صاحب پچاڙي ۾ قلبي ذڪر ذريعي خدا پاڪ سان مشغول ۽ محو هوندو هيو.

سندن وصال:

موت برحق آهي. جنهن کان ڪو بہ بني بشر انڪار نٿو ڪري سگهي. هونئن بہ روزانو هن ڌرتي تي لکين موت واقع ٿيندا رهن ٿا، ۽ اهو جمڻ ۽ مرڻ وارو سلسلو جاري

(۱) الرحيم مشاهير نمبر ص- ٦٢ سال ١٩٦٦ع
(۲) مڪتوبات خليفہ محمود ڪڙيہ وارو قلمي سنڌي ص۱

www.maktabah.org

آهي. جيڪو قيامت تائين هلندو رهندو. ان ڪري ڪنهن جي جمڻ يا مرڻ سان هن ڪائنات جي ڪارخاني تي ڪو به اثر نه ٿو پوي. ليڪن تنهن هوندي به ڪي موت اهڙا هوندا آهن، جيڪي ڪم از ڪم هن جهان ڪي جهوري ضرور وجهندا آهن. جو ته موت العالم واري فيصلي جو راز به انهيءَ ۾ رکيل آهي، ته ڪي موت گويا ڪائنات ڪي سخت نقصان رسائيندڙ هوندا آهن. ليڪن ڪي انسان اهڙا به هوندا آهن جيڪي ظاهري موت اڇڻ کان اڳي ئي "مُوْتُوْا قَبْلَ اَنْ تَمُوْتُوْا" پاڻ ڪي فنا ڪري ابدي زندگي حاصل ڪرڻ لاءِ جيئندا آهن. اهڙن پاڪباز، نيڪ سيرت انسانن جو جيئرو رهڻ به پنهنجي لاءِ نه، بلڪ ٻين لاءِ هوندو آهي، ۽ اهي جيئرا هئا ته به انسانن جي عام پلائي لاءِ پاڻ پتوڙيندا رهيا، پر جي وفات ڪري ويا ته به عام انسانن لاءِ اهڙا اصول وضع ڪري ويا، جن تي هلندي، انسانيت جي صحيح ۽ سچي خدمت ڪري سگهجي ٿي. اهڙن انسانن جيئري ته ماڻهن ڪي نفع رسايو، ليڪن مرڻ کان پوءِ به نفع رساني جو سبب بنيا رهيا، ۽ تاريخ گواهه آهي ته ڪيترن نيڪ سيرت انسانن ظاهري مرڻ کان پوءِ به لکين انسان کي فيض عام بخشيو. اهو سڀ ڪجهه ان ڪري هيو جو انهن پاڻ کي مرڻ کان اڳ ۾ ئي فنا ڪري، جاوداني حياتي حاصل ڪري ورتي هئي. ڪين چڱي طرح معلوم هيو ته هي دنياوي زندگي عارضي ۽ فاني آهي، جنهن کان پوءِ پي حياتي جو آغاز ٿيندو، جيڪا هميشه تمام گهڻي عرصي واري هوندي، تنهن ڪري عارضي شي کي ٺڪرائي دائمي لاءِ جدوجهد ڪيائون، فاني زندگي کي ترڪ ڪري غير فاني زندگي لاءِ عملي ڪوشش ڪيائون، پوءِ ڏسڻ وارن چڱي طرح ڏٺو ته ڪين خدا پاڪ واقعي ابدي زندگي عطا ڪري ڇڏي، ۽ اڄ به اهڙا شخص جيڪي هزارين، سوين سال اڳ وفات ڪري ويا، ليڪن ايتري ساري عرصي گذرڻ کان پوءِ به سندن نالو جيئن جو تيئن زنده جاويد آهي. ان ڪري ته حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمة الله تعالىٰ عليه اڪثر وبيشتر پنهنجي مريدن ۽ معتقدن کي فرمائيندا هئا ته "جيءُ جاني ڪي ڏي، نه ته موت به نيندئي جيئَ ڪي."

خليفي محمود رحمة الله تعالىٰ عليه به پنهنجي مرشد جي ان فرمان کي دل سان هنڌائي پاڻ کي فنا ڪري بقا واري مرتبي تي پهچي چڪو هيو. ليڪن پوءِ به ظاهري طرح "كُلُّ شَيءٍ يَرْجِعُ اِلٰى اَصْلِهٖ" جي قانون مطابق آخر سندن وفات بتاريخ ۹ ربيع الاول سن ۱۲۶۷هجري ۾ ٿي. سندن مزار ڪڙيئي گهنور، تعلقو گولاڙچي (فاضل راهو) ضلع بدين ۾ آهي، جتي هر سال ۱۲ ربيع الاول تي هڪ وڏو عظيم الشان اجتماع ٿيندو آهي. ۽ اتي هر طرف کان سندن مريد ۽ معتقد اچي گڏ ٿيندا آهن ۽ فاتحه ۽ ختمو ڏيئي پنهنجي مرادن پوري ٿيڻ لاءِ دعائون گهرندا آهن.

www.maktabah.org

حضرت خليفي صاحب جن جي وفات جي سال کي قاضي ميان عبد القوي هالائي هيٺين بيتن ۾ هن طرح بيان ڪيو آهي.

۱- آهـ از رحلـت خليـفـئ حـق
آنکـه محمـود شـد بهـر دوسـرا

۲- ازيـد مظهـر يـد الله يـافـت
اهـتـمـام خـلافـت کـبـريٰ

۳- مـرشـد وقـت، هـادي دوران
نائـب، نائـبِ رسـول خـدا

۴- زين جهان رفت چون بمخرج صدق
مدخل اصـدق يافتـم مـاوا

۵- گفت سالش دلـم بيـاري "رب"
شد مقـامـش مقـام محمـودا

۱۲٦۷

سندن مزار تي عاليشان روضو نهيل آهي، جنهن جي شبيهه درگاهه شريف (پير ڳوٺ) واري پراڻي روضي شريف سان ملندڙ جلندڙ آهي. روضو سندن جاءِ نشين خليفي ميان عبدالله، بمبئي جي هڪ تعميراتي ڪمپني کان راس ڪرايو. سندن مرقد جي تعمير جو سال هنن شعرن مان ظاهر ٿئي ٿو.

۱- گنبد قبر ولي محمود شاهه
چون بنائي پاک نيک انجام شد

۲- چـون شعـائـي آفتـاب پُـر ضيـا
ز اهتمـام لطـف الله تمـام شـد

۳- سـال تعميـرش بفکـر اخلاص را
خانقـاهـ مقتـدي الهـام شـد

۱۳۵۲هـ

www.maktabah.org

خليفو نبي بخش لغاري رحمة الله تعاليٰ عليه:

سنڌ جو ڪو اهڙو ماڻهو ورلي هوندو، جيڪو خليفي نبي بخش لغاري رحمة الله تعاليٰ عليه جي نالي کان واقف نه هوندو. خليفي صاحب جو شمار هم صفت موصوف انسانن ۾ ٿئي ٿو. سندن زندگي جي جنهن به پهلو تي نظر وجهبي ته هر طرف کان چمڪندڙ نظر ايندي، جيڪڏهن کين الله وارن بزرگن جي قطار ۾ ڏسبو ته اهو معلوم ٿيندو ته پاڻ پنهنجي وقت جا ڪامل،اڪمل ولي الله هئا. جيڪڏهن کين سنڌ جي سورهيه سردارن جي لسٽ ۾ جانچبو ته ڏهيسر ۾ بهادر معلوم ٿيندا، پر جيڪڏهن هن ساڻيهه جي شاعرن واري زمري ۾ آڻبو ته سندن ذات سنڌ جي عظيم شاعرن ۾ شمار ٿيندي. اهڙي طرح سندن هم گير شخصيت هر حيثيت سان سنڌ جي مايئه ناز بزرگ هستي معلوم ٿيندي.

سندن زندگي جا سڀئي دور چمڪندڙ تاري وانگر سنڌ جي تاريخ تي پکڙيل ۽ عيان آهن، ليڪن خليفي صاحب رحمة الله تعاليٰ عليه جي زندگي جو آخري دور، جنهن ۾ سندس سڀنڌ سنڌ جي ڪامل ولي الله حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحمة الله تعاليٰ عليه جن سان ٿيو،اهوان جي سيني ادوارن ۾ هڪ نرالو دور هو. ان عرصي دوران حضرت پير سائين روضي ڏٽي رحمة الله تعاليٰ عليه جن،خليفي صاحب جي زندگي ۾ انقلاب آڻي تاحيات امر بڻائي ڇڏيس.

خليفي نبي بخش لغاري رحمة الله تعاليٰ عليه جي ولادت باسعادت سن ۱۱۹۰هـ مطابق ۱۷۷۶ع ڏارين، ڳوٺ مٺي، تعلقو ٽنڈوباگو ضلع بدين ۾ ٿي. سندن حصول تعليم جو پٽو پڄي نه سگهيو. البته ان چوڻ ۾ ڪو به وڌاءُ ڪو نه ٿيندو ته سندن شروعاتي تربيت ۽ تعليم،ڪنهن ڪامل استاد جي زير اثر ٿي هوندي. ڇو جو سندن شخصيت جي ايتري قدر پروان چڙهڻ ۾ ابتدائي تعليم ۽ تربيت جو وڏو عمل دخل رهيو هوندو. سندن زندگي جي شروعاتي دور جو لاڙو آزادي ۽ سرداري ڏانهن مائل هيو. خليفي صاحب جن جا وڏا ميرن جا نوازيل ۽ جاگيردار هئا. مٺي، نوتيار، ستيارو جون ديهون. کين ميرن طرفان مليل هيون. (۱)

خليفي صاحب رحمة الله تعاليٰ عليه جو حضرت جن جي ارادت ۾

(۱) خليفي صاحب جو رسالو ص-۱۲


www.maktabah.org

داخل ٿيڻ ۽ کين خلافت ملڻ جو واقعو هن طرح آهي ته "خليفي نبي بخش لغاري رحمةَ الله جي، پنهنجي ماسات قاسر سان انتهائي محبت هوندي هئي. جيڪو شروع کان وٺي سندن هر خيال صحبتي ۽ رازدان هيو. جڏهن خليفو قاسر پنهنجي خاندان سميت حضرت جن جي مريدن ۾ داخل ٿيو ته ،اهڙي صلاح خليفي نبي بخش لغاري رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن کي به ڏنائين. خليفي صاحب جن کي، پنهنجي ماسات جي اها نيڪ صلاح پسند آئي، ۽ سندس دل ۾ جيڪو مجازي عشق جو درياهه موجزن هيو، ان حقيقي عشق طرف رخ بدلايو. (۱) خليفو صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه عشق الاهي ۾ اٽي ڪڙيو ٿيو. تانجو پنهنجي ماسات قاسر سان گڏجي حضرت پير سائين روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي خدمت اقدس ۾ پراٽي درگاهه شريف (غوث رحيم ڏني ڪلهوڙي) ۾ اچي پيش پيو.

پير سائين حضرت روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن سان اتي سندس ملاقات ٿي، پاڻ کيس قادري طريقي موجب ذڪر جي تلقين فرمائيندي ارشاد فرمايائون ته اي يارو! تياري ڪيو ته هن فقير کي خلافت جي پگ ٻڌايون. تڏهن خليفي صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن وراٽيو ته قبلا! مان صرف خدا پاڪ جو نالو ۽ رستو پڇڻ آيو آهيان. ايتري طاقت هن ضعيف ناتوان ۾ ڪا نه اٿر جو ايڏو بار کلهن تي کڻي سگهان. جڏهن ته اڳ ۾ حضرت جن جا نامور خليفا ،سنڌ جي چپي چپي ۾ فيض ۽ عرفان جا درياءَ وهائي رهيا آهن ته پوءِ منهنجي ڪهڙي مجال آهي جو آئون حضرت جن جي عرفان جو ايڏو بار کڻي سگهان. تنهن تي حضرت جن کيس فرمايو ته اي نبي بخش تنهنجي پرواز ۽ پهچ اتي ٿيندي، جتي اجا تائين ڪو ڪونه پهتو آهي. اهڙي طرح حضرت جن کيس ذڪر اذڪار جي تلقين و ارشاد کان پوءِ پنهنجي خلافت جي پگ ٻڌائي، سرفراز فرمائي ڇڏيو، جنهن بعد خليفي صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن کان دنيا جو عيش آرام ، سک، راحت، سپ وسري ويا ، ۽ عشق الاهي ۾ اهڙو ته محو ۽مست ٿي ويو جو کيس پنهنجي به خبر کا نه رهي. پنهنجي مرشد جي ڏسيل طريقي موجب ذڪر اذڪار جي شغلن ۽ عبادت رياضت ۾ رات ڏينهن جنبي ويو.۽ اهو قصو سن ۱۲۳۰ هجري جو هيو جنهن وقت سندس عمر چاليهه ورهيه هئي، ۽ ان دوران خليفي صاحب فاقه ڪشي ذريعي نفس جي اصلاح ۽ روحاني عروج جون منزلون طئي ڪندي اهو مقام حاصل ڪيو، جنهن لاءِ سندن مرشد

(۱) تفصيل لاءِ ڏسو لوڪ ادب سلسلي جو ڪتاب ۲۹ (سنڌ جا عشقيه داستان)

www.maktabah.org



خليفي صاحب مرحوم جي توبت

(کپي ڪان سڄي سنڌس اولاد سان خليفو حاجي شير محمد، خليفو محمد هاشم
۽ خليفو احمد صاحب)

www.maktabah.org

ڪريم بيعت ٿيڻ وقت اشارو ڏنو هئس.

خليفي صاحب کي مريد ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي مرشد سان محبت ايتري حد تائين ٿي ويئي جو جلدي جلدي پنهنجي ڳوٺ کان پيرين پيادو درگاهه شريف تي زيارت ۽ صحبت جي سانگي کهي اچي پيش پوڻ لڳو. ۽ پڻ عبادت ۽ رياضت ۾ انتهائي کوشش ڪندي، ڏينهن رات مصروف رهيو، ۽ ان دوران عبادت، رياضت جو جيڪو انوکو طريقو ان اختيار ڪيو سو تصوف جي تاريخ ۾ نرالي حيثيت رکي ٿو. سندس چاليهو پورن چاليهن ڏينهن کان پوءِ،روزي کولڻ جو قصو سو حضرت جن جي جماعت ۽ مريدن ۾ ايترو ته مشهور ٿيو جو کيترائي فقير، فقراءَ خليفي صاحب جن جي ان سنت موجب تارک الدنيا بنجي ڏينهن رات بک ۽ فقر فاقي ۾ گذارڻ لڳا. چاليهي دوران خليفو صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن کجي جي کارڪ تي روزو رکندو هو ۽ هڪ ئي کارڪ تي روزو کولیندو هو (۱)

راهه سلوڪ ۾ اهڙي طرح عبادت ۽ رياضت جو،سلف صالحين جو پراڻي دور کان شيوو رهيو آهي، جنهن جي تجديد ۽ اتم ظهور خليفي صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن پاڻ ڪري علماءُ ڪبار ۽ سلف صالحين جي طريقي کي زندهه ڪندي، اهي سڀ گهرجون ۽ تقاضائون عملي طرح پوريون ڪري ڏيکاريون، جن کان سواءِ خدا جي طالبن جو مڪمل طرح شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت جو معراج ماڻڻ محال هوندو آهي.

حضرت پير سائين روضي ڏٿي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي سيني خليفن مان امتيازي حيثيت جيڪا خليفي نبي بخش رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن کي نصيب ٿي، سا هن ريت آهي ته حضرت جن جا سيئي خليفا ارشاد و تلقين جا مالڪ هئا، کين پنهنجي مرشد مڪرم کان سلسلهٔ ارشاد جي پڻ اجازت مليل هئي،ليڪن خليفي صاحب جي صحبت ۽ اثر ۾ جيڪي به ماٹهو قادري سلسلي ۾ شامل ٿيڻ چاهيندا هئا ته انهن سيني کي درگاهه شريف تي پاڻ پيش ڪندو رهيو، ۽ کين پنهنجي مرشد مربي جي هٿ تي دست بيعت ٿيڻ جي تلقين ڪندو هو، ۽ پنهنجي آخري عمر تائين اهو سلسلو جاري رکيو آيو ۽ ڪڏهن به پنهنجي هٿ تي کنهن کي تلقين و ارشاد نه ڪيائين، بلڪ جيڪو به سندس صحبت ۾ مريد ٿيڻ چاهيندو هيو ته ان کي سئون سڏو حضرت جن يا سندن مسند نشين

(۱) خليفي صاحب جو رسالو ص- ۱۷

www.maktabah.org

کان فيض حاصل ڪرڻ جو صلاح مشورو ڏيندي، بلا واسطي درگاھ شريف جو مريد ڪندو رھيو، توڙي جو پاڻ ڪمال ۽ ڪرامت جو صاحب ھيو تڏھن بہ پنھنجي پيري مريدي جي سلسلي کي عام ڪرڻ ۽ جاري رکڻ پسند نہ ڪيائين. جنھن ڪري ڪيترا دفعا ڪيس پنھنجي مرشد کان اھو ٻڌڻ ۾ آيو تہ اي خليفا صاحب! جڏھن تہ اوھان کي ارشاد و تلقين جي اجازت اسان کان مليل آھي تہ پوءِ ھيڏانھن فقيرن کي وٺي اچڻ جي ڪھڙي ضرورت آھي، ۽ توھان کين طلب جي راھہ ۾ تلقين ڪري ڇڏيندا ڪريو. ليڪن پوءِ بہ خليفو صاحب ھر دفعي ائين ڪرڻ کان نہ مڙيو، ۽ پنھنجي معتقدن ۽ صحبتين کي حضرت جن جي طريقي ۾ سندن ھٿ تي بيعت ڪرڻ لاءِ شامل ڪندو رھيو، جنھن ڪري حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمۃ اللہ تعاليٰ عليہ جو ساڻس پيار ۽ محبت حد درجي کي پھچي ويو ۽ ھو ٿوري ئي عرصي ۾ مقرب خليفن ۾ شمار ٿيڻ لڳو.

لاڙ ۽ ھندستان جي علاقن ۾ حضرت روضي ڈٹي رحمہ اللہ تعاليٰ عليہ جن جي فڪر کي عام ڪرڻ ۾ خليفي صاحب جي مجاھدانہ زندگي جو عمل دخل نمايان رھيو. خدا پاڪ ڪيس فيض ۽ عرفان جو اھڙو تہ حصو عنايت فرمايو ھو جو ھزارن جي تعداد ۾ غير مسلم اسلام جي دائري ۾ داخل ٿي واصل باللہ ٿي ويا، ۽ ڪيترائي پڪيل انسان راھہ ھدايت تي گامزن ٿي سچا ۽ حقيقي خدا جا طالب بنجي ويا. پاڻ ڪڏھن بہ پنھنجي مرتبي ۽ شان کي ظاھر ڪرڻ يا ڪنھن بہ طريقي سان عزت وڊائڻ جي ڪوشش نہ ڪيائون، ليڪن ان جي باوجود بہ خدا پاڪ کين جماعت ۽ عام ماڻھن ۾ اھڙي تہ مقبوليت ۽ پذيرائي بخشي جو سندن تہ ڏيھو، پر ھندستان اندر بہ لکين انسان سندس معتقد بنجي، حضرت جن جي مريدن جي لھڙيءَ ۾ شامل ٿي ويا.

خليفي صاحب رحمۃ اللہ تعاليٰ عليہ کي حضرت پير سائين روضي ڈٹي قدس سرہ جن جي مريديءَ ۽ خلافت ۾ داخل ٿئي مس ٽي سال ٿيا ھئا تہ خدائي امر موجب حضرت جن سن ۱۲۳۴ھجري دوران راھہ عدم ڈانھن روانا ٿيا، جنھن ڪري کيس عظيم صدمو رسيو.

خليفي صاحب پنھنجي مرشد سان حقيقي محبت جي عيوض، سندن ڏسيل طريقي ۽ فڪر کي عام ڪرڻ واري نائبي جي فريضي کي محبت ۽ عقيدت سان نيائيندي سندن پوئنرن ۽ مسند نشين سان عقيدت و احترام جي سيني لوازمات ۽ گھرجن پوري ڪرڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪندو رھيو. پاڻ پنھنجي مربي مرشد جي زيارت ۽

www.maktabah.org

فيض حاصل ڪرڻ کان سواءِ باقي ٽنهن مسند نشينن، هر هڪ حضرت پير سائين سيد صبغت الله شاهه اول تجر ڈٹي (متوفي ۱۲۴۶هـ) حضرت پير سائين سيد علي گوهر شاه اول بنگلي ڈٹي (متوفي ۱۲۶۳هـ) حضرت پير سائين حزب الله شاهه تخت ڈٹي (متوفي ۱۳۰۸هـ) جي سجاد نشيني جو دور به اکين سان ڏنائين ۽ ان دوران مريدي جا جيڪي حق هوندا آهن، سي سيئي پورا ڪيائين.

خليفي صاحب پنهنجي مرشد، ان جي اولاد، ۽ سندن خانقاهه جي خدمت ڪرڻ واري فريضي کي پنهنجو پاڻ، اڪيلي سر معمور ڪرڻ ڪافي نه سمجهيو، بلڪ اها ورچ پنهنجي اولاد ۽ پوئنرن ۾ اهڙي طرح مضبوط ڪيائين جو ڪائڻ پوءِ به سندس اولاد جا فرد درگاهه شريف جا سچا هڏوڪي، همدرد وفادار ۽ نالي وارا خليفا ٿي گذريا آهن. خليفو غلام نبي جيڪو سندس پوٽو هيو، ان جو نالو ته حُر جماعت جي وڏن اڳواڻن ۾ شمار ٿئي ٿو، ۽ جماعت ۾ فرق سلسلي جو باني ليکيو وڃي ٿو.

اهڙي طرح سنڌ جو هيءُ مايئه ناز همه صفت موصوف بزرگ ڪامل اڪمل ولي الله، عظيم شاعر، محب وطن، ڏهيسر ۽ مرد مجاهد، سن ۱۲۸۰هـ مطابق ۱۸۶۳ع ڏارين "كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ" جي صدا کي لبيڪ چئي وَيَبْقَىٰ وَجْهُ رَبِّكَ ذُوالجَلَالِ وَالْاِكْرَامِ جي بي نياز بارگاهه ۾ وڃي پهتو. اِنّا لِلّٰهِ وَاِنّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْن.

خليفي صاحب رحمةُ الله تعاليٰ عليه جن جي اخلاقي معيار ۽ روحاني بلندين جو تجزيو ڪندي جيڪڏهن سڀاجهڙي سنڌ جي نامياري ولين جي لسٽ ۾ جاچبو ته پاڻ صف اول جا ولي الله نظر اچن ٿا. اهڙي طرح جيڪڏهن اسين سندن سنڌي ادبي معيار کي پرکيندي سنڌ جي عظيم محسنن ۽ مانوارن جي جر غفير ۾ ڏسڻ چاهيون ته پاڻ سنڌ جا عظيم ۽ نامياري سخن گو معلوم ٿين ٿا. سندن سموري شاعري خدا پرستي، سچائي، سلوڪ جي موتين سان گڏوگڏ عشق، محبت، مجاز ۽ حقيقت، شريعت، طريقت، معرفت، وحدت، ڪثرت جي اسلوبن سان رنگين نظر اچي ٿي.

اهڙي طرح خليفي صاحب رحمةُ الله تعاليٰ عليه جن جي شاعريءَ ۾ وطنيت جو جذبو، همت ۽ حوصلو، مسلسل ڪوشش ۽ محنت، خود اعتمادي ۽ اميد پري شاعري ملي ٿي.

خليفي صاحب جن هندي، فارسي، سرائڪي، اردو، ڀاڻڪي زبان ۾ پنهنجي شاعريءَ جي سيني صنفن کي تمام سهڻي انداز سان بيان ڪري، سنڌ ۽ سنڌ

www.maktabah.org

وارن تي ايڏو ته وڏو احسان ڪيو آهي جو اسان جا علمي ۽ ادبي حلقا ڪڏهن به سندس ٿورو لاهي نٿا سگهن.

حضرت جن جا فيض يافته، مختلف خليفا:

جيئن اڳ ۾اسان واضح ڪري آيا آهيون ته حضرت پير سائين روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي فيض يافته خلفاءِ جو شمار هزارن جي تعداد ۾ هيو، جيڪي پنهنجي وقت جا ڪامل ٻانها چيا وڃن ٿا. ان باري ۾ حضرت جن جي جماعت ۾ هڪ روايت هن طرح مشهور آهي ته، هڪ دفعو سندن دور جا عالم سڳورا جيڪي سندن طريقي تي هميشه اعتراض ڪندا رهندا هئا. اهي عالم، ساڻن مناظري ڪرڻ جي نيت سان وٽن آيا. تڏهن سندن خدمت ۾ فيض يافته خليفو سارنگ فقيرڪلهوڙو موجود هيو، جنهن کي حضرت جن ارشاد فرمايو ته اي خليفه سارنگ! هنن عالمن کي ڪن مسئلن تي اعتراض آهن،ان ڪري سندن تسلي واسطي کين جواب باصواب ڏيئي مطمئن ڪيو. تڏهن حضرت جن جي ارشاد سان خليفي سارنگ انهن عالمن کي هڪ هنڌ وڃي قرآن، حديث، فقه ۽ اجماع امت جي مسلڪ موجب اهڙا ته مدلل جواب ڏنا جو اهي آيل سيئي عالم لاجواب ٿي ويا، ۽ آخر جنهن وقت اهي عالم پنهنجي خيالات ۽ خدشات جا مڪمل تشفي بخش جواب حاصل ڪري واپس وڃڻ وارا ٿيا، تڏهن حضرت جن کان رخصت وٺڻ مهل عرض ڪيائون ته قبلا! هي خليفوصاحب جيڪو ايڏو وڏو عالم آهي، ان کٽان تحصيل علم ڪئي آهي؟ تڏهن حضرت جن انهن عالمن جي سامهون خليفي سارنگ کي فرمايو ته اي خليفا صاحب! هنن عالمن کي دعاءِ قنوت ته پڙهي ٻڌاءِ! تڏهن خليفي سارنگ سرائيڪي زبان ۾ وراڻيو ته قبلا! يا قن بودي مين کون نهين آندي- باقي مُلِ آکن ته انهه چر واليان اکيان نال الله ڏڪال ڇوڙان. تڏهن انهن عالمن کي خليفي صاحب جي ظاهري علمي استعداد ۽ قابليت جو اندازو ٿيو ته هي بزرگ درويش امي آهي. ليڪن حضرت جن جي نظر ڪيميا اثر سبب ڪيس خدا پاڪ لدني علم عطا فرمايو آهي(۱)

اهڙيءَ طرح سندن ٻيو خليفو ميان الهه رکيو رحمةَ الله تعاليٰ عليه حضرت پير سائين روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي فيض يافته خليفن مان هڪ هو، سندس بابت ملفوظات شريف ۾نقل آهي ته خليفي ميان الهه رکئي رحمة الله تعاليٰ

(۱) صدري روايت علامه مفتي عبد الرحيم سڪندري

عليه کي کاڏي کائڻ جي گهرج طبيعت مان بالکل نڪري وئي هئي، جو ڏهن ويهن ڏينهن تائين لاڳيتو هڪ گرهه ۾ ڪونه کائيندو هو. پوءِ سندس گهر وارا جڏهن ڪيس زور زبردستي ڪري ڪجهه کارائڻ چاهيندا هئا تہ لاچار هڪ يا ٻہ گرهه مس کائيندو هو. (۱)

خليفي ميان الهرڪئي لاءِ مشهور آهي تہ اهو بزرگ تمام مستجاب الدعوات هوندو هيو. ڪيس خدائي بارگاهہ ۾ ايتري تہ مقبوليت هوندي هئي جو جيڪا دعا گهرندو هيو تہ رد ڪانہ ٿيندي هئي.

حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمۃ الله تعالیٰ عليه جن فرمايو آهي تہ هڪ دفعي خليفي ميان الهرڪئي بيان ڪيو تہ سفر دوران شام جي وقت ڪير جوهڪ پريل پيالو نذرانو مليوءِ ان وقت مون کي حضور صلي الله عليه وسلم جن جو اهو واقعو ياد آيو جو، هڪ صحابي رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي خدمت شريف ۾ ڪير جو هڪ پيالو پيش ڪيوءِ پاڻ ڪريم جن پهريائين انهيءَ پيالي مان ڪجهہ ڪير پي، باقي صحابين کي پيئڻ لاءِ عنايت فرمايائون ءِ سيني صحابين ان پيالي مان ڪير پي ڏؤ ڪيو. ليڪن اهو ڪير جو پيالو پڇاڙي تائين پريل رهيو.

حضرت جن فرمايو تہ خليفي صاحب چيو تہ منهنجي دل ۾ ٻہ خيال پيدا ٿيو، تہ اڄ حضور صلي الله عليه وسلم جي متابعت ۾ هي ڪير جو پيالو سموري جماعت کي پيارڻ گهرجي. سو ان پيالي مان پهريائين مون ڪير پيتو. ان کان پوءِ مون جماعت کي ڪير پيئڻ لاءِ چيو ءِ خدا تبارڪ و تعالیٰ جي مهرباني ءَ سان ان پيالي مان سيني فقيرن ڪير پيتو. ليڪن پيالو پڇاڙيءَ تائين ڪير سان پريل رهيو (۲)

ساڳيءَ طرح خليفي الهرڪئي لاءِ مشهور آهي تہ هميشہ استغراق ۾ مستغرق ءِ وحدت جي لهرن ۾ اهڙو محو ءِ مست هوندو هيو جو ڪيس ڪنهن جي ٻہ سڏ ڪا نہ هوندي هئي، ءِ گهٽو ڪري مراقبي جي حالت ۾ نفي اثبات جي شغلن ۾ شاغل ءِ ديدار الهي ۾ مشغول هوندو هيو. حضرت پير سائين روضي ڈٹي رضي الله تعالیٰ عنه جن وٽ ظاهري ضرورتمند ءِ بي پهچ ماڻهو جنهن وقت حاڪمن وٽ سفارش ڪرائڻ لاءِ وڃن ايندا رهندا هئا تہ انهن ماڻهن سان حاڪمن ڈانهن سفارش وغيره ڪرڻ لاءِ مذڪوره خليفو مقرر هوندو هيو.

(۱) ملفوظات جلد۳، ص۱۰۵

(۲) مخزن فيضان اردو، ص۲۶۲

www.maktabah.org

هڪ دفعي جو واقعو هن طرح آهي ته هڪ پيرو خليفو الهرڪيو ڪنهن سوالي ۽ جي ڪر سان خيرپوري حاڪمن ڏانهن حضرت جن جي حڪم سان ٽي ويو، تڏهن حضرت جن،ساٽس ميان قابل شاهه (سندن پائٽيو) ۾ گڏي ڏنو. خليفو صاحب مسجد شريف ۾ منزل انداز ٿيو. حاڪمن کي خليفي صاحب جي آمد جو اطلاع ڪيو ويو. ليڪن ميرن ان طرف کو به توجهه کو نه ڏنو. هوڏانهن خليفو صاحب مسجد شريف ۾ محبوب حقيقي جي مشاهدي ۽ مراقبي دوران اهڙو ته مستغرق رهيو،جڏ پنهنجي گهر ويٽو آهي، ۽ ڪنهن به ڪر سان کو نه آيو آهي. اٽن ڏيهن گذرڻ کان پوءِ ميان قابل شاهه ڪيس چيو ته خليفا صاحب! هيترا ڏينهن گذري ويا آهن اجان سائل جو ڪر کو نه ٿيو آهي. تڏهن خليفي صاحب جواب ڏنو ته اڄ ٻنهڑن جو نماز کان پوءِ حاڪمن ڏانهن هلنداسون. ايتري ۾ ڪين خبر پهتي ته حاڪمن خود بخود بغير ڪنهن چوڻ جي ان سوالي جي ڪر جو پروانو (آرڊر) لکي مهر هڻي خليفي صاحب ڏانهن ڏياري موڪليو آهي، ۽ پڻ ايترا سارا ڏينهن دير ڪرڻ سببان ڪائنس معافي گهري اٽن. ان بعد خليفو صاحب درگاهه ڏانهن روانو ٿي ويو. (۱)

خليفو ميان الهرڪيو رحمةَ الله تعاليٰ عليه حضرت پير سائين روضي ڏٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي فيض يافته خليفن مان ٽي گذريو آهي. سندس ڪيترين ئي ڪرامتون مشهور آهن، ملفوظات شريف ۾ فيروز فقير نظاماڻي کان مذڪور آهي ته "هڪ پيري خليفي ميان الهرڪئي وٽ فقيرن جي جماعت ويٺي هئي، ۽ ان آيت بابت جنهن ۾ امانت جو احوال بيان ٿيل آهي. ان جي باري ۾ ذڪر هلي رهيو هو،ته ان مجلس جي ويٺلن مان هڪ شخص خليفي صاحب کي عرض ڪيو ته سائين! هن ٽلهي ٻير به اهو بار نه ڪنيو؟ تنهن تي خليفي صاحب جوش ۾ ان ٻير ڏانهن اشارو فرمائي چيو ته جيڪڏهن ان(ٻير) تي امانت جي بار جو ذرو به پوي ها ته چيرجي ڏار ڏار ٿي پوي ها. ان وقت خليفي صاحب جي صرف اشاري ڪرڻ جي دير هئي ته اهو ٻير چيرجي به اڌ ٿي پيو، ۽ هڪ اڌ هڪ طرف ۽ ٻيو اڌ ٻئي طرف وڃي ڪريو. فقير فيروز نظاماڻي ۽ بيان ڪيو ته اهو چيريل ٻير مون پاڻ اکين سان ڏٺو. (۲)

حضرت پير سائين روضي ڏٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن پنهنجي

(۱) ملفوظات شريف مترجم جلد ۵ ص۱۶۹ ايضا۱۷۲

(۲) ملفوظات شريف مترجم جلد ۵، ص۱۶۹

www.maktabah.org

فيض اثر ۽ تربيت سان پنهنجي خليفن، مريدن ۽ معتقدن جي تربيت اهڙي ريت فرمائي جو سندن دور ۾ ئي اهي خليفا صاحب ڪمال بنجي ويا.

هڪ راوي کان نقل آهي ته هڪ دفعي حضرت جن ڪنهن رستي سان پئي ويا، ۽ ساڻن خليفو الهرڪيو گڏ هيو، جيڪو سندن پويان پويان وات کان پاسو ونيو ٿي هليو. تڏهن پاڻ خليفي صاحب کان رستي کان پاسي هلڻ جو سبب پڇيائون. تڏهن خليفي صاحب عرض ڪيو ته قبلا! هن خوف کان ته متان حضور جن جي پيرن سڳورن جو نقش لتاڙجي نه پوي. ان ڪري رستي جو ڪنارو ورتو اٿم. (۱) اهو سندن فيض يافته خليفن جي ادب جو ڪمال هيو، جن حضرت جن جي پيرن جي نشانن تي پير ڏيڻ کي بـ بي ادبي ٿي سمجهيو. ڪين خدا تبارڪ وتعاليٰ پنهنجي مربي مرشد سان عقيدت، محبت ۽ ادب جي ڪري ايڏو ته مقام بخشيو جو عقل حيران آهي.

ڪنوز المعرفت جيڪا خليفي محمود نظاماڻي رحمه الله تعاليٰ عليه جن جي مفلوظات آهي، ان ۾ ذڪر آهي ته حضرت روضي ڏٹي رحمةً الله تعاليٰ عليه جن پنهنجي ناخوشائي واري وقت ماڻهن کي وصيت فرمائي هئي ته اسان جي جماعت مان ٻن شخصن سان صحبت ڪجو، انهن نالن مان هڪڙو نالو خليفي محمود رحمةً الله تعاليٰ عليه جن جو، ۽ ٻيو نالو خليفي الهرڪئي جو فرمايائون. (۲)

حضرت پير سائين روضي ڏٹي رحمةً الله تعاليٰ عليه جن پنهنجي مريدن، معتقدن ۽ خليفن جي روحاني ۽ قدر و منزلت کان بخوبي واقف هئا، ۽ انهن سيني جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ سهڻي نموني تربيت فرمائيندا رهيا، ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته ائين بـ ٿيندو هيو جو جيڪڏهن ڪو شخص بغير ارادي ۽ ارادت جي سندن صحبت ۾ اچي ويهندو هيو ته ان کي بـ معنوي ۽ حقيقي طرح فيض سان مالامال ڪري ڇڏيندا هئا.

سندن ملفوظات شريف ۾ ميڌني پليجي کان نقل آهي ته هڪ دفعو درگاهه مبارڪ تي حاضر هوس، ته هڪ شخص نالي ابراهيم فقير، جيڪو قيصر خان نظاماڻي جي ڳوٺ جو ويڙل هيو سو بـ حاضر هو، ۽ اهو حضرت جن جي سڃڻ مريدن ۽ خاص معتقدن ۾ شمار ٿيندو هو. تنهن ڪائون پنهنجي ڳوٺ وڃڻ جي اجازت طلب

(۱) ملفوظات مترجم جلد اول ص۲۴۷

(۲) ڪنوز المعرفت مترجم قلمي، ص- ۲۸۶

www.maktabah.org

ڪئي، ۽ پنهنجي دنياوي اسبابن جي مشغوليءَ بابت معذرت پئي ڪيائين ۽ پڻ دعا لاءِ عرض ڪيائين. تڏهن حضرت جن ڪيس وراڻيو ته تنهنجو اهو اسباب جيڪو نفساني غرضن کان خالي آهي سو خدا تبارڪ و تعاليٰ جي درگاهه ۾ ترڪ جهڙو آهي. (۱)

حضرت جن جي ملفوظات شريف ۾ هڪ افغاني جي اچڻ جو قصو، جيڪو قندار کان خواب ۾ سندن صورت ڏسي تلقين حاصل ڪرڻ جي ارادي سان پيش پيو هيو، ۽ پاڻ ان افغاني کي ٽن راتين رهائڻ بعد فنا في الله جي مقام تي رسائي تلقين و ارشاد جي اجازت ڏيئي واپس ڪيائون. (۲)

اهڙي طرح سندن خليفن مان سيد جان محمد شاهه بخاري ڇرائي وارو به پنهنجو مٺ پاڻ ٿي گذريو آهي، هو صاحب ڪمال مشهور ولي الله ٿي گذريو آهي، سندس فيض مان ڪيڇ مڪران جا ماڻهو مستفيض ٿيندا رهيا.

اهڙي طرح حضرت جن کي خدائي دربار مان فيض ۽ عرفان جو وافر مقدار مليو، جو جيڪو به سندن خدمت ۾ آيو ته فيض سان رنگجي رينگو ٿيو، ۽ ٿوري عرصي ۾ سيئي منزلون طئي ڪري وجي واصل بالله ٿيو.

تصوف ۽ سلوڪ جي تاريخ ۾ اهڙا واقعا تمام ٿورا ٿا ملن، جو طالب کي مطلوب حقيقي تائين پهچڻ ۾ ايڏي تيز رفتاري سان منزلون طئي ڪرڻ جو موقعو ميسر ٿيو هجي. ليڪن حضرت جن جي فيض ۽ اثر تمام ٿوري عرصي ۾ طالبان حق جي منتهي جماعت تيار ڪري، نيابت رسول جو فريضو ڪما حقه ادا ڪري ڏيکاريائون.

(۱) ملفوظات مترجم جلد اول ص- ۱۸۵

(۲) ملفوظات شريف مترجم جلد ۴- ص ۱۱۸

www.maktabah.org

فصل ٻيو

مسلک سيد محمد راشد روضي ڈٹي ملفوظات ۽ مکتوبات جي روشنيءَ ۾

جاڻڻ گهرجي ته عقيدي جي درستي سيني عملن جوبنياد آهي، ۽ ان تي ئي آخرت جي ڇوٽڪاري جو دارومدار آهي. ان کان سواءِ عقيدي جي درستگي اعمال جي قبول پوڻ لاءِ ضروري شرط آهي. عقيدو بنياد آهي ۽ اعمال ان جون شاخون آهن. جيڪڏهن عقيدو درست نه هوندو ته، چاهي اعمال کهڙا به ڀلا ۽ سٺا ڇونه هجن، ليکن عند الله اهي مقبول نه آهن، ۽ نه ئي انهن جو اجورو ملندو. انساني زندگيءَ ۾ عقيدي کي وڏي اهميت حاصل آهي ۽ روزمره جي زندگيءَ ۾ تمام مشغوليون، ڪم ڪار به ان جي روشنيءَ جي زير اثر پائهه تڪميل تي پهچندا آهن.

جيڪڏهن انساني عقائد ۾ فرق اچي ويندو ته لازمي طور تي ان جو اثر انساني اعمال تي مرتب ٿيندو. ان ڪري عقيدي جو صحيح رخ متعين ڪرڻ انتهائي ضروري امر آهي. اهوئي سبب آهي جو دين اسلام ۾ عقائد کي اولين حيثيت حاصل آهي. مشرڪين عرب به، بدعقائد سببان دين اسلام کان خارج قرار ڏنا ويا ۽ بچڙي عقيدي جي ڪري منجهن رسم رواج ۽ روزمره جا معمولات به ان حد تائين بگڙجي چڪا هئا جو هو وحشي ۽ خونخوار بنجي ويا. خوف خدا، انساني غيرت، حيا ۽ شرم انساني همدردي وغيره منجهن رهي ئي ڪانه هئي

حضور صلي الله عليه وسلم جن به پنهنجي ابتدائي تبليغ ۾ مشرڪن ۽ ڪافرن کي عقائد جي درستگيءَ جي تلقين فرمائي، جڏهن انهن جا عقيدا درست ٿيڻ لڳا ته ان کان پوءِ مٿن احڪام الاهي ۽ شريعت پاڪ جي پابندي لازم قرار ڏنائون.

عقيدي جو تعلق زندگيءَ جي مڪمل نقشي سان آهي، ان اصول جي روشنيءَ ۾ حضور صلي الله عليه وسلم جن مڪي واري حياتي ۾ عقيدن تي گهٽو زور ڏنو ۽ ماڻهن کي دين اسلام جي قبول ڪرڻ لاءِ پوري طرح تيار ڪيائون. ڪين ايمان، اسلام ۽

www.maktabah.org

آخرت جي حقيقت سمجهائي عقائد بابت سمجهاڻي ڏنائون.

وقت جو مجدد :

عقيدو ئي اهڙو نظريو آهي جنهن جي محور ۾ پوري زندگي گردش ڪندي رهي ٿي. ان ڪري انساني اعمال تي عقيدن جو گهرو اثر ڏسڻ ۾ ايندو آهي. اولياءَ الله سڳورا پنهنجي تبليغ ۽ تعليم سان انساني عقائد جي طرف، سڀ کان زياده متوجه رهيا ۽ ان ذريعي دين اسلام جي خدمت ۽ حفاظت جو فريضو ادا ڪيائون. بد مذهبي ۽ بي ديني جي پاڙ پٽڻ لاءِ غلط رسم و رواج جي سيلاب کي روڪيائون. اهڙن پاڪباز ۽ نيڪ سيرت انسانن کي شرعي اصطلاح ۾ "مجدد" ڪوٺيو وڃي ٿو. تيرهين صديءَ هجريءَ دوران، برصغير جو مجدد، حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن هئا.

علامه قاسمي صاحب ان باري ۾ لکي ٿو:"اها حقيقت آهي ته جهڙي طرح امام رباني هند ۾ بدعت ۽ شرڪ جي خلاف جهاد ڪري، سنت کي زور ونايو ۽ ماٺهن ۾ پيغمبر پاڪ جي اصحاب سڳورن جي محبت ۽ عزت ڪرڻ واري جذبي کي جاڳائي غلط عقيدن جي پاڙ پٽي ڇڏي، اها ساڳي صورت هت سنڌ ۾ پيش آئي. هن سلسلي ۾ پير سيد محمد راشد رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن به اهڙو ئي ڪم ڪري ڏيکاريو. (۱)

حضرت پير سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن تيرهين صدي هجري دوران، جنهن طريقي سان تجديدِ دين، احياءِ سنت نبوي پاڪ عليه التحيةَ والسلام جو ڪارنامو سر انجام ڏنو. ان جو نمونو سندن ملفوظات شريف جي مطالعي مان ئي معلوم ڪري سگهجي ٿو.

پاڻ پنهنجي زندگي دين جي لاءِ وقف ڪري ڇڏيائون خاص ڪري ٽالپرن جي دور ۾ ته بي ديني ۽ بد مذهبي جو جيڪو طوفان کڙو ٿيو ۽ وقت جي حاڪمن جي سرپرستيءَ ۾ بي دينيءَ ۽ روافض جا جيڪي اثرات ظاهر ٿيا، انهن سڀني خرابين ۽ برائين جي پاڙ پٽڻ لاءِ حضرت سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن ميدان عمل ۾ نڪري نروار ٿيا، ۽ پنهنجي پوري طاقت سان بد عقائد جي

(۱) الرحيم مشاهير نمبر ص۲۳

www.maktabah.org

بيخكنيءَ لاءِ جدوجهد شروع كيائون ۽ پنهنجي عقائد ۽ نظريات جي كلم كلا پرچار كندا رهيا.

سندس تعليمات ۽ سوانح جي كنهن بہ گوشي ۾ كو اهڙو لمحو ڏسڻ ۾ نہ آيو آهي جنهن مان اهو اندازو لڳائي سگهجي تہ پاڻ شريعت ۽ ديني امور جي باري ۾ مصلحت اندازي يا وقتي طور تي روگرداني كئي هجين. بلك سندن زندگيءَ جا سوين اهڙا واقعا سامهون اچن ٿا جيكي تعليمات مجددیہ جي پوري پوري عكاسي كندي نظر اچن ٿا.

حضرت جن جي تعليمات، اصل ۾ قرآن شريف، سنت پاك ۽ اصحاب كرام جي طريقي ۽ سلف صالحين جي مسلك جي عين مطابق هئي. حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحمةَ الله تعالىٰ عليه جن پنهنجي پوري حياتي دين اسلام جي ترقي ۽ قرآني تعليمات جي نشر و اشاعت ۾ گذاري ڇڏي. پاڻ جنهن جذبي سان تبليغ وارشاد جو سلسلو جاري ركيائون ان جو مثال ويجهي تاريخ ۾ ملڻ محال آهي.

حضرت جن سفر حضر، خلوت جلوت ۽ هر حالت ۾ ان ڳالهہ جو تاكيد كندا رهيا تہ حضور نبي كريم صلي الله عليه وسلم جي دين جي حفاظت ۽ احياءَ سنت ۽ بزرگان دين جي عقائد ۽ معمولات جي واڌاري لاءِ زندگي وقف هئڻ گهرجي، جو تہ ان ۾ ئي الله تعالىٰ ۽ ان جي رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جي رضا ۽ خوشنودي آهي.

ان كري ضروري سمجهيو ويو تہ سندن تعليمات جي روشني ۾ ديني عقائد ۽ نظريہ جي ضروري وضاحت بيان كئي وڃي، جو تہ كجهہ ماڻهو پاڻ كي سندن ذات گراميءَ كي پنهنجي طرف منسوب ڪاڻائيندي انتهائي چالاكي ۽ هوشياري سان كين پنهنجي عقائد ۽ نظريات جو حامي بيان كن ٿا. حالانكہ پاڻ پنهنجي ملفوظات ۽ مكتوبات ۾ اهڙا عقائد ۽ نظريہ ركندڙن كي كلم كلائنديو اٿن ۽ ظاهر ظهور اهڙن عقيدن وارن ماڻهن كي پاڻ كان الڳ ركڻ جي پوري طرح تلقين كئي اٿن.

حضرت پير سائين جن جي سوانح ۽ مكتوبات شريف تي تحقيقاتي كم كرڻ دوران ان ضرورت كي محسوس كيو ويو تہ ان گوشي ۽ پهلو كي بہ نكاور كيو وڃي تہ جيئن عوام الناس ۽ سندن پوئلڳ پنهنجي عقائد ۽ اعمال جو صحيح رخ متعين كري سگهن.

www.maktabah.org

حضرت جن بنيادي طرح صحيح سني عقيدو رکندڙ ۽ اهل سنت و جماعت جي مسلک جا زبردست حامي ۽ سالار هئا. ملفوظات جي مطالعي مان سندن عقائد جي نشاندهي ملي ٿي.جيڪي قرآن، سنت نبوي ۽ صحابہ ڪرام ۽ اولياءَ الله جي مسلک جي عين مطابق آهن. ان ڪري سندن عقائد جي روشنيءَ ۾ تمام اختصار سان اهي مسئلا جيڪي امت مسلمہ جي درميان اختلاف جو سبب بنيل آهن،تن جي وضاحت سندن مسلک موجب مختصر طور تي پيش ڪجي ٿي.

ميلاد النبي جي اهميت سندن نظر ۾:

ميلاد النبي صلي الله عليه وسلم ملهائڻ بيشڪ بهترين عمل آهي. اهو نيڪ عمل صدين کان سلف صالحين ملهائيندا اچن ٿا، خاص ڪري اسان جي سنڌ ۾ ان رسم کي عرس جي نالي سان ملهايو ويندو آهي. موجوده دور ۾ مختلف ممالک جي اندر هر هنڌ تي دنيا جي اڪابرن جون ورسيون ۽ سالگرهون ملهايون وڃن ٿيون، ۽ انهن جي ڪارنامن تي روشني وجهڻ لاءِ جلسا ۽ اجتماع ڪيا وڃن ٿا، ليڪن افسوس جو اسان جي نبي آخر زمان، اڙين جي آڏار مسڪينن جي مددگار، يتيمن جي يار ۽ بيڪسن جي پر جهلي حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جي ميلاد ملهائڻ واري رسم کي ڪي مسلمان غير شرعي فعل تصور ڪندي شرڪ چون ٿا.

در اصل انگريزن ۽ ٻين غير مسلمن اهو گڏجي فيصلو ڪيو هو تہ جيستائين مسلمانن جي سرواڻ ۽ آقا حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جي عظمت ۽ مرتبت انهن جي دل ۾ موجزن هوندي، تيستائين مسلمان قوم تي فاتح ٿيڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. ان ڪري انهن سڀ کان پهريائين مؤمنن جي دلين مان عظمت رسول کي گهٽائڻ جا نمونا ۽ طريقا تلاش ڪري مسلمانن مان ئي ڪجهہ ماڻهو خريد ڪري ورتا، جيڪي رسول الله صلي الله عليه وسلم جي عظمت کي مشڪوڪ ڪرڻ لاءِ مختلف حربن سان نت نوان مسئلا پيدا ڪري سامهون آيا.

هر صاحب علم ۽ ذي شعور ان ڳالهہ کي چڱي طرح سمجهي سگهي ٿو تہ رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن کي دين اسلام جي مثالي آبياري ڪرڻي هئي،جو خود خدا پاڪ سندن آمد کي مؤمنن لاءِ احسان جاڻائيندي فرمايو آهي تہ اي مؤمنو!! توهان تي منهنجو احسان آهي جو توهان ڏانهن وڏي

www.maktabah.org

مرتبو ۽ مان وارو رسول موکليو اٿم (۱) پوءِ ان خداوندي احسان جي شڪر ۽ خوشيءَ ۾ جيڪڏهن ڪو مسلمان ميلاد النبي ﷺ جي پاڪ تقريب قائم ڪري تہ ان کي ناجائز وغيره چوڻ ڪڏهن بہ ايمان واري مسلمان جو ڪر نٿو ٿي سگهي.

ميلاد النبي ﷺ ملهائڻ تہ مسلمانن جو اخلاقي ۽ اسلامي فرض آهي ۽ مسلمانن جي مٿان حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جو قرض آهي. جنهن کي پوري ڪرڻ لاءِ مسلمان جي حيثيت سان جوابدار آهيون. ان کان سواءِ اڪابرين امت، اولياءُ الله ۽ سلف صالحين خود پاڻ اهڙي پاڪ تقريبات جي انعقاد لاءِ تحريص ۽ ترغيب ڏيارينداهيا آهن.

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن ربيع الاول جي مهيني ۾ حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جو عرس مبارڪ انتهائي احترام ۽ عقيدت سان ملهائيندا هئا،۽ پنهنجي پوئلڳن کي پڻ ان جي تلقين فرمائيندا هئا. سندن ملفوظات شريف ۾ خليفي محمود رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن بيان ڪيو آهي تہ حضرت جن ارشاد فرمايو آهي اسان جي خوشين ۾ وڌي ۽ بهترين خوشي نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن جو عرس آهي. خليفي محمود رحمةَ الله تعاليٰ عليه عرس ملهائڻ دوران سندن عام طريقو بيان ڪندي ڄاڻايو آهي تہ حضرت جن جي هيءَ عادت هئي جو عرس مبارڪ جي خوشي گهڻي ڪندا هئا. هميشہ فقيرن جي جماعت کي حويلي مبارڪ ۾ ونيِ طعام ڪارائيندا هئا.۽ فقيرن جا هٿ پنهنجي هٿن سان پاڻ ڌوائيندا هئا. حضرت جن صرف ان کي ئي ڪافي نہ سمجهندا هئا بلڪ هر هڪ کي مرحبا ۽ خوش آمديد چوندا هئا،۽ گلاب جي پاڻيءَ جا ڇنڊا سرهاڻ لاءِ هٿندا هئا. بي انتها خوش ۽ بهار ٿيندا هئا. طعام ڪارائڻ کان پوءِ پنهنجي هٿن مبارڪ سان فقيرن کي هٿ ڌوئاري اجازت ڏيندا هئا،۽ اها ئي مرحبا ۽ خوش آمديد چوندا رهندا هئا، ايستائين جوفارغ ٿيندا هئا ۽ قسمين قسمين، شادين کان بہ وڌيڪ سنا ۽ سهٽا طعام تيار ڪرائيندا هئا(۲)

حضرت جن جي ان روش ۽ عادت مبارڪ مان صاف ظاهر آهي تہ پاڻ صحيح سني مسلڪ سان تعلق رکندڙ هئا. حضور صلي الله عليه وسلم جي آمد

(۱) سورت آل عمران آيت نمبر ۱۶۳

(۲) ملفوظات شريف مترجم جلد ۵ ص۳۵۲

www.maktabah.org

مبارڪ جي خوشيءَ ۾ عرس جي مجلس برپا ڪندا هئا. ڇوتہ هڪ مسلمان جي لاءِ ان کان زياده ٻي ڪهڙي خوشي ٿي سگهي ٿي جو حضور صلي الله عليه وسلم جي ولادت با سعادت جو ذڪر خير ٻڌڻ لاءِ ان محفل ۾ شريڪ ٿجي ۽ حضور صلي الله عليه وسلم جن جي پاڪ زندگيءَ جا واقعات ۽ معجزات سيرت پاڪ جي روشنيءَ ۾ معلوم ڪري پنهنجي ايماني قوت کي اجاگر ڪجي. ڇوتہ بحيثيت مسلمان جي جان، مال، اولاد ۽ ماءُ پيءُ کان وڌيڪ پيار جي لائق حضور صلي الله عليه وسلم جي ذات اقدس آهي. پوءِ جنهن سان حد کان وڌيڪ محبت رکڻ ايمان جي تڪميل جو سبب آهي، تہ ان جي ميلاد ملهائڻ کي ناجائز چوڻ ڪهڙي عقلمندي آهي؟ سلف صالحين ميلاد جي مجلسن ۾ شريڪ ٿيڻ کي هڪ بهترين عمل سمجهي، ان ۾ شريڪ ٿيندا رهنداهئا. ملفوظات شريف ۾ صالح فقير ابڙي کان نقل آهي تہ هڪ دفعو مولوي محمد اسماعيل حضرت جن کي عرس جي دعوت ڏيئي پنهنجي گهر وٽي ويو هو (۱)

سندن مڪتوبات شريف ۾ خليفي محمد حسين ڏانهن خط مبارڪ آهي. خليفي صاحب کائن عرس مبارڪ جي فضيلت بابت سوال ڪيو هيو. پاڻ ان جي جواب ۾ تفصيل ۽ دليلن سان شرعي ثبوت پيش فرمايو اٿائون (۲) جنهن مان سندن مشرب ۽ مسلڪ جو چگيءَ طرح پتو پوي ٿو.

ماتم کان منع ڪرڻ:

جيئن تہ هن کان اڳ واضح ٿي چڪو آهي تہ حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمۃ الله تعالیٰ عليه جن تمام مذاهب مان سني مذهب کي ئي حق ۽ نجات وارو مذهب قرار ڏيندي ان جي روشنيءَ ۾ پنهنجي تعليمات جو بنياد رکيو اٿن، جنهن جو ثبوت سندن ملفوظات شريف جي مطالعي مان بخوبي لڳائي سگهجي ٿو. خاص ڪري اهي عقيدا ۽ مسئلا جيڪي موجوده وقت ۾ مسلمان قوم جي درميان تفرقي ۽ نفرت جو سبب بنيل آهن. انهن جي باري ۾سندن مسلڪ ۽ مشرب آئيني جيان صاف ظاهر آهي ۽ پاڻ کنهن به حيلي ۽ مصلحت کان سواءِ انهن جو ڪليو ڪلايو اظهار فرمايو اٿن. جيڪي عقيدا شريعت پاڪ، سنت نبوي ۽ صحابہ ڪرام جي طريقي جي

(۱) ملفوظات شريف مترجم، جلد ۲ ص ۲۱۴

(۲) تفصيل لاءِ ڏسو مڪتوب نمبر ۴۴

www.maktabah.org

خلاف آهن انهن جي سختيءَ سان تردید فرمائي پنهنجي پوئلڳن ۽ عام مسلمانن کي انهن کان پرهيز ڪرڻ جي تلقين فرمائي اٽن.

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي ولادت ڪلهوڙن جي دور ۾ ٿي. سندن جواني ۽ عملي زندگي ٽالپرن جي دور ۾ صرف ٿي. ٽالپر حڪمران مذهبي طرح شيعا هئا جيڪي ايراني شيعن عالمن جي صحبت ۽ اثر ۾اچي پنهنجو اصل مذهب بدلائي ويٺا. بنيادي طرح ٽالپرن جا وڏا سُني گهراڻي جا فرد هئا.ليڪن جيئن ته سنڌ تي هميشه ڪان ٻاهريون ڪاهون ۽ هلائون هلندیون ٿي آيون ان ڪري مجبورن هتان جا حاڪم ڪڏهن دهليءَ جا ماتحت ته ڪڏهن افغانستان جي زير سايه يا وري ڪڏهن ايران جي تسلط ۾ رهيا. جيئن جيئن ٻاهرين حاڪمن جو سنڌ تي تسلط رهندو ٿي آيو، ته لازمي طرح انهن حاڪمن جي مذهبي عقيدن ۽ لاڙن جو سنئون سڌو سنڌ تي اثر پيو.صرف مذهبي اثر نه، بلڪ ان سان گڏوگڏ سماجي، اقتصادي اثرات پڻ نمودار ٿيا. اَلنَّاسُ عَلٰي دِيْنِ مُلُوْكِهِمْ وانگر ڏٺو ويو آهي ته عام رعيت جا ماڻهو گهڻو ڪري حاڪمن جي ڪري پنهنجو مذهب بہ بدلائي ڇڏيندا آهن.ان دوران ٽالپور حڪمرانن باقاعده ايران کان شيعي مذهب جا ذاڪر ۽ عالم گهرائي مذهبي ترويج ۽ اشاعت لاءِ منصوبہ بنديءَ سان ڪم شروع ڪيو. اهڙين حالتن ۾ رفض ۽ بغض صحابہ جو بدترين دور شروع ٿي چڪو هو. هونئن بہ اهل بيت ڪرام سان هر هڪ مسلمان جي محبت فطري هوندي آهي ليڪن ٽالپرن انهيءَ جذبي کي وڌائي شيعت ۾ تبديل ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي، ۽باهرين ذاڪرن ۽ مولوين کي وڏيون مراعات ۽ پگهارون ڏيئي ان ڪم جي واڌاري لاءِ مقرر ڪيو. نتيجي طور سنڌ ۾ شيعت جو اثر وڌڻ شروع ٿي ويو ۽ روافض ۽ تبري باز پيدا ٿيا، جن شرافت ۽ حياءَ جون سڀ حدون لتاڙي ڇڏيون. تڏهن اهڙي دور ۾حضرت پير سائين جن سنڌ ۾ دين جي جيارڻ جو جيڪوڪر پنهنجي ڪلهن تي کنيو،سو اهڙي ته سهڻي انداز ۽ خوش اسلوبيءَ سان سرانجام ڏنائون جو سنڌ جي تاريخ ۾ اهڙو مثال ملڻ مشڪل آهي.

ٽالپرن حڪومت ۽ طاقت جي زور تي جارحانہ انداز سان شيعت کي ترقي ڏيارڻ جي لاءِ سرتوڙ ڪوشش ڪئي. حضرت جن بہ انهيءَ انداز سان اهڙي ته مدافعانہ حڪمت عملي اختيار ڪئي جو انهن جا ارادا پورا ٿي نہ سگهيا،۽ پاڻ آخري وقت تائين رد روافض بابت پنهنجي نجي محفلن کان سواءِ عام اجتماعن ۾ بہ تبليغ جو

www.maktabah.org

سلسلو جاري رکيائون ۽ سنڌ کي شيعت جي طوفان کان بچائڻ ۾ کيتري قدر کامياب ٿيا؟ ان جوانداز و قارئين کرام ان دور جي حالات معلوم کرڻ بعد بخوبي لڳائي سگھن ٿا.

محمد رحيم لوهر کان سندن ملفوظات ۾ بيان آ هي ته "هڪ دفعو سيد جان شاهه ويٽل ٽنڈي بهادر خان جو سندن حضور ۾ آيو ۽ عرض کيائين ته حضرتا! اسين محرم مهيني ۾ امامن سڳورن جو ماتم ۽ افسوس کندا آهيون پر توهان جا مريد نظاماڻي فقير اسان کي انهي کم ۾ روک ٿا کن، تنهن کري سائين جن کين سمجهائين ته اسان کي ماتم کان نه روکن. تڏهن پاڻ جواب ۾ فرمايائونس ته:" امامن سڳورن توهان جو کهڙو گناهه کيو آهي جو مٿن ماتم ٿا کيو؟ آخر حضرت جن ان فعل کي ناپسنديده قرار ڏيندي فرمايو ته"توهان ماتم ۽ افسوس پنهنجي نصيب تي وجي کيو". (۱) سندن ان فرمودي مان صاف ظاهر آهي ته پاڻ ماتم کرڻ وغيره کي ناپسند فرمائيندا هئا ۽ مذهب اهل سنت وجماعت جا پکا پوئلڳ ۽ حقيقي موحد هئا. پاڻ مذهب حقه اهل سنت وجماعت جي پوئواري ۾ کنهن به دباءَ يا مصلحت کان بي نياز ٿي کري تبليغ جو سلسلو جاري رکيائون، جنهن مان سندن مضبوط اعتقاد جو عنصر نمايان ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

هڪ دفعو ٽنڈي بهادر خان نظاماڻي ۾ تشريف فرما ٿيا. عشاءَ جي نماز کان پوءِ خليفي سلطان فقير کين حاويليءَ ۾ هلي زيارت کرائڻ لاءِ عرض کيو. پاڻ زيارت کرائڻ کان صفا انکار کري ڇڏيائون. جنهن تي خليفي سلطان کي تعجب ٿيو ته حضرت جن اچانک الائي کهڙي سبب جي کري ناراض ٿيا آهن؟ تڏهن پاڻ جوش مان فرمايائون ته"اوهان تابوت ناهيندا آهيو؟" خليفي عرض کيو ته قبلا! تابوت ناهڻ جي رسم ته اسان جي ابن ڏاڏن ۾ به کانه هئي، ويتر اسان ته توهان جا مريد آهيون، سو تابوت ناهڻ جوسوال ئي پيدا نٿو ٿئي. پاڻ فرمايائون ته "اسان اڄ دهلڙين جوآواز ٻڌو هيو." تڏهن اتي بيٺل خدا بخش فقير نالي قسم کڻي عرض کيو ته قبلا! هتي اسان مان کوبه اهڙو شخص ناهي جيکو تابوت ناهيندو هجي ۽ ٿي سگھي ٿو ته ننڍڙن ٻارن اهي دهلڙيون نهرايون هجن، جيکي هنن وڄائيون هوندیون ۽ مان هاڻي جوهاڻي وجي اهي دهلڙيون وغيره سڀ پڄي ٿو اچان. ان کان پوءِ حضرت جن کي تسلي ٿي ۽ سلطان

(۱) ملفوظات مترجم جلد اول ص ـ ۱۴۱

www.maktabah.org

فقير سان گڏجي حاويليءَ ۾ زيارت ڪرايائون ۽ ارشاد فرمايائون ته "شرعي جهليل ڪم جي ويجهو اصل نه وڃڻ ڪپي." (۱)

حضرت جن پنهنجي مريدن ۽ معتقدن جي اعتقادي اصلاح لاءِ اهڙا ته نوس قدم ڪنيا جن جو اثر اهو ٿيو جو اڄ به صدين گذرڻ جي باوجود سندن مريدن توڙي پوئلڳن ۾ مذهب، دين ۽ اعتقاد سان حد درجي جو لڳاءُ نمايان موجود آهي.

مرشد جي ضرورت:

مرشد مان مراد اهڙو نيڪ ٻانهو هوندو آهي، جيڪو الله پاڪ جي واٽ ڳوليندڙ جي لاءِ رهنما ۽ رستو ڏيندڙ هجي، علم تصوف ۾ ذڪر فڪر جي طريقي جي استاد ۽ الله تعاليٰ جي واٽ ڏيندڙ بزرگ کي شيخ يا مرشد چيو ويندو آهي.

الله تبارڪ وتعاليٰ اهڙن نيڪ بندن کي امت جي اتحاد جو سبب بنايو آهي، ۽ انهن پاڪ صفت انسانن، امت کي متحد ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، هُنن الله پاڪ جي معرفت (سڃاڻ) جا رستا هر نسل ۽ هر دور جي ماڻهن کي سيکاريا، ۽ الله جي راهه تي هلڻ جي قاعدن جي پوري پوري وضاحت فرمائي اٿن. سيني بزرگن ۽ مشهور صوفين پنهنجي مرشد جي صورت جو نقشو دل ۾ حاضر ڪرڻ، ۽ ان جي واسطي سان فيض رباني ۽ جو منتظر هجڻ کي، جائز ۽ درست فعل قرار ڏنو اٿن. اهو طريقو سلف صالحين کان منقول آهي ۽ صدين کان ان تي عمل ڪندا پيا اچن.

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمة الله تعاليٰ عليه جن مرشد جي وسيلي سان الله تبارڪ جي وصول جا قائل هيا. سندن ملفوظات شريف ۽ مڪتوبات شريف ۾ مرشد جي وسيلي سان دعا گهرڻ جا ڪيترائي واقعا مذڪور آهن، جن جو بيان هتي مختصر طور پيش ڪجي ٿو.

سندن ملفوظات شريف ۾ ٻڌي فقير نظاماڻي بيان ڪيو آهي ته "هڪ دفعو حضرت جن لاڙ جي سفر ۾ بهادر خان نظاماڻي جي ڳوٺ تشريف فرما ٿيا. پوءِ مان حضرت پير سائين جن کي زيارت ڪرائڻ لاءِ وڃي ٿي ويس ته واٽ تي سندن خدمت ۾ عرض گذاريم ته حضرتا! منهنجي حق ۾ دعا فرمايو ته مون کي الله تعاليٰ حاصل ٿئي. الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيو آءٌ ڪجهه به نٿو گهران. پاڻ اتي جواتي جتيءَ مان

(۱) ملفوظات شريف مترجم جلد اول ص ۵۲

www.maktabah.org

پير ڪڍي بيهي دعا گهرياٿون ۽ پوءِ منهنجي پٽيءَ تي مهرباني‌ءَ جو هٿ گهمائي فرمايائون ته مرشد کان اها ئي دعا گهرڻ کپي(١) اهڙيءَ طرح ملفوظات شريف جو گڏ ڪندڙ بيان ڪري ٿو ته پاڻ فرمائيندا هئا ته طالب کي پنهنجي مرشد جي صحبت لازم ڪري ونڻ گهرجي. بلاضرورت جي هڪ گهڙي به ان کان جدا نه ٿئي(٢)

حضرت جن جي ملفوظات شريف جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته حضرت جن پنهنجي آل اولاد جي لاءِ، بزرگن کان دعاطلبي واسطي تشريف وٺي ويندا هئا ۽ انهن کان دعا گهرائيندا هئا.

ملفوظات شريف ۾ مرشد جي محبت، ۽ الله تعاليٰ جي طالبن متعلق محراب فقير سنجراڻي کان نقل آهي ته هڪ دفعي پاڻ سفر ۾ عمر ڪوٽ جي طرف هئا. محراب فقير کين عرض ڪيو ته حضرتا! نفساني سڌن جي ڪپجي وڃڻ جو ڪهڙو رستو آهي؟ پاڻ جواب ۾ فرمايائون ته مرشد جي صورت کي هر وقت ڌيان ۾ رکڻ. محراب فقير ٻيو دفعو کين عرض ڪيو ته قبلا! مرشد جي صورت هر وقت ڪهڙي طرح حاصل ٿي سگهندي؟ تڏهن پاڻ فرمايائون ته مرشد سان محبت گهٽي ڪرڻ سان جيڪا احمر اکسير آهي.(٣)

حضرت جن ته پنهنجي ملفوظات شريف ۾ ان حد تائين فرمايو آهي ته مريد جي پنهنجي مرشد سان ارادت ان حد تائين هڻڻ گهرجي جومريد مرشد جي متابعت ۾، سيرت ۽ صورت ۾ مرشد جهڙو ٿي پوي. سندن طريقي موجب مريد کي مرشد لاءِ اهو عقيدو رکڻ هر حال ۾ ضروري آهي ته مرشد الله تعاليٰ تائين پهچڻ جو وسيلو آهي. حضرت امام ابو القاسم قشيري رحمةَ الله تعاليٰ عليه رساله قشيريه ۾ فرمايو آهي ته ارادت، طريقت جي رستي جي شروعات آهي، ۽ اها الله تبارڪ و تعاليٰ جي طالبن جي پهرين منزل جو نالو آهي. پاڻ فرمائين ٿا ان صفت کي ارادت ان ڪري چيو وڃي ٿو جو ارادو هر ڳالهه جو بنياد هوندو آهي، ان ڪري ٻانهو جيستائين کو ارادو نه ڪندو آهي، تيستائين ان ڪم کي ويجهو به ڪونه ويندو آهي. امام قشيري مريد جو مادو بيان ڪندي لکي ٿو ته "مريد ارادي مان نڪتل آهي، ۽

(١) ملفوظات شريف مترجم جلد اول ص٦٩

(٢) ايضاً جلد ٻيو ص٧

(٣) ايضاً جلد ٻيو ص٢٠

www.maktabah.org

هو صوفياءِ ڪرام جي اصطلاح جو حوالو ڏيندي ڄاڻائي ٿو" مريد اهو آهي جنهن جو پنهنجو ڪو به ارادو نه هجي،. ان ڪري جيڪو شخص ارادي کان عليحدگي اختيار نٿو ڪري، اهو شخص پاڻ کي مريد نٿو چوائي سگهي. (۱)

حضرت پير سائين جن جو مسلڪ ۽ عقيدو اولياءَ الله سان ارادت ۽ عقيدت جي باري ۾ صاف ظاهر آهي، جيڪو سندن پوئلڳن ۽ عام مسلمانن لاءِ مشعل راهه جي حيثيت رکي ٿو.

قبرن وارن کان مدد طلبڻ جي باري ۾ سندن مسلڪ:

موجوده دور ۾ مسلمان امت جي درميان جهڙي طرح ٻيا سوين اختلاف رونما ٿيا آهن، اهڙي طرح مماتي وارن کي دعا درود ختمو وغيره بخشڻ يا انهن جي وسيلي الله تعاليٰ کان مدد طلب ڪرڻ تي به ملڪ ۾ چؤ طرف لُڙ لڳا پيا آهن. پوءِ جيڪڏهن اهو سلسلو ائين ئي جاري رهيو ته يقيناً اڳتي هلي، هن امت جي اتحاد لاءِ وڏو هاجيڪار ثابت ٿيندو.

ان مسئلي جي اصل حقيقت کي واضح ڪرڻ لاءِ سنڌ جي مايه ناز عالم ۽ عارف بالله بزرگ، حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جو مسلڪ پڙهندڙن آڏو پيش ڪجي ٿو ته جيئن خود پڙهندڙ سنجيدگيءَ ۽ سولائيءَ سان مسئلي جي حقيقت تائين پهچڻ ۾ ڪا به دشواري محسوس نه ڪن.

حضرت جن جي ملفوظات شريف ۾ خليفي محمود رحمةَ الله تعاليٰ عليه کان بيان اچي ٿوته، هڪ دفعي پاڻ ديهه سالار جيڪا هالن جي پر ۾ واقع آهي،اتي نظاماڻي فقيرن جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا، ۽ اتان جي نظاماڻي فقيرن کين عرض ڪيو ته سندن عزيزن جي مقبرن تي دعا فرمائين. حضرت جن انهن جي درخواست کي قبول فرمائي، مقام ڏانهن دعا فرمائڻ لاءِ روانا ٿيا ۽ پهريان شهيدن جي مقبرن ڏانهن هلڻ لڳا. تڏهن فقيرن عرض ڪيو ته قبلا! اسان جي عزيزن جا مقبرا هن طرف آهن. حضرت جن فرمايو ته پهريائين مقام جي صاحب جي زيارت ڪجي. پوءِ پاڻ انهن مقبرن ڏانهن متوجهه ٿيا۽ ڪجهه تلاوت فرمائي، هٿ مبارڪ کڻي ختمو ڏنائون ۽ پوءِ وري ٿوري دير کري بيهر هٿ مبارڪ کڻي دعا گهرائون. جڏهن مقام کان باهر آيا، تڏهن فقيرن

(۱) رساله قشيريه مترجم اردو ص- ۴۰۴

www.maktabah.org

عرض ڪيو تہ قبلا! ٻن پيرن دعا گهرڻ جوڪهڙو سبب هو؟ پاڻ فرمايائون تہ هڪ پيرو ختمي ڏيڻ لاءِ هٽ ڪنياسون ۽ ٻيو پيرو مقبري وارن جي برڪتن طفيل دعا گهرڻ لاءِ هٽ ڪنياسون. خليفو محمود رحمةالله عليه لکي ٿو تہ "مون کي اهل قبر کان دعا گهرڻ جو اعتقاد نہ هوندو هيو، ليڪن سندن ان گفتگو ٻڌڻ کان پوءِ سندن توجهہ سان حق معلوم ٿي ويو."

پاڻ هڪ هنڌ فرمايائون تہ اولياءَ ڪرام جو فيض جيئن سندن حياتي مبارڪ ۾ قائم هوندو آهي، اهڙي طرح سندن رحلت کان پوءِ بہ بدستور قائم رهندو آهي ۽ انهن کان مدد طلبڻ گهرجي. (۱)

حضرت پير سائين جن جي ان ارشاد مان ثابت ٿيو تہ اولياءَ الله ڪرام جا روح بيشڪ مدد فرمائيندا آهن، ۽ پنهنجي تصرف ۽ روحاني قوت سان مدد طلبيندڙن جي مدد ڪندا آهن. ڪن ماڻهن جو اهو عقيدو تہ وفات کان پوءِ اهي بزرگ ڪجهہ بہ نفعو پهچائي نہ ٿا سگهن، اهو عقيدو حضرت جن جي مسلڪ ۽ مشرب جي سراسر خلاف آهي.

ٻئي هنڌ خليفو محمود رحمةالله تعالىٰ عليه فرمائي ٿوتہ عاقل فقير ابڑي نالي، هڪڙو فقير جماعت سان گڏجي درگاهہ شريف آيو ۽ بيمار ٿي پيو ۽ اتي درگاهہ شريف ۾ وفات ڪيائين. آخر سندس ڪفن وغيره کان پوءِ جنهن وقت جنازو تيار ڪيو ويو تہ تڏهن حضرت جن جماعت سان گڏجي جنازي جي نماز پڙهائي ۽ قبرستان گڏجي هليا ۽ دفن بعد حضرت جن لحد جي مٿن کان سورت بقره جو پهريون رڪوع پڙهيو. ان کان پوءِ حضرت جن هٽ مٿي ڪٽي دعا گهري واپس ٿيا. (۲)

مٿين بيان مان صاف ظاهر آهي تہ حضرت جن قبرستان ۾ قبر مٿان ختمو بخشڻ ۽ دعا گهرڻ ڪي جائز ۽ درست ٿي سمجهيائون، ان ڪري ئي تہ قبرستان ۾ بيهي دعا وغيره گهريائون.

اهڙي طرح ٻئي هنڌ ملفوظات ۾ فرمايائون تہ "حضرت سلطان العارفين" بايزيد بسطامي هڪ پيري فرمايو تہ مون کان بعد، گهٽي مدت کان پوءِ خرقان جي شهر ۾ هڪ ٻار پيدا ٿيندو، جيڪو ظاهري ۽ باطني علم منهنجي قبر تان حاصل ڪندو. جڏهن ابوالحسن خرقاني جائو تہ ننڍڙائپ ۾ ئي حضرت سلطان العارفين جي قبر

(۱) ملفوظات شريف مترجم، جلد اول ص ۳۳

(۲) ملفوظات شريف مترجم، جلد چوٿون، ص ۱۴۶

www.maktabah.org

تي اچي ظاهري باطني علم حاصل كيائين (١)

اهڙي طرح، حضرت جن ٻئي هنڌ فرمايو آهي تہ: جيكڏهن كنهن ماڻهوكان ماءُ پيءُ جا حق ادا نہ ٿي سگهيا هجن، ۽ سندس والدين وفات كري ويا هجن تہ ان كي كپي تہ روزانو سندن مقبري تي وڃي زيارت كري ۽ كين ختمو ڏئي تہ الله تعاليٰ جل شانہٗ ان جي ماءُ پيءُ كان سندس سيئي حق بخشرائي ڏيندو. (٢)

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحمة الله تعاليٰ عليه جن جي عقائد جي باري ۾ معلومات كان پوءِ سندن مشرب ۽ عقيدن كي چڱي طرح سمجهڻ ۾ كا بہ دشواري پيش نہ ايندي، بلكہ آساني سان سندن عقيدن كي سمجهي سگهجي ٿو.

اولياءَ الله سان عقيدت:

ياد ركڻ گهرجي تہ مسلمانن جي شاندار ماضي ۾ الله پاك جي نيك بانهن، ولين، بزرگن، صوفين، درويشن، كاملن، عارفن ۽ عالمن جو وڏو حصو آهي. انهن درويشن، بزرگن حضور اكرم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي اسوه حسنہ مطابق پنهنجي زندگي گذاري دنيا جي كنڊ كڙڇ ۾ الله تعاليٰ جو نالو بلند كيو، ۽ دين اسلام جي اشاعت واسطي پنهنجيون زندگيون وقف كري ڇڏيون، ۽ پنهنجي زندگي جو هر لمحو، شريعت پاك تي كاربند رهڻ ۾ صرف كري ڇڏيائون. جن هك نظر سان لكين كتيل قلبن كي نور ۽ روشنائي بخشي، كفر ۽ شرك، جهالت و بدعت جي گمراهي ۽ اونداهيءَ مان كڍي، روشني طرف آندو، ۽ دين اسلام جي نعمت سان سرفراز كري كين جهنم ۽ خواري واري زندگيءَ كان امان ۽ سلامتيءَ طرف ڇكي آندو.

انساني كاميابي ۽ كامراني جي لاءِ رب پاك مختلف وقتن ۾ انبياءِ كرام مبعوث فرمايا ۽ سيني نبين كان پڇاڙيءَ ۾ حضور اكرم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جي ذات مبارك ان سلسلي جي آخري كڙي هئي، جنهن كان پوءِ نبوت جو دروازو هميشہ لاءِ بند ٿي ويو، ۽ رهندي دنيا لاءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جي

(١) ملفوظات شريف مترجم، جلد پنجون، ص- ٢٧٥

(٢) ملفوظات شريف جلد ٻيو، ص٥١

www.maktabah.org

قول،فعل ۽ عمل کي صراط مستقيم قرار ڏنو ويو.

حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي نور ۽ فيض مان جن پرپور فائدو حاصل ڪيو، اهي الله پاڪ جا پيارا ٻانها اصحاب ڪرام ۽ اولياءَ الله هئا ،جن جي سوانح عمرين جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته سندن زندگي جو هر لمحو ياد خدا ۽ ان جي رضا ۾ گذرندو رهيو. ڏينهن جو لکين انسانن کي راهه هدايت جو درس ڏيندا هئا ته رات جو سر سجدي ۾ رکي پنهنجي پالڻهار کي ٻاڏائڻ ۽ عبادت ۾ گذارينداهئا. دنيا جون ڪيترين به تڪليفون ڇو نه سر تي اچي وڃن، ليڪن سندن اطمينان قلب ۾ ذري برابر فرق نه آيو. دنيا ۽ دولت سندن قدمن ۾ قربان ٿيندي هئي، ليڪن فقر محمدي هٿان نه ڇڏيائون. جن ڇاتو، تن پاتو. مگر جن ماڻهن انهن خدا جي ٻانهن کي پاڻ جهڙو سمجهيو ته اهي هر ڇگائيءَ کان محروم رهجي ويا.

حضرت پير سائين جن اهڙن انسانن جي باري ۾ فرمايو آهي ته " هن زماني جا ماڻهو ويساهه نه هجڻ ۽ اولياءَ سڳورن ۽ ڪاملن مرشدن جي بي ادبي ۽ حق بجا نه آڻڻ پاران، فيض وارا نه ٿا ٿين، بلڪ محروم ۽ بي نصيب رهجي ٿا وڃن. (۱)

اهڙي طرح سندن خليفي محمود رحمةَ الله تعاليٰ عليه فرمايو آهي ته "بي ادبي بي نصيبي آهي ۽ طريقت ۾ پهريون شرط ادب آهي، جنهن کي ادب نه هوندو اهو بي نصيب رهندو ۽ ڪيس ڪهه به حاصل نه ٿيندو ۽ بي ادبن جو اڳواڻ شيطان آهي." خليفي صاحب جن اهڙن ماڻهن جي حال تي عجب ڪائيندي وڌيڪ فرمايو ته جيڪي ماڻهو ولين، خدا وارن ۽ نبين جي بي ادبي ڪن ٿا، اهي نادان انسان آهن، ۽ حقيقي انسان هجڻ واري حقيقت کان محروم آهن جو اهي نبين ۽ خدا وارن جي مخالفت رکن ٿا. (۲)

مسلمان قوم جي اها وڏي بدنصيبي آهي جو هو پنهنجي اڪابرن جي باري ۾ صحيح ۽ درست عقيدا ۽ خيالات نه ٿا رکن، نتيجي ۾ بد عقيدگيءَ ۽ بي ادبيءَ اهڙا ته ڪلور ڪيا آهن جو اڄ اسان کي دهريت ۽ الحاد اچي وکوڙيو آهي، ۽ اهو سڀ ڪجهه انهن بدعقيدن جي نتيجي ۾ ظاهر ٿيو آهي. حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن پنهنجي زندگي جو اڪثر حصو ان تعليم ۽ تبليغ ۾ صرف ڪري ڇڏيو ۽ ڪين ولين بزرگن، پلارن جي باري ۾ تر برابر به گستاخي يا

(۱) سراج العاشقين، ص۱۴۴

(۲) ملفوظات مترجم، جلد اول ص ۱۱۱

www.maktabah.org

بي ادبي برداشت کان ٻاهر هوندي هئي، ۽ پنهنجي مريدن، معتقدن کي ان باري ۾ سختي فرمائيندا هئا.

نذر ۽ نياز:

اصل ۾ نذر وغيره باسڻ ۾ کو به شرعي گناهه کونهي، ۽ نه وري اهو غير شرعي فعل آهي، جو ان جي ڪري سان دين ۾ نقصان ٿيندو هجي، بلڪ موجوده دور ۾ عام طور تي اهو ڏٺو وجي ٿو ته عوام الناس جي اڪثريت نذر جي اصل ۽ حقيقي روح کي ڇڏي، غلط ۽ ناجائز طريقي سان نذر وغيره جي رسم پوري ڪرڻ ۾ مبتلا آهي، جنهن جي اصلاح ڪرڻ بهرحال ضروري آهي.

نذر به قسم آهي: هڪ نذر معين (مقرر) ٻيو نذر غير معين (غير مقرر)- نذر معين اهڙي باس کي چئبو آهي، جنهن لاءِ ماڻهو مشروط طور تي کا به شيءِ پاڻ تي لازم ڪري.پوءِ ان شرط جي پوري ٿيڻ سان اها باسيل شيءِ ان ماڻهو مٿان لازم ٿي ويندي. جيڪڏهن ان جي پورائي نه ڪئي ويندي ته گويا ان ماڻهو مٿان قرض رهيل رهندو، جو ته اها شيءِ هن تي لازم نه هئي، بلڪ هن از خود پاڻ تي لازم ڪري ورتي، اهڙي حالت ۾ ان جي پورائي ڪرڻ به لازم ٿي پوندي. ٻيو نذرغير معين جنهن جو مطلب هي آهي ته بغير ڪنهن شرط جي پاڻ مٿان کا شيءِ لازم ڪري ڇڏڻ. ان جو پورائو ڪرڻ به لازمي هوندو آهي. نذر جيڪڏهن غير الله جي لاءِ باسيو ويو. يا مخلوق جي توقير ۽ عزت سببان نذر ڪيو ويو ته پوءِ اهڙو نذر قطعي طور تي ناجائز تصور ڪيو ويندو ۽ عند الله اهو نذر قبول کو نه پوندو، ۽ نه وري ان ماڻهوءَ کي ان جو اجر ملندو. بلڪ اهڙي طريقي سان نذر باسڻ وارو گنهگار ٿيندو.

موجوده دور ۾ جيڪو نذر باسڻ جو رواج عام آهي، ۽ مسلمانن درميان اختلاف جو سبب بنيل آهي. ان اختلاف جي ختم ڪرڻ لاءِ بهتر طريقو اهو آهي ته بجاءِ اختلاف جي، ان جي اصلاح ڪئي وجي ته بهتر آهي. ان جو مثال ان طرح ٿيندو ته جيڪڏهن کو اڻ واقف ۽ گهٽ علم وارو ماڻهو، نماز جي ادائگي صحيح طريقي سان نه ڪري ته اهڙي ماڻهو کي مورڳو نماز پڙهڻ کان روڪيو نه ويندو، بلڪ ان کي نماز جي صحيح ادائگي کان واقف ڪيو ويندو، ان ڪري جيڪڏهن کو ماڻهو نذر غلط طريقي سان باسي، ته ان کي ٻڌائڻ ۽ سمجهائڻ گهرجي ته پنهنجو نذر هن طرح نه، بلڪ هن طرح

www.maktabah.org

باسي. باقي مورڳو نذر کي ناجائز ۽ غير شرعي فعل قرار ڏيڻ صحيح نه آهي، ڇو ته سلف صالحين ۽ فقہ حنفي جي مسلک موجب نذر باسڻ جائز آهي. حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحمۃ الله تعاليٰ عليه جن پنهنجي ملفوظات ۾ مخدوم محمد اسماعيل رحمۃ الله تعاليٰ عليه جن جو هڪ اهڙو واقعو بيان فرمايو آهي. (۱) جنهن مان معلوم ٿو ٿئي ته پاڻ نذر باسڻ کي جائز ۽ مستحب فعل قرار ڏنائون ٿي. ان کان سواءِ ٻي هنڌ مفلوظات شريف ۾ سندن فرمان آهي ته جنهن کي ڪو ڪم يا تڪليف اڳيان اچي ته، رب پاڪ جي درگاهه ۾ نذر ڪري جو اهو ئي مشڪل آسان ڪندڙ آهي. (۲)

نذر بابت حضور ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن کان تمام گهٽيون حديثون منقول آهن، جن مان معلوم ٿو ٿئي ته نذر باسڻ وغيره وارو فعل شرعي ۽ مسنون ڪم آهي، جيئن رسول اڪرم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن فتح مڪي واري ڏينهن، ان اصحابي کي جنهن نذر ڪيو هيو ته جيڪڏهن مڪو فتح ٿيو ته بيت المقدس ۾ نماز پڙهندس پوءِ ان کي فرمايائونس ته اتي وڃي نماز پڙهه. (۳)

اهڙي طرح حضرت پير سائين جن ڪنهن حاجت ۽ ضرورت جي پورائي لاءِ نذر فرمائيندا هئا ۽ پڻ پنهنجي مريدن کي به ان طرح عمل ڪرڻ جي تلقين ٿي فرمايائون.

(۱) ملفوظات شريف مترجم، جلد پنجون، ص ۳۰۰

(۲) ملفوظات شريف مترجم، جلد چوٿون ص ۷۴

(۳) مسند ابي يعليٰ جلد ٻيو، ص- ۴۱۹

www.maktabah.org

فصل ٽيون

تاريخي غلطيءَ جو ازالو

سنڌ جي مطالعي مان هن طرح معلوم ٿيو آهي ته سنڌ جي سدا حيات ڪامل بزرگ، حضرت پير سائين روضي ڏٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن بابت اڄ تائين جيڪي تاريخي ثبوت پيش ٿيندا رهيا آهن، تن مان ڪي جذبات جي شدت جي زير اثر فراهم ڪيا ويا آهن. پوءِ اهي جذبات ڪڏهن مذهبي ڪٽرپڻي، ڪڏهن سياسي تسلط، ڪڏهن سماجي تبديلين جي سببان، ڪڏهن شخصي دشمنين سبب، ڪڏهن ذاتي اثر رسوخ کي عام ڪرڻ بابت، ته ڪڏهن وري ڪنهن شخصيت جي اثر ۽ نفوذ کي زائل بنائڻ جي بهاني سان تاريخ جي منهن تي نقش ٿيندا رهيا آهن. اهڙي قسم جي ليکڪن نه صرف پنهنجي راءِ کي عام انسانن متان ٺاڦڻ، ۽ ذاتي فيصلي ۽ جذبات کي، واقعن جي ضمن ۾ توڙي مروڙي پيش ڪرڻ جي جسارت ڪئي، بلڪ خود تاريخ سان به اهڙي ته تعدي ڪيائون جو اڄ تاريخ جو شاگرد ۽ سچو مؤرخ اهڙي ڪم کي ڪڏهن به سڀني نگاهه سان ڏسڻ ۾ پسند نه ڪندو.

جيڪڏهن ان ڳالهه کي جيئن جو تيئن ڇڏيو وڃي ها، ته شايد اڳتي هلي گذريل متعصبن جي يڪ طرفين لکتين موجب تاريخ ئي غلط رخ اختيار ڪري ڇڏي ها. ان ڪري ان بابت تاريخي تحقيق کان ڪم وٺندي، ماضي جي انهن ڳالهين کي اصلي ترتيب وار رکڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي، ته جيئن اهو ثابت ٿئي ته ماضي ۾ ڇا هيو، ۽ انهن حالتن ۽ واقعن جو پاڻ ۾ ڪهڙو تعلق هو؟ تنهن ڪري ان تاريخي غلطي کي چگيءَ طرح جاچي، چند ڇاڻ ڪري هتي شامل ڪيو ائٽون ته، جيئن پڙهندڙن آڏو اصل حقيقت جي تصوير سامهون اچي ۽ هو خود ان مان اندازو لڳائين ته اصل حقيقت ڇا هئي، ۽ اڄ تائين ان کي ڇا ڪري ٿي پيش ڪيو ويو.

آءٌ جڏهن پنهنجي فرض کي نيائيندي، حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي سوانح حيات لکڻ لاءِ مواد ڪٺو ڪرڻ

www.maktabah.org

لڳس، ته بعض هنڌن تي سندن شخصيت سان لاڳاپيل اهڙيون شهادتون به نظر مان گذريون، جيڪي منهنجي تحقيق جي دائري ۾ وسعت جو سبب بنيون. ان بهاني مون کي محنت زياده ڪرڻي پيئي، ۽ ماضي جي لکتين ۽ انومانن کي پرکڻ ۽ جاچڻ جو پرپور موقعو مليو.

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن، سنڌ سونهاري جي اها جاتل سجاتل، ڪامل اڪمل بزرگ هستي ۽ شخصيت آهي، جو منهنجي طرفان سندن سوانح لکڻ ۽ يا نه لکڻ جي محتاج نه آهي. جيڪڏهن آئون سندن ذات والا صفات تي لکڻ جي ڪوشش نه به ڪيان ها، ته سندن بزرگي ۽ ڪمال ۾ ڪو به نقص يا گهٽتائي واقع نه ٿئي ها، ۽ نه وري منهنجي هنن چند سٽن لکڻ سان ئي حضرت جن جي ذي شرف ۽ شان واري شخصيت ۾ اضافو اچي ويندو. بلڪ مان ته سندن عظيم المرتبت، ذي وقار ذات گراميءَ تي لکڻ، پنهنجي لاءِ سعادت ۽ پنهنجي اخروي نجات جو ذريعو ڄاڻي اهڙو فيصلو ڪيو آهي ته،

منت منه که خدمت سلطان همي کنم
منت ازو شناس که بخدمت گذاشته

حضرت پير سائين روضي ڏٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي زندگيءَ بابت مواد ڪٺي ڪرڻ دوران ،ڪجهه لکتين مان اهو معلوم ٿيو ته حضرت جن ذاتي اجتهاد جي بنياد تي، هڪ ئي وقت ارڙهن(۱۸) ڪان ويهن (۲۰) تائين شاديون ڪيون هيون وغيره وغيره.

اهو ڄاڻڻ بعد، تمام گهڻو تعجب ٿيو، ته سنڌ جي هڪ تمام وڏي مڃيل متشرع بزرگ عالم ڪان اهو ڪم، جيڪو شريعت ۽ قرآني نص جي خلاف آهي، سو ڪيئن صادر ٿيو! جنهن ڪري سندن زندگي بابت وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ جي جستجو ٿي، ۽ آخر ان نتيجي تي پهتس ته: "اَلْمُعَاصِرَةُ تُوْجِبُ الْمُنَافِرَة (همعصري منافرت جو ڪارڻ ٿيندي آهي) ان ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه هيو، جو ڪين ۽ سندن طريقي کي خدا پاڪ جيڪا شهرت ۽ پذيرائي بخشي هئي، ان جي نتيجي ۾ ڪن عالمن کي معاصرانه مخاصمت تحت غلط خيال ۽ وهم پيدا ٿيا، جن ڏانهن اها ڳالهه منسوب ڪري ڇڏي هئي. باقي حقيقت ۾ قطعي طور ائين ڪو نه هيو، جو هڪ ئي وقت چئن شادين ڪان

www.maktabah.org

وڏيڪ کا عورت نڪاح ۾ رکي هُجين.

شاهه شجاع جي سنڌ تي ڪاهه ڪرڻ دوران اٽاريل اعتراض کي وڏي شد مد سان پيش ڪندي، اسان جا مؤرخ اهو ڄاڻائين ٿا ته جڏهن شاهه شجاع سنڌ تي هلان ڪري آيو هو ته ان وقت سنڌ جي حاڪمن، سنڌ جي عالمن کي گڏ ڪري ڏانهنس موڪلڻ چاهيو، ته شاهه شجاع کي وڃي سمجهائين ته خوامخواهه خونريزي نه ڪري، تنهن تي مخدوم محمد عاقل کهڙائي رحمةَ الله تعاليٰ عليه اهو اعتراض ڪيو ته اڳ ۾ مون کي پير سيد محمد راشد کان شرعي پلاند وني ڏيو، جو هُن چئن زالن کان وڌيڪ عورتون نڪاح ۾ رکيون آهن. قصو ڪوتاهه، ان کان پوءِ سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن مخدوم صاحب جن جي خدمت ۾ اچي شرعي پلاند هن طرح ڏيندي بيان ڪري ٻڌايو ته مان حضرت امام حسن جي سنت، شرعي حيلي سان ادا ڪندو آهيان، ۽ پنجين عورت سان تڏهن نڪاح ڪندو آهيان، جڏهن ان کان اڳ، چوٽين کي طلاق ڏيندو آهيان، ۽ ان ڳالهه جا شاهد به موجود هيا، جنهن کان پوءِ مخدوم صاحب ۽ پير صاحب درميان اختلاف ختم ٿي ويو. (۱)

هاڻي ان حقيقت کي ڄاڻڻ بعد، ۽ وفائي صاحب مرحوم جي بيان موجب، اهو معاملو ظاهر ٿي ويو ته مذڪور مخدوم صاحب اصل حقيقت کي معلوم ڪرڻ بعد ٽڏو ٿي ويو. ليڪن اها ڳالهه قطعي طور تي وساريل جوڳي ناهي، ته مٿيون بيان مخدوم محمد عاقل رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي سوانح نگارن سندن تذڪري جي ضمن ۾ شامل ڪري، ان حقيقت کان انڪار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ته حضرت روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن کي شرعي حڪمن جي پاسداري جواونو ڪونه هو، جنهن ڪري ان طرح شاديون رچائيندا رهيا. ليڪن پڙهندڙن جي معلومات ۾ اضافي آڻڻ خاطر اهو بيان ڪرڻ دلچسپيءَ کان خالي ناهي، ته حضرت روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي پوري زندگيءَ جو نقشو جيڪو سندن ملفوظات شريف ۽ مڪتوبات شريف جي روشنيءَ آئيني جيان اسان جي آڏو آهي، ان ۾ سندن حياتيءَ جو ڪوبه هڪڙو اهڙو لمحو نه هيو، جيڪو شريعت پاڪ جي خلاف هجي، يا سنت رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جي ابترڙ هجي، بلڪ سندن هر ڪم يا عمل شريعت مطهره ۽ سنت نبوي عليه الصلواة والسلام جي

(۱) تذڪره مشاهير سنڌ، جلد ۲ ص۱۷۶

www.maktabah.org

عين مطابق هيو، پوءِ اهڙي ولي الله لاءِ جنهن جو هر هر عمل، ۽ هر هڪ قدم، سنت ۽ شريعت پاڪ جي عملن تي ايڏي ته خبرداريءَ سان صرف ٿيو جو عقل حيران رهجيو وڃي، ته پوءِ اهڙي نيڪ سيرت، شريعت جي اتم مظهر، ۽ سنت پاڪ جي اعليٰ متابعت ڪندڙ بزرگ هستيءَ لاءِ بالواسطه يا بلا واسطه اهڙين ڳالهين کي گهڙي پيش ڪرڻ تاريخي اعتبار سان وڏي بددياڻتي آهي.

شاهه شجاع جي آمد جو واقعو ته ملفوظات شريف حضرت روضي ڏٽي رحمةَ الله تعالىٰ عليه ۾ پڻ مذڪور آهي. مگر ان هنڌ ته ڪابه اهڙي ڳالهه لکيل ڪانهي، جنهن مان مخدوم محمد عاقل جو متن اعتراض ڪرڻ جو پتو پوي.

ملفوظات ۾ شاهه شجاع جي آمد جو جيڪو تذڪرو لکيل آهي، ان مان ته حضرت جن جي فقر محمدي جي اعليٰ نموني ۽ مثال جو پتو پوي ٿو. پوءِ اسان جي محترم ليکڪن کي ڪيئن ان قصي جي ضمن ۾ انيءَ مان وار ڪيڏ جو خيال دل ۾ پيدا ٿيو. حالانڪ جيڪڏهن ان دوران کو به اهڙو مڪالمو ٿئي ها ته ضرور ان جو تذڪرو اشاري يا ڪنايي سان ملفوظات شريف ۾ اچڻ گهرجي ها. ليڪن قطعي طور تي حضرت جن جي ملفوظات شريف ۾ شاهه شجاع جي آمد دوران اهڙو ڏس ڪونه ٿو ملي، جنهن مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ته واقعي ان وقت مخدوم محمد عاقل رحمةَ الله عليه، حضرت جن تي ڪو اهڙو اعتراض ڪيو هجي.

حقيقت ۾ حضرت جن جو شاهه شجاع جهڙي خونخوار ظالم لٽيري کي سواءِ ڪشت و خون جي واپس ورائڻ وارو عمل، سنڌين ۽ سنڌ تي ايڏو ته عظيم احسان آهي، جنهن جو احسان لاهڻ ته پري رهيو، ليڪن بيان ڪرڻ کان بالا ۽ برتر آهي. ليڪن اسان جي مؤرخن سندن ان احسان چڪائڻ لاءِ اهوئي طريقو موزون سمجهيو جو متن اهڙو اعتراض اثاريائون.

ان کان سواءِ حضرت جن تي ان دور ۾ ڪن بزرگن طرفان خواه مخواه ناراضگي جا اهجاڻ پڻ معلوم ٿيا آهن. جن مان معلوم ٿو ٿئي ته، انهن بزرگن جي ڪٽرپڻي ايتري حد تائين وڌيل هئي جو اصل حقيقت کان نابري واري، پنهنجي اندر جي جر کي مقدم ٿي جاتائون. حالانڪ حقيقت ۾ هيو ته ڪجهه به ڪونه، ليڪن پوءِ به منجهن معاصرانه جذبات جي شدت، ايتري حد تائين وڌيل هئي جو، ادبِ سيادت به ملحوظ نه رکيائون.

www.maktabah.org

۽ اهو پڻ معلوم ٿيو آهي ته حضرت مخدوم محمد عاقل رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن شروعاتي دور ۾ حد درجي کان وڌيڪ متن خار کائيندو هيو. ايتري حد تائين جو کيترا دفعا سندن مريدن ۽ معتقدن کي خواهه مخواه ماريٽ ڪرائڻ، زير بار ڪرائڻ، کين سزائون ۽ تعزير وغيره ڏيڻ کان به ڪونه مڙيو. هڪ طرف مخدوم صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جو ساٿن ۽ سندن جماعت سان اهو رويو هلندو ٿي آئيو ته، ٻئي طرف حضرت پير سائين روضي وارن جي عظيم اخلاق جو پتو ان مان پوي ٿو ته، حضرت جن هڪ هنڌ مغرب نماز پي پڙهائي. جڏهن ٽئين رڪعت شروع فرمايائون ته مخدوم محمد عاقل رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن اچانڪ ان مسجد ۾ اچي ويو، ۽ حضرت جن جي پٺيان نماز پڙهڻ بدران پنهنجي منهن اڪيلي سر نماز پڙهڻ ۾ مشغول ٿي ويو، ۽ جلدي جلدي نماز پوري ڪري پنهنجي منزل گاهه ڏانهن اوطاق تي هليو ويو. حضرت جن سنتن ۽ نفلن جي ادائگي بعد مخدوم محمد عاقل رحمةَ الله تعاليٰ عليه سان ملاقات ڪرڻ ۽ کين هٽ ڏيڻ جي ارادي سان هلي ويا ۽ ساٿس روبرو ملاقات ڪيائون، ليڪن سندن اچڻ، مخدوم صاحب کي ناگوار لڳو. جنهن ڪري مخدوم صاحب کين واپس وڃڻ جي اجازت ڏني، جنهن مان فقيرن ۽ حاضرين مخدوم صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي ساٿن بي رخي جو بخوبي اندازو لڳائي کين عرض ڪيو ته قبلا! مخدوم صاحب جي منهن ڦيرائڻ باوجود (اوهان) ساٿس ايتري رضامندي ڇا لاءِ فرمايَوَ، تڏهن پاڻ جواب ۾ فرمايائون ته هر هڪ سان چڱائي ڪرڻ گهرجي(۱)

ان مان معلوم ٿيو ته مخدوم صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه شروع ۾ حضرت پير سائين رحمةَ الله تعاليٰ عليه سان دلي لاڙو ۽ ميلان ڪونه رکندو هيو. حالانڪ هر پيري حضرت جن سندن عزت ۽ احترام حد کان زياده فرمائيندا هئا.

اهڙي ريت ملفوظات شريف ۾ هڪ ٻيو نقل مذڪور آهي ته "هڪ دفعو مخدوم محمد عاقل رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن رحيم ڏني ڪلهوڙي(پراڻي درگاهه شريف) کان اوپر طرف مهمان ٿيو، حضرت جن، مخدوم صاحب سان ملاقات ڪرڻ لاءِ گهٽي مفاصلي جي باوجود اوڏانهن تشريف وٺي ويا،۽ مخدوم صاحب سان ملاقات ۽ ڪچهري ڪرڻ بعد واپس ٿيا. موڪلائڻ دوران مخدوم صاحب پنهنجي بستري تان چريوئي ڪونه، ۽ اتي ويٺي ويٺي کائون موڪلايائين. پاڻ مخدوم صاحب کي فرمايائون

(۱) ملفوظات شريف جلد ۵ ص ۳۵۷

www.maktabah.org

تہ اسان توهان کي دوبارو رخصت ڪرڻ لاءِ ايندا سين. هوڏانهن مخدوم صاحب، حضرت جن کي بغير اطلاع ڪرڻ جي کهڙين روانو ٿي ويو. حضرت جن کي جڏهن مخدوم صاحب جي وڃڻ جو اطلاع مليو. تڏهن هڪ فقير کي مخدوم صاحب جي پويان ڊوڙايائون، تہ وڃ مخدوم صاحب کي رستي تي روڪ، جو اسان کائون موڪلائڻ خاطر حاضر ٿيون ٿا، ۽ جيڪڏهن مخدوم صاحب اسان جي موڪلائڻ بغير هليو ويو تہ پوءِ اسان کي کائونس موڪلائڻ لاءِ کهڙين وڃڻو پوندو. ان ڪري پڇي وڃي مخدوم صاحب کي روڪ، اهڙي طرح اهو حضرت جن جو مريد ڊوڙندو وڃي مخدوم صاحب سان رستي تي ملاقي ٿيو، ۽ کين حضرت جن جو پيغام ڏنائين، ۽ اهو پڻ کين چيائين تہ حضرت جن فرمايو آهي تہ جيڪڏهن اتي اسان کان نہ موڪلائيندؤ، تہ پوءِ اسان کي اوهان کان موڪلائڻ لاءِ اوهان جي شهر کهڙين اچڻو پوندو. تڏهن مخدوم صاحب مجبوراً اتي بيهي رهيو، ۽ حضرت جن به پوئتان اچي کيس پهتا. ان دوران مخدوم صاحب جن جيئن گهوڙي تي سوار هئا تہ اتي ئي حضرت جن کان بيٺي موڪلايائون ۽ گهوڙي کان هيٺ به نہ لٿا، ۽ حضرت جن کائونس موڪلائڻ بعد درگاهہ ڏانهن روانا ٿي ويا (۱)

مذڪور واقعي کي ڇاڻڻ بعد حيرت جي حد ئي ڪانہ ٿي رهي، جو حضرت پير سائين روضي ڏڻي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي مخدوم صاحب سان ايتري محبت هئي، جو کائنس موڪلائڻ لاءِ ڪوهين پيرين پيادو پنڌ ڪري، صرف رخصت ڪرڻ لاءِ تشريف وني ويا. ٻئي طرف مخدوم صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي ٻي رخي ۽ ٻي مروتي جي به انتها ٿي ويئي، جو کائن موڪلائڻ وقت گهوڙي تي ئي بيٺي بيٺي موڪلائي روانو ٿيو. مخدوم صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جوهڪ طرف، حضرت جن سان اهڙو رويو هيو، تہ ٻئي طرف حضرت جن جو، مخدوم صاحب جن جي باري ۾ هي اخلاق محمدي هو.

انهن سيني واقعن کي هتي بيان ڪرڻ جو مقصد صرف اهوآهي تہ جيئن مخدوم محمد عاقل رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن طرفان ساڻن بي رغبتي ۽ دلي طور تي نہ ٿهڻ جو اندازو لڳائي، مٿن ناراضپي جو سبب معلوم ڪرڻ ۾ دقت محسوس نہ ٿئي.

شاهہ شجاع کي سمجهائڻ دوران حضرت جن جي مٿان اهڙو اعتراض ڪرڻ به بعيد ڪونہ پائنجي، ليڪن انهن سيني واقعن کي ڇاڻڻ بعد مخدوم

(۱) ملفوظات مترجم جلد ۵ ص۳۵۹

www.maktabah.org

صاحب رحمۃ اللہ تعالیٰ علیه جي حضرت جن سان شروعاتي دور ۾ بي رخي ۽ بي اعتنائي به حد کان ٽپيل معلوم ٿئي ٿي. ليڪن انهن سيني ڳالهين کان قطع نظر، حضرت جن طرف ان ڳالهه کي سواءِ کنهن تحقيق ۽ تفتيش جي منسوب ڪري ڇڏڻ ته "هڪ ئي وقت ڇئن زالن کان وڌيڪ عورتون نڪاح ۾ رکيو ويٺو هو." ظلم نه هيو ته ٻيو ڇا هيو؟ جڏهن ته قرآن شريف جو حڪم آهي ته هر هڪ مؤمن پاڻ ۾ چگو گمان رکڻ گهرجي. ليڪن چگو گمان ڪرڻ ته پري رهيو، انڪلندو ڪين اهڙي غير شرعي فعل سان تهمت هڻي، سندن بي مثال زندگيءَ کي داغدار بنائڻ وارو فعل خيانت ۽ بددياڻتي نه آهي ته ٻيو ڇا آهي؟

حضرت جن تي ان دور ۾ اهڙي طرح کار ڪائڻ وارن مان،ٻين بزرگن جا نالا،جن مان مخدوم محمد ابراهيم ٽٽوي رحمۃ اللہ تعالیٰ علیه، ۽ مخدوم محمد عثمان مٽيارين واري جونالو به سرفهرست آهي،جن لاءِ اهو مشهور آهي ته انهن بزرگن به حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمۃ اللہ تعالیٰ علیه جي خلاف پنهنجي قلم جي زور کي آزمايو. ليڪن ان سان گڏوگڏ اهو به معلوم ٿيو اهي ته اهي مذڪوره ٻئي بزرگ هڪ ٻئي تي ايترو ته ڪاوڙيل هئا، جو بنهه ادب ۽ اخلاق جون حدون لتاڙي وڃي پار پهتا هئا، ۽ هڪ ٻئي کي دين اسلام مان خارج ٿيڻ تائين فتوائون لکندي به ڪونه ڪيڪايائون(۱)

ته پوءِ انهن جي تيز قلم جي نوڪ کان، سڏ جو سدا حيات ڪامل اڪمل ولي الله حضرت روضي ڈٹي رحمۃ اللہ تعالیٰ علیه ڪيئن بچي سگهيو ٿي؟

صرف مٽيان بزرگ ئي نه هئا جن حضرت جن ۽ سندس جماعت کي پنهنجي قلم جي زهريلي نوڪ سان ڏنگيو، بلڪ ان ڏس ۾ اهڙن ماڻهن جو ساڻ جهجهي انداز ۾ معلوم ٿيو آهي، جيڪي هروپرو، هر وقت، خواه مخواه حضرت جن ۽ سندن جماعت تي چٽرون ڪرڻ، ڪين تنگ ڪرڻ، مٽن ٽوڪ ٺٺوليون ڪرڻ، اٽڪ ويهڻ تي اعتراض وغيره ڪرڻ کان ڪونه مرندا هئا.

سندن ملفوظات شريف ۾ مذڪور آهي ته "هڪ دفعو حضرت جن جو هڪ مريد مخدوم محمد ابراهيم ٽٽوي جي ڪچهري ۾ وڃي نڪتو، ۽ اتي ڏٺائين ته مخدوم صاحب ۽ سندس صحبتي حضرت جن جي طريقي ۽ جماعت تي ٽوڪون ۽ چٽرون پيا ڪن. ان وقت مخدوم صاحب، حضرت جن جي ان مريد کي چيو ته افسوس آهي جو تون علم وارو ٿي ڪري، اهڙي جماعت ۾ داخل ٿيو آهين، جيڪا اوباشن وانگي آهي، ۽ علم

(۱) الرحيم مشاهير نمبر ص۳۰

www.maktabah.org

وارن جو ادب نہ ڪندي آهي. پر جيڪڏهن تون اسان جي سلسلي ۾ داخل ٿئين تہ اسان تنهنجي وڏي عزت ۽ احترام ڪنداسون، ۽ پڻ جماعت جو خليفو مقرر ڪنداسين. تنهن تي ان صادق سچي يقين واري مريد کي ڏاڍي مٺيان لڳي ۽ ڏڪ بہ ٿيس، جو مخدوم صاحب جهڙي هڪ عالم بزرگ کان حضرت جن جي جماعت خلاف اهڙا نازيبا لفظ ٻڌائين. تڏهن اهو فقير ٽڏو ساهہ ڪڍي زارو قطار روئڻ لڳو. جنهن ڪري مخدوم صاحب ۽ سندس صحبتين کي حضرت جن جي اهڙي سچي عقيدت واري مريد کي ائين روئندي ڏسي شرم اچي ويو ۽ سندن ڪنڌ هيٺ ٿيا ويا. (۱)

حضرت پير سائين روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي جماعت جي باري ۾ مخدوم محمد ابراهيم رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي مٿين تاثرات ڇاڪاڻ بعد، حضرت جن جي ملفوظات شريف مان هڪ نقل بيان ڪجي ٿو.

جامع ملفوظات رحمةَ الله تعاليٰ عليه لکيو آهي تہ، هڪ ڏينهن فقيرن مان ڪنهن فقير حضرت جن جي حضور ۾ ڳالهيون ڪندي وچ ۾ مخدوم محمد هاشم رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جو نالو، صرف هاشم ڪري ورتو. حضرت جن اهو لفظ ٻڌي جوش ۾ اچي فرمايائونس تہ جيڪو پنهنجي ديني پاءُ جو تعظيم سان نالو نہ وٺندو، اهو الله تعاليٰ کان عزت جي ڪهڙي اميد رکندو، ۽ ان دوران پاڻ حضرت مخدوم صاحب جن جي نالي کي عزت سان بيان ڪرڻ جي تلقين فرمايائون. (۲)

هاڻي اهو سوال پيدا ٿو ٿئي تہ ڇا حضرت جن جي جماعت سندن فيض ۽ اثر کي قبول نہ ڪيو؟ جو مخدوم محمد ابراهيم رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي مٿين قول مطابق، سندن جماعت علم وارن جوادب نہ ڪندي هئي؟!

ان بابت ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو اقتباس پيش ڪجي ٿو، جيڪو پنهنجي ڪتاب (خليفي صاحب جي رسالي) جي مقدمي ۾ لکيو اٿائين. جناب محترم ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو تہ "ان وقت سنڌ جي برگزيدي ۽ با شرع عالم، ۽ سنڌ ۾ قادري طريقي جي علمبردار ۽ اهل دل ولي، جناب حضرت پير صاحب محمد راشد رحمةَ الله تعاليٰ عليه عرف روضي ڏٽي جي فيض جي پالوٽ هئي. هزارين ماڻهو سندس مريديءَ جي حلقي ۾ داخل ٿي رهيا هئا. سوين سندس تلقين سان شرع اسلام جي رنگ ۾ رنگجي ويا هئا، ۽ ڪيترائي عالم درويش سندس خلافت جو خرقو ڍڪي صاحب فيض

(۱) ملفوظات مترجم جلد ۴ ص۲۴ (۲) ملفوظات مترجم جلد ۵ ص۳۵۸

www.maktabah.org

بنجي چڪا هئا (۱)

جناب ڈاڪٽر بلوچ صاحب جي متين بيان کي ذهن ۾ رکڻ کان پوءِ مسئلو خود بخود ظاهر ٿي وڃي ٿو، ته حضرت روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن، جيئن ته پاڻ به چوڻيءَ جا عالم ۽ کامل اکمل ولي الله هئا، اهڙيءَ طرح سندن فيض يافته خليفن ،مريدن ۽ معتقدن جو به ساڳيو حال هيو. جيڪي ظاهري توڙي باطني علمن سان سينگاريل ۽ مالامال ٿيل هئا، ۽ حضرت روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي حلقهٔ ارادت ۾ عالم،عارف به شامل هئا. پوءِ اهو کيئن ممکن ٿي سگهي ٿو جو اهي عالم، علم وارن جي عزت نه ڪن؟ تنهن ڪري حضرت مخدوم محمد ابراهيم رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي متئين مفروضي کي صاحب علم ۽ عقل وارو ڪڏهن به قبول نه ڪندو. ڇوته حضرت جن جا سيئي خليفا، مريد ۽ معتقد صاحب علم ۽ فيض وارا هئا. پوءِ ڪهڙي طرح علم وارن جي عزت نه ڪندا هيا؟ ان ڪري مخدوم صاحب جن جو، حضرت جن جي مريدن کي صلاح ۽ مشوري ڈيڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته شايد کين پنهنجي حلقهٔ ارادت ۾ ماڻهن جي ڪمي محسوس پي ٿي، جو تڏهن حضرت جن جي سچي صادق مريد کي پنهنجي سلسلي ۾ داخل ٿيڻ جي دعوت ٿي ڏنائين. صرف داخل طريقت ٿيڻ ۽ تلقين حاصل ڪرڻ ئي ان لاءِ ڪافي نه سمجهيائين. بلڪ کيس خلافت ڈيڻ جي بهاني به حضرت جن کان متنفر بنائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪيائين، ليڪن:

ايـن سعـادت بـزور بـازو نيسـت
تـا نـه بخشـد خدائـے بخشنـده

نه صرف ايترو، بلڪ مذڪور مخدوم صاحب جن کهڙائي مخدومن وانگر حضرت جن جي خلاف هڪ فتويٰ (جيڪا ڪتاب متانت ۾ علامه قاسمي صاحب جن محفوظ ڪري ڇڏي آهي) به لکي هئي، جيڪا ڇئن زالن کان وڌيڪ عورتن سان نڪاح ڪرڻ جي عدم جواز بابت آهي. توڙي جو ان فتويٰ ۾ مخدوم صاحب جن ڪنهن جو به نالو ڪونه لکيو آهي. ليڪن بقول علامه قاسمي صاحب جن جي ته مذڪوره فتويٰ مخدوم صاحب جن، حضرت پير سائينءَ جن جي خلاف لکي هئي، ۽ نالو ان ڪري نه لکيائين جو ان وقت حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جا امير، بلوچ، مريد ۽ معتقد هيا. تنهن ڪري ڪنهن تصادم کان بچڻ خاطر مخدوم صاحب جن نالو نه لکيو هوندو.

(۱) خليفي صاحب جو رسالو،ص ۱۵

www.maktabah.org

جيئن اڳ ۾ ئي واضح ٿي چڪو آهي ته مذڪوره مخدوم صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن،۽ کهڙائي بزرگ، حضرت جن جي صرف معاصرانه جذبي تحت مخالفت ڪرڻ تي ڪمر بسته هيا، حالانڪ هيو ڪجهه به ڪو نه، ليڪن پوءِ به انهن بزرگن،حضرت جن تي اجايون تهمتون ۽ بهتان گهڙي منسوب ڪري ڇڏيا هيا، ۽ هميشه تاڪ ۾ هوندا هيا ته ڪا اهڙي ڳالهه ملي، جنهن کي بنياد بنائي حضرت جن ۽ سندن طريقي ۽ جماعت خلاف واويلا مچائي سندن شهرت، اثر ۽ پذيرائي کي ختم ڪجي.

ساڳي ريت ملفوظات شريف ۾ ٻئي هنڌ مذڪور آهي ته "هڪ لغاري قوم جو فقير درگاهه مبارڪ ڏانهن آيو ٿي. جڏهن کهڙن جي شهر ۾ پهتو، ته ڪيس معلوم ٿيو ته حضرت پير سائين جن سفر تي ويل آهن، تڏهن اتي ڪنهن شخص کان پڇيائين ته اسان جو امام ڪهڙي طرف سفر تي ويو آهي؟ جڏهن اها ڳالهه کهڙائي مخدومن جي ڪنين پهتي، ته انهن فتوائون لکيون، ته حضرت روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جا مريد کين امام ٿا ڪونين، جيڪو شريعت جي خلاف ۽ ناجائز آهي. اهڙي طرح انهن آسپاس جي مولوين ۽ عالمن کان ان فتويٰ تي تصديق ڪرائي. جڏهن مخدوم عبدالواحد سيوستاني ڏانهن تصديق ڪرڻ لاءِ موڪليائون ته مخدوم سيوستاني رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن ان فتويٰ تي تصديق ڪرڻ بدران مٿس پنهنجو اختلافي نوٽ لکي موڪليو، جيڪو انهن جي لکيل فتويٰ جي سراسر خلاف ۽ حضرت جن جي مريدن جي قول جي تائيد ۽ تصديق ۾ هيو."(۱)

جنهن بعد اهي سڳورا وڏيڪ شور ۽ واويلا ڪرڻ کان خاموش رهجي ويا. هڪ طرف مذڪوره بزرگن جو اهو طريقو هيو، ته ٻئي طرف حضرت جن جو پنهنجي مريدن ۽ معتقدن کي، تمام اهل علم ۽ طريقت وارن بزرگن جو دل سان ادب ڪرڻ ۽ عزت ڪرڻ لاءِ سخت تاڪيد هوندو هيو. ان ڏس ۾ حضرت جن جو انون مڪتوب مبارڪ سندن طريقي جو آئينو آهي. جنهن جي پڙهڻ بعد اکيون ڪلي ٿيون وڃن ته ڪنهن به عام مسلمان لاءِ بدگماني ڪرڻ ڪيڏو ته عظيم گناهه آهي. ليڪن هنن بزرگن ته مٿن تهمت ۽ بهتان بازي ۾ ڪابه ڪسر ڪانه ڇڏي. جيڪڏهن سندن طريقي ۽ ذاتي فعل ۽ عمل ۾ شريعت ۽ سنت پاڪ جي خلاف تر جيترو به ڪو حصو هجي ها، ته پوءِ ان وقت نعمان ثاني "سنڌ جو ابو حنيفو" حضرت مخدوم عبدالواحد سيوستاني ڇو چپ رهيو؟ ليڪن انهن

(۱) ملفوظات جلد ۵ ص۴۰۸

www.maktabah.org

سيني ڳالهين جو سهڻو جواب علامه قاسمي صاحب جن، ڪتاب دليل الايمان وارشاد الطالبين جي مؤلف جي جواب ۾، الرحيم مشاهير نمبر ۾ ڏيئي چڏيو آهي! ارشاد الطالبين واري مصنف به حضرت روضي ڏٽي رحمة الله تعالىٰ عليه جي خلاف لکڻ ۾ پاڻ موکيو آهي.

علامه قاسمي صاحب جن مذکوره مصنف جو حوالو، ۽ ان بعد مٿس فٽ نوٽ، جيکو لکيو آهي سو به درج ڪجي ٿو، ته جيئن پراڻي دور کان وٺي حضرت جن خلاف هلايل مهم جو پتو پوي، ۽ اها به خبر آشکار ٿئي ته منفي سوچ رکندڙن جو کهڙو حال هيو، ۽ مثبت انداز بيان ڪرڻ وارن کهڙي طرح انهن جو رد ڪيو.

هت ارشاد الطالبين جو اقتباس پيش ڪجي ٿو، جيکو هن طرح آهي ته "اهو سيد سڳورو علم فيض ۽ برڪت جو صاحب آهي. سندس مريد تمام گهڻا آهن. پنهنجي مريدن کي تهليل لا اله الا الله پڙهڻ جي اجازت ڏيندو هو. سندس مريدن کي کلمي جو ذڪر ڪندي فيض حاصل آهي. سندس هزارين مريدن آهن. اڪثر ستن اٺن سالن کان مريدن جو ارشاد شروع ڪيائين. انهن مريدن مان ڪو هڪ به جيکو ڪشف ۽ ڪرامت جو مالڪ ۽ واصل بالله ٿيو هجي، سو اڃان تائين هڏڻ ۾ نه آيو آهي. باقي انهن کي ذڪر الاهي کان فيض ۽ فائدو پهتو آهي. سندن مريدن مان خليفي نالي سان کي ٻڌجن ٿا، پر انهن جي کابه کاني ڪرامت ۽ ڪشف اصل ڏسڻ ۾ نه آيو آهي. ڳالهه ٿا ڪن ته پير صاحب سورت ياسين جو عامل هيو، جيکو سورت ياسين جو عامل هوندو آهي، ان وٽ رجوعات گهڻي ٿيندي آهي. پاڻ گهڻيون زالون نڪاح ۾ آندائون، جڏهن ته شريعت ۾ مرد کي چئن زالن کان وڌيڪ جائز نه آهي. ان ڪري صاحب شريعت جا فقيهه عالم انهي فعل کي غير شرعي سڏين ٿا. هوڏانهن پاڻ به عالم هو. سندس مقبرو روهڙي ضلع ۾ واقع آهي ۽ سندن طريقو قادري آهي(۱)

مٿين حقيقت جي باري ۾ علامه قاسمي صاحب ساڳي هنڌ جيکو فٽ نوٽ لکيو. سو هن طرح آهي: "بزرگن ۽ اهل الله سان هر دور ۾ گهڻو ڪري ظاهري عالمن جو اختلاف رهيو آهي، ۽ ائين به ٿيو آهي ته هڪڙي طريقي جا ڪي مريد

(۱) حوالو دليل الايمان ۽ ارشاد الطالبين جو ورتل، سہ ماهي الرحيم سال ۱۹۶۶ تان، ڪتاب نمبر ۳ ص۴۹

www.maktabah.org

ٻئي طريقي وارن کي پاڻ کان گهٽ ڄاڻندا آهن. اهوئي سبب آهي جو مٿين کتابن ۾ پير صاحب روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي باري ۾، مؤلفن مخالفت کان متاثر ٿي ڪري اها راءِ پيش ڪئي آهي(۱)

هن هنڌ اسان ارشاد الطالبين واري مصنف جو قول، ۽ علامه قاسمي صاحب جن جي راءِ بہ لکي اٽڪون، هاڻي فيصلو پڙهندڙن تي ڇڏيو ٿو وڃي تہ هو خود ان مان اندازو لڳائين. هو بزرگ ساڳي ساڳي هنڌ پاڻ بيان ڪري وري ان جو انڪار ڪري ٿو، وري دوباره اقرار ڪندي انڪاري معلوم ٿئي ٿو. شروع ۾ لکي ٿو تہ سندن مريدن کي فيض حاصل آهي، وري ٿورو اڳتي هلي فرمائي ٿو تہ انهن ۾ کابہ ڪاني ڪرامت ۽ ڪشف اصل ڏسڻ ۾ نہ آيو. وري لکي ٿو تہ چئن زالن کان وڌيڪ عورتون نڪاح ۾ رکيائين. ساڳي هنڌ وري رقمطراز آهي تہ هوڏانهن پاڻ عالم هيو وغيره وغيره. پائنجي ٿو تہ ان بزرگ کي بہ حضرت جن سان ڪا اهڙي محبت هئي، جو تعريف ڪندي وري ابتيون سبتيون ڳالهيون ڪري وڃي ٿو.

حضرت روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي باري ۾ کهڙاين ۽ نٽي وارن کان علاوه، مٽياري وارن مخدومن مان ميان محمد عثمان رحمةَ الله تعاليٰ عليه بہ پاڳي پائيوار ٿيو، ۽ وري ان جي تائيد مولانا دين محمد وفائي مرحوم بہ ڪئي.

مرحوم وفائي صاحب، مخدوم محمد عثمان جي تذڪره ۾ لکي ٿو تہ، قادري طريقي جي تجديد ڪندڙ ۽ راشديہ طريقي جي باني، جناب سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه، مخدوم مذڪور جو همعصر هيو. پير صاحب ڪشفي يا الهامي اجازت سان چئن کان وڌيڪ شاديون ڪيون هيون. وقت جي عالمن سندس انهيءَ ڪر تي بہ مخالفت ڪئي هئي، تن مان ٻين سان گڏ مخدوم عثمان بہ آهي(۲)

مذڪور مخدوم صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه بہ سواءِ تحقيق جي حضرت جن جي خلاف فتويٰ ڏني هئي. ليڪن ان بزرگ جي لاءِ ڪو بعيد ڪونہ هيو، ڇوجو موصوف بزرگ فتويٰ لکڻ، ۽ بحث مباحثي ڪرڻ جي باري ۾ ان حد تائين شوقين هيو جو ڪڏهن ڪو هندو يا غير مسلم، مسلمان کي پاءُ ڇوندو هيو تہ زور ۽ زبردستيءَ سان ان

(۱) (حوالو دليل الايمان ۽ ارشاد الطالبين جو) ورتل سہ ماهي الرحيم تان ص۴۹ سال ۱۹۶۶ع ڪتاب ۴

(۲) تذڪره مشاهير سنڌ پاڳو پهريون ص ۲۰۲

www.maktabah.org

کي مسلمان بڻائڻ جي کوشش کندو هيو. مٹيارين جو موت ويندي جي ويرَ، وارو پهاڪو به انهيءَ بزرگ جي ڪري مشهور ٿيو. حالانڪ رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي زماني کان وڃي سلف صالحين جي دور تائين ڪابه اهڙي شاهدي يا ثبوت ڪونه ٿو ملي جنهن مان مخدوم محمد عثمان رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي ان فعل جي، ان طريقي سان تائيد ٿئي.

ان کان سواءِ، اهو متعلوي بزرگ مخدوم عبدالواحد سيوستاني رحمةَ الله تعاليٰ عليه ۽ مخدوم محمد ابراهيم رحمةَ الله تعاليٰ عليه سان هميشه بحث مباحثن ۽ رد ڪدن ۾ مصروف هوندو هيو(۱)

مخدوم محمد ابراهيم ٽٽوي رحمةَ الله تعاليٰ عليه، ۽ مخدوم محمد عثمان متعلوي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جَادِلْهُمْ بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ واري فرمان کي پٺيءَ پويان اڇلائي، هڪ ٻئي کي گار گند ڏيڻ کان علاوه ڪفر جي فتويٰ ڏيڻ کان به ڪونه ڪيٻايو. ان ڪري ان سمجهڻ ۾ ڪابه دقت محسوس ڪانه ٿي ٿئي ته حضرت مخدوم محمد عثمان رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن، جنهن کي هميشه فتويٰ نويسي جو شوق دامنگير هوندو هيو، تنهن ڪري ان جي قلم جي زد کان حضرت پير سائين روضي ڏٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه به بچي نه سگهيو. ليڪن ان کان وڌيڪ عجب ته مولانا دين محمد وفائي مرحوم جو ٿئي ٿو، جنهن پنهنجي پراڻن بزرگن جي همنوائي جي هام پريندي، ان الزام کي قلم بند ڪرڻ وقت ڪابه هڪ محسوس ڪانه ڪئي. پر جيڪڏهن مرحوم وفائي صاحب، حضرت پير سائين روضي ڏٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي ملفوظات جو مطالعو ڪري ها ته ڪڏهن به ڪائونس اها تاريخي غلطي سرزد نه ٿئي ها.

حالانڪ ٽيڻ ائين ڪپندو هيو، جو وفائي صاحب تحقيق جا سڀ طريقا استعمال ڪندي ان حقيقت جي چند چاڻ ڪري ها.

حضرت پير سائين روضي ڏٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن سان، شروع کان وڃي ٻين ڪيترين ديسي شخصيتن جو به اهو رويو رهيو آهي. سندن ملفوظات شريف ۾ هڪ هنڌ خليفي لقمان کان منقول آهي ته هيڪر حضرت پير سائين روضي ڏٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن فرمايو ته، لوءِ (گهوٽڪي) جي ساداتن بزرگن اسان ڏي پيغام چوائي موڪليو ته توکي هڪڙي ڪونجي هٿ آئي آهي ته انهيءَ تي وڃي هيڏا جوش ۽ شورش دنيا ۾ ڪڙا ڪيا اٿئي، ۽ اسان وٽ مٽ پريا رکيا آهن ته به ڪو غوغاءُ ڪونهي. پاڻ ان سيد سڳوري ڏانهن جواب ۾ چوائي موڪليائون ته اسان

(۱) الرحيم مشاهير نمبر ص۲۲

www.maktabah.org

کي جيڪا ننڍڙي کونجي ڏني اٽن، سا حضرت پيغمبر رسول کريم صلي الله عليه وسلم جن جي امت ۾ لکائي کانه رکنداسون، بلڪ خدا جي خلق تي ايثار، يعني بخشش پيا کريون. باقي مٽ جيڪي پريا کنڊ ۾ رکيا هوندا، ۽ کنهن کي اتان نفع نه پهتو، ته اهڙا بي سود مٽ جهڙا آهن تهڙا نه (۱)

لوءِ وارن بزرگن جو حضرت جن ڏانهن ان طرح چورائي موکلڻ جو مطلب مٽن چٽر کرڻ هو! جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته مذکوره بزرگن کي حضرت جن جي حلقئه ارادت، ۽ نفوذو اثر تي خوامخواهه جي چڙ هئي، ورنه ان طرح سان کين پيغام چورائي موکلڻ جو مطلب کهڙو هيو؟

اهڙي طرح حضرت جن تي وقت جا حاکم به ڪٽکيون کائيندا هئا. ليکن سندس ذات والا صفات کڏهن به جذبات ۾ اچي انهن کي ۽ ناشائسته الفاظن سان جواب کونه ڏنو، بلڪ کين سهڻي ۽ ناصحانه انداز سان لاجواب کندا رهيا. هڪ دفعو پاڻ کن سوالين کي چڏائڻ خاطر مير غلام علي ٽالپر (جيکو ان وقت حاکم هيو) ڏانهن ويا. مير صاحب اعتراض کندي چيو ته حضرتا! پوک ڏاڍي آباد کيو، پر سيئي سقيم ٿي پئي. تڏهن پاڻ مير صاحب کي جواب ڏيندي فرمايائون ته سقيم ٿيندي، ته به حاکم جي دل کان بي حساب رهندي (۲)

مير غلام علي جو حضرت جن کي ائين چوڻ جو مطلب اهو هو ته توهان مريد ته گهٽائي کيا، ليکن فيض وارا نه ٿيا. تڏهن حضرت جن مير صاحب کي مکالمي جو جواب اهڙي ته اندازي سان ڏيڻ فرمايائون جو مير صاحب لاجواب ٿي پيو.

ٻيو دفعو هڪ هنڌ کنهن اعتراض کندڙ حضرت جن کي چيو ته "حضرتا! اوهان جا فقير پٽُ ڏاڍو ٿا کائين". پاڻ ان شخص کي جواب ۾ فرمايائون ته "جيکي ماڻهو بيمار هوندا آهن، ته انهن کي کائڻ مشکل لڳندو آهي باقي جيکي چگا پلا تندرست توانا هوندا آهن ته اهي ڏوڪري کائيندا آهن ۽ انهيءَ کري کين تکليف به کانه ٿيندي آهي". سندن ان طرح جواب ٻڌڻ شرط اهو اعتراض کندڙ خاموش ٿي ويو.

هڪ ٻئي معترض، اعتراض کيو ته حضرتا! اوهان جا مريد تيل سرمي جا ڏاڍا شوقين آهن. پاڻ ان کي فرمايائون ته جيکا عورت خوش خلق، سليڇي سگهڑ

(۱) ملفوظات مترجم جلد۳ ص۲۳۸

(۲) ملفوظات شريف مترجم جلد اول ص۱۹۵

www.maktabah.org

هوندي آهي، انهيءَ جي اولاد ۾ صاف ۽ سينگاريل هوندي آهي، ۽ جيڪا عورت بد خصلت، گندگي ۽ پليتي ۾ ٽبيل هوندي، تہ ان جي اولاد ۾ اهڙي ئي گدلي نظر ايندي(۱)

هڪ طرف ان دور ۾ حضرت جن مٹان اهڙن اجاين اعتراضن کڙڪ جي پرمار لڳل هئي، تہ ٻئي طرف سندُن پنهنجي مريدن ۽ معتقدن کي اهو فرمان هيو تہ جيڪو شخص، ڪنهن ۾ بزرگ جي خاندان جي شڪايت ڪندو تہ انهيءَ گويا پنهنجي مرشد جي شڪايت ڪئي(۲)

پاڻ هڪ دفعو درگاهہ شريف تي وعظ ونصيحت ڪندي ارشاد فرمايائون تہ "اي ياروا فقيرن کي ادب درڪار آهي، ڪپي تہ پنهنجي طريقي کان سواءِ جيڪي ٻيا طريقا آهن تن جو ۾ بي ادب نہ ٿجي"(۳)

خليفي محمود رحمةَ الله تعاليٰ عليه بيان ڪيو تہ هڪ دفعو حضرت جن مون کي فرمايو تہ "اسين خدا تعاليٰ جي خلق سان ٻيا خير خواهي ڪيون، ۽ هو وري اسان جي انهيءَ خير طلبي جي عيوض اسان جي بد خواهي ۽ شرارت ٻيا ڪن" (۴)

انهن سيني تاريخي ثبوتن ملڻ بعد اهو معلوم ٿئي ٿو تہ حضرت جن مٹان ان دور جا ماڻهو ڪيتري نہ خار ڪائيندا هئا، جو اجايو بهتان گهڙي مٹن هٽندا رهيا!

اهي تہ هئا حضرت جن جي دور جا ماڻهو، جيڪي شروع کان ئي ساڻن اهو رويو رکيو آيا. ليڪن ان ڏس ۾ ويجهي دور جي مؤرخن جي پڻ اها ساڳي روش معلوم ٿئي ٿي. جنهن جو ثبوت مرزا قليچ بيگ کان وٺي، موجوده دور جي ليکڪن جي لکتين مان پڻ ملي ٿو.

مرزا قليچ بيگ پنهنجي ڪتاب "احوال حضرت شاهہ عبد اللطيف ڀٽائي" ۾ شاهہ صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي ڪرامت ۽ پيش گوئي کي بيان ڪندي ان ضمن ۾ لکي ٿو تہ: "راشد شاهي پيرن جا مريد پنهنجي مرشد کي خدا وانگر پوڄيندا آهن، ۽ انهن ۾ ايترو اعتماد اٽن جو سندن نسبت ۾ اجايو ڪفر جهڙيون

(۱) ملفوظات شريف مترجم جلد اول ايضاً ص۱۹۵
(۲) ايضاً ص۲۱۲
(۳) ايضاً ص۲۱۸
(۴) ايضا ص۲۱۳

www.maktabah.org

ڳالهيون ڪندا آهن."(۱)

مرزا قليچ بيگ کي راشد شاهي پير جي مريدن ۾ الائي ڪهڙي ڪفر جي ڳالهه نظر آئي؟ جو ڳالهه پيو ڪري شاهه سائين رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي ڪرامت ۽ پيشين گوئي جي، ۽ وري اتي ئي سيد محمد راشد رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي جماعت مٽان ڪفر جي فتويٰ لڳائيندي دير ئي ڪانه ٿو ڪري. ۽ چونه مرزا صاحب انگريزن جي دشمنن سان اهڙو رويو رکي! جڏهن ته پاڻ بنفس نفيس انگريزن سان ايترو ته وفادار هيو جو هڪ دفعي ۱۹۲۷ع ۾ جي - ايم - سيد، سن ۾ جڏهن باب قليچ نالي هڪ دروازو ٺهرائي تيار ڪيو هو، جنهن جي افتتاحي مجلس شاهه حيدر سنائي جي سالانه ميلي جي موقعي تي رکي هئائين، تڏهن ان مجلس جي افتتاح لاءِ مرزا قليچ کي دعوت موڪلياٸين ته جيئن ان محفل ۾ شريڪ ٿي تقرير اچي ڪري. پوءِ جڏهن جناب جي - ايم - سيد صاحب جو پيغام مرزا صاحب کي پهتو، ته ان جي جواب ۾ جيڪو خط لکياٸين سو تاريخي اعتبار کان وڏي اهميت رکي ٿو، ۽ ان خط ۾ سندس انگريز بهادر سرڪار سان پوري پوري وفاداريءَ جو ثبوت ملي ٿو. سندس ان لکيل خط جو اقتباس "اڄ پڻ چڪيم چاڪ" ڪتاب تان پيش ڪجي ٿو، جنهن جي پڙهڻ ۽ سمجهڻ کان پوءِ متس کابه ميارناهي، ڇو ته جيڪو ماڻهو انگريز سرڪار جي خلاف ڪجهه به ٻڌڻ پسند نه ڪري، ۽ تحريڪ خلافت وارن ماڻهن سان مجلس ۾ ويهڻ يا ڏسڻ به گوارا نه ڪري، ته پوءِ اهڙي ماڻهوءَ مان، ان خاندان بابت ڪهڙي ڇگائيءَ جي اميد رکي سگهبي؟ جيڪو خاندان شروع کان وٺي، آخر تائين انگريزن سان برسر پيڪار رهيو، ۽ جنهن باقاعدي انگريز سان جنگ جوٽي، ڪيس هن پاڪ سرزمين مان لوڏي ڪيڏ لاءِ اعلان جهاد ڪري دنيا جي جنگجُو بهادرن ۽ ڏهيسرن ۾ پنهنجو نالو داخل ڪرائي ڇڏيو.

پوءِ اهڙي انگريز دشمن خاندان جي وڏي، جناب حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي باري ۾ انگريز سرڪار جو پگهاردار، پڪو وفادار ائين نه لکندو ته ٻيو ڇا لکندو؟ جناب مرزا قليچ بيگ جي لکيل خط جو اقتباس پيش ڪجي ٿو، جنهن ۾ هن صاحب، جناب جي - ايم - سيد صاحب کان مطالبو ڪيو هيو ته "مون کي ان مجلس ۾ شريڪ ٿيندڙ ماڻهن کان اڳ ۾ آگاهه ڪيو ته ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو ان مجلس مذاڪري ۾ شريڪ ٿيندا. آيا (منهنجي

(۱) احوال شاهه عبد اللطيف ڀٽائي ص۶۹.

www.maktabah.org

من پسند) برطانيہ گورنمينٽ جي خلاف ته نہ ڳالهايو ويندو." هو صاحب لکي ٿو ته "ليکن پهرين مون کي خبر گهرجي، ته انهيءَ کانفرنس ۾ ميلي تي اچڻ وارا ماڻهو کهڙي قسم جا هوندا، ۽ سرکار جي برخلاف کي کجهه چوڻ ۾ ته نہ ايندو. متان سوارجي يا خلاقتي ماڻهو حاضر ٿي نامناسب گفتگو کن، اهڙي خاطري اڳواٽ گهرجي. اها به خبر ڏجو ته انهيءَ کانفرنس جو پريزيڊنٽ يا صدر ڪير ٿيٽو آهي؟(۱)

مرزا صاحب جن جي مٿين خط پڙهڻ بعد، چگي طرح معلوم ٿو ٿئي ته ڪيس انگريز سرکار سان دوستي نيائڻ جو ڪيڏو نہ اونو هيو. پوءِ اهڙو ماڻهو جيکو انگريزن جو سچو ساٿي وفادارهجي، اهو انگريزن جي دشمنن لاءِ ايترو نہ لکندو ته ٻيو ڇا لکندو؟ راشدي خاندان ته انگريزن سان اهڙيون چڪريون کاڌيون جن جو اعتراف ڏاريان مورخ به ڪري چکا آهن.

ان ڪري هت روسي ليکڪ جناب وي- ايف- آگئيف جي ڪتاب (سنڌ تاريخ جي آئيني ۾) جو حوالو پيش ڪرڻ کان پوءِ فيصلو پڙهندڙن تي ٿو ڇڏجي، ته هو ان مان اندازو لڳائين، ته راشدي خاندان ظالم انگريز کي هتان لوڏي ڪيڏ لاءِ ڇا ڇا نہ ڪيو؟ هن صاحب، انگريز دور حڪومت دوران صوبائي خود مختياري جي جدوجهد جي باري ۾ لکيو آهي ته: "۱۸۹۳ع ۾ مقامي صوفي سلسلي حر برادريءَ جي ليڊرن ۽ اڳواڻن جي اڳواڻي ۾، جاگيردار دشمن، ۽ سامراج دشمن تحريڪ شروع ٿي، جنهن اڳتي هلي ۱۸۹۶ع ۾ عوامي بغاوت جو رخ اختيار ڪيو. جيڪا ڏهن سالن جي عرصي کان وڌيڪ هلندي رهي، ۽ آخر نتيجي ۾ حرن پنهنجي خود مختيار آزاد باغي رياست جو قيام عمل ۾ آڻي، پنهنجا انتظامي ادارا تشڪيل ڏئي ڇڏيا(۲)

هاڻي پڙهندڙ حضرات خود اندازو لڳائين، ته حر جيکي شروع کان وٺي انگريز جا سخت مخالف ۽ دشمن هئا، انهن جي اڳواڻن ۽ وڏن جي باري ۾، هڪ انگريز سرکار جي وفادار مورخ کان کهڙي توقع ڪري سگهجي ٿي؟ ان باري ۾ مرزا صاحب تي کابه ميار ڏيڻ مناسب نٿا سمجهون. باقي مرزا صاحب جن جي من پسند انگريز حڪومت سان سندس وفاداري واري راز کي پڙهندڙن آڏو وائکو ڪرڻ وارو جهاد ضرور ڪيو اٿئون، ۽ اهو منهنجي

(۱) اڇ پڻ چڪير چاڪ ص۱۴
(۲) سنڌ تاريخ جي آئيني ۾ (اردو) ص۵۴

www.maktabah.org

فريضي ۾ شامل هيو، ته حضرت صاحب جن جي سوانح حيات تي لکڻ دوران ساڻن لاڳاپيل مضمونن متعلق تاريخ حقائق پيش ڪريان.

آخر ۾ جناب ڊاڪٽر محمد جمن ٽالپر جي ڪتاب(سنڌ جا اسلامي درسگاهه)جي باري ۾ عرض آهي ته هن صاحب به سابقہ روايت کي برقرار رکندي تذکره مشاهير سنڌ جي اقتباس کي جيئن جو تيئن لکي ڇڏيو آهي. حالانڪ مذڪور ڊاڪٽر صاحب کي ڪپندو هيو ته موجوده سائنسي دور ۾ پرک ۽ تحقيق جا سيئي طريقا استعمال ڪندي، حضرت پير سائين روضي ڏٹي رحمۃ الله تعاليٰ عليه جن جي باري ۾ هن طرح اٽاريل اعتراض جي حقيقي ۽ اصلي چنڊچاڻ ڪان ڪر وڃي ها، ليڪن محترم ٽالپر صاحب به محنت ۽ تحقيق کان لنوائيندي، سابقہ روايت جي اڪيون ٻوٽي تصديق ڪري ڇڏي آهي.

نتيجو:

جيئن شروع ۾ ئي واضح ٿي چڪو آهي، ته ڪن مؤرخن حضرت روضي ڏٹي رحمۃ الله تعاليٰ عليه جن ڏانهن غلط روايتن کي منسوب ڪري ڇڏيو هو، جيڪو هن وقت تائين سلسلو جاري آهي، جن جو اصل ۾ بنياد ئي ڪوڙ هيو، ليڪن پوءِ به انهن ماڻهن کي الائي ڪيئن حضرت جن ۾ اهي بي بنياد ڳالهيون ڏسڻ، ۽ ٻڌڻ ۾ آيون. انهن سيني تاريخي غلطين جو هن هڪ مختصر تحقيقي جائزو پيش ڪيو ويو آهي،جنهن کي پڙهڻ بعد هر ذي شعور ۽ اهل علم، اصل حقيقت کان آگاهي حاصل ڪري سگهي ٿو، ته مٿن اٽاريل اعتراضن جو اصل ۾ ڪوبه وجود نه آهي، صرف معاصرت ۽ مخاصمت جي ڪري، ڪن مورخن کان اها تاريخي غلطي ضبط تحرير ۾ اچي وئي ۽ بس!!

www.maktabah.org

باب ٽيون

فصل پهريون

سندن شعر و شاعريءَ تي هڪ اجمالي نظر

مختصر تعارف:

شعر و شاعري انسان جي هڪ اهڙي خوبي آهي، جنهن ذريعي هو پنهنجي ذهني، فڪري ۽ اخلاقي جذبات کان سواءِ، پنهنجي قلبي ڪيفيات ۽ وجداني واردات جو ذڪر خوش بيانيءَ سان ڪندو آهي.

ان ڏس ۾ جناب ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل صاحب لکيو آهي ته، "شاعري قومي جذبات جي نشر ۽ اعلان جو هڪ مخصوص ذريعو آهي، ۽ مذهبي اثرات کي ڪنن تائين پهچائڻ، ۽ دلنشين ڪرڻ جو به هڪ خاص وسيلو آهي." جناب ڊاڪٽر صاحب نثر جي مقابلي ۾ شعر و شاعري جي وڌيڪ ۽ عام مقبوليت کي هنن لفظن ۾ بيان ڪندي لکي ٿو ته "نثر جي عبارتن جون ترڪيبون ڪيتريون ئي سٽيون ڇو نه هجن، پر وات مان نڪرڻ کان پوءِ دلين ۾ يا حافظي ۾ محفوظ نٿيون رهن، پر هڪ درد سان پريل شعر کان پوءِ انسان گهٽي وقت تائين پيو جهولندو آهي، ۽ اهو شعر دل ۾ اهڙو ته گهر ڪري ويندو آهي جو سڄي جمار ياد رهندو آهي". (۱)

سنڌ جا سيئي عالم ان ڳالهه تي متفق آهن ته سنڌي ادب جي شروعات شعر و شاعري سان ٿي، ۽ نثري ادب ان کان پوءِ پيدا ٿيو، جنهن جو پتو اسان کي سمن سومرن جي آخري دور کان معلوم ٿئي ٿو. ليڪن ان کان پوءِ پيدا ٿيل قاضي قادن، مخدوم نوح ۽ شاهه ڪريم کان وٺي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي دور تائين سنڌي شاعري جي اوسر بهتر طور تي معلوم ٿئي ٿي. انهن بزرگن بيتن، ڪافي ڏوهيڙن ۽ وائي وسيلي پنهنجي جذبات جو اظهار ڪيو. جنهن ۾ تصوف سان گڏوگڏ استعاري ۽ ڪنايي واري شاعري ذريعي مجازي عشق جي بيان جي آڙ ۾، تصوف جي

(۱) سه ماهي مهراڻ سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ۱۹۶۲ص۹۰

www.maktabah.org

مسئلن جي تشريح ۽ ترجماني ڪئي. ان ڪري ان چوڻ ۾ حق بجانب آهيون ته ۽ سڀ ڪان پهريائين هتان جي بزرگن، عالمن، عارفن تصوف ۽ ديني فروغ ۽ اشاعت واسطي سنڌي شاعريءَ کي ذريعو بنائي، ان عظيم ڪم کي سر انجام پي ڏنو آهي، ۽ سنڌي شاعري قديم دور کان وٺي ديني، مذهبي ۽ اخلاقي تصوف جي ترجماني ڪندي آئي آهي.

ان حقيقت جي پيش نظر، سنڌ جي پلاري بزرگ حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي سنڌي ڪلام کي سامهون رکندي، اجمالي طرح سان بيان ٿو ڪجي ته سندن سمورو ڪلام الله تعاليٰ جي محبت ۽ رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جي عشق سان سرشار آهي. منجهس عشق الاهيءَ سان گڏوگڏ عشق رسول الله صلي الله عليه وسلم اهڙو ته سمايل آهي جو لفظ لفظ ۾ سوين رمزون ۽ معنائون ڳجهيون آهن. سندن ڪلام جي سڀ کان وڏي انفراديت اها آهي جو پاڻ سيني شاعرن کان جدا هڪ نئين راهه اختيار ڪيائون. جنهن سندن ڪلام کي ويتر جاذبيت بخشي. سندن ڪلام جي بي خوبي سوز، گداز، آهي جو ڪنهن ٻئي شاعر جي شعر ۽ ڪلام ۾ ان طرح سان ملڻ محال آهي.

سندن ڪلام جي خصوصيت:

حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه سنڌ جو اهو باڪمال شاعر ٿي گذريو آهي، جنهن جي ڪلام ۾ شاعري واريون سڀئي خوبيون، جهڙوڪ فصاحت ۽ بلاغت، سلاست رواني، جدت ۽ درد جو عنصر تمام گهڻو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. سندن شعر تمام سادو ۽ سليس. ليڪن فصاحت ۽ بلاغت جي لحاظ سان اهو چوليون هٽندڙ اڻ ڪٽ سمند ياڻنجي ٿو، جنهن جي لفظ لفظ ۾ هزارين معنائون ۽ راز ڳجها معلوم ٿين ٿا.

فصاحت ۽ بلاغت:

جيئن ته حضرت جن ڪامل اڪمل ولي الله هڻڻ سان گڏوگڏ حقيقت جي رازن بيان ڪرڻ وارا بهترين شاعر ٿي گذريا آهن، ۽ سندن سمورو ڪلام ان صفت سان پرپور نظر اچي ٿو. پاڻ پنهنجي شاعري ۾ سنڌي ٻولي جا عام استعمال ٿيندڙ لفظ اهڙي

www.maktabah.org